ڪنبڙيءَ
وارن جو ڪلام

[روحل فقير ۽ مراد فقير]

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ
١٤٠٣ھ

ڪنڊڙيءَ وارن جي ڪلام جو هي
خصوصي ڇاپو سچل سائينءَ جي
ساليانه ميلي ١٤٠٣ھ جي مبارڪ
موقعي تي شايع ڪيو ويو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

ڪنبڙيءَ وارن جو ڪلام

روحل فقير ۽ مراد فقير

مرتب

لطف الله بدوي

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ
۱۴۰۳ھ

چاپو پهريون سال ١٩٦٤ع تعداد ١٠٠٠
چاپو ٻيو سال ١٩٨٣ع تعداد ١٠٠٠

[سنڌي ادبي بورڊ جا حق ۽ واسطا قائم]

قيمت: پندرهن روپيا
[Price: Rs. 15-00]

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس، ڄامشورو سنڌ.
(جي. پي. او باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد سنڌ)

هيءَ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ ۾ مئنيجر ميان الله بچائي يوسف زئي ڇپيو ۽ مسٽر غلام رباني آگري، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

فهرست

١- عرض مرتب
٢- مقدمو
- روحل فقير
- مراد فقير ٢٥
٣- ڪلام روحل فقير
● سنڌي:
بيت توحيد جا ٦١
متفرقه ٦٩
سر سهڻي ٧٠
● سرائڪي:
دوهڙا ٧٥
سي حرفي (١) ٨١
سي حرفي (٢) ٨٦
ڪافيون ٩٣
٤- ڪلام مراد فقير
● سنڌي:
معرفت ١٠٣
سر سهڻي ١٠٩
سر سسئي ١١٢
سر مومل راڻو ١١٧
سر عمر مارئي ١١٨
سر نوري ١١٩
سر ليلا- چنيسر ١٢٠

سر گهاتو	۱۲۱
سر ساموئڊي	۱۲۲
سر ارباتي	۱۲۳
سر پورب	۱۲۵
بيت متفرق	۱۲۸
سي حرفي	۱۳۳
عشقيہ	۱۴۱

● سرائڪي:

دوهڙا	۱۴۹
هير رانجهو	۱۶۳
سي حرفي (جهولڻو)	۱۶۵
ڪافيون	۱۷۳

مَر مَرڪي ملاحن ۾، نٿوري نوراني،
جنهن جهوليءَ چنڊ جڻهي پيو، سمو سلطاني.

— مراد

عرض مرتب

سنڌي ادبي بورڊ طرفان مون کي ڪنڊڙي (تعلقي روهڙي) جي درويشن جي ڪلام جمع ڪرڻ لاءِ دعوت ڏني ويئي هئي. عرصي کان تمنا هئي ته انهن جي ڪلام کي جلد مرتب ڪري پيش ڪيو وڃي، پر حالات جي ناسازگاريءَ سبب ترتيب ۾ دير پوندي رهي. ان جو وڏو سبب اهو هو ته مٿين بزرگن جو ڪلام هر جاءِ تي منتشر حالت ۾ دستياب ٿيندو رهيو، ان جي ترتيب ڪا آسان ڳالهه نه هئي. "بياض خادمي" فقير روحل ۽ فقير مراد جو سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام ڪنهن حد تائين ملي ويو. اهو ما ڳيو ڪلام سکر جي هڪ ڪتب فروش، هريسنگهه ٻه ڇپايو هو (فقير مراد جي سنڌي ڪلام کان سواءِ) "تذڪره" جي ترتيب وقت، فقير غلام علي "مسرور" وٽ فقير روحل ۽ فقير مراد جو گهڻيءَ حد تائين ڪلام موجود ڏٺو هوم. منهنجي دوست سانوڻمل، رٽائرڊ سپروائيزنگ تپدار ڏهرڪي، وٽ فقير صاحبن جي مڪمل ڪلام جي موجودگيءَ جو اطلاع ته پيم. مگر ان صاحب وٽان به ڪجهه جزوي ڪلام ئي ميسر ٿي سگهيو.

مئي ١٩٥٦ع ۾، هڪ ڏينهن صبح جي وقت جيئن آءٌ فقير صاحبن جي ڪلام جي ترتيب ۾ مشغول هوس، تيئن اوچتو هڪ غريب شخص، جنهن جي ڪپڙن ۾ ڪيئي پيوند هئا، مون وٽ آيو. سندس وار خاڪ آلود هئا ۽ منهن ۾ ڪيئي گهنڊ پيل هيس، جن مان سندس عمر جو اندازو آسانيءَ سان لڳي ٿي سگهيو. هن مون کان سوال ڪيو ته "اوهين ڪنڊڙيءَ جي درويشن جو ڪلام گڏ ڪري رهيا آهيو؟" منهنجي اثباتي جواب تي هن وعدو ڪيو ته هو منهنجي خاطر خواهه مدد ڪندو. پوءِ هو هليو ويو.

سندس انتظار ڪندي مهينو گذري ويو، پر ڪتاب نہ موٽيو.
مون سندس وعدي کي هڪ اتفاقي حقيقت سمجهي. هو وسري چڪو هو، جو وري جون جي آخري هفتي ۾ اچي نڪتو. سندس هٿ ۾ هڪ ڪتاب هو، جو مون کي ڏيئي ويو. مان پيٽ کي لڳي ويس ۽ ڪافي ڪلام هٿ آيم. پوئين دفعي جڏهن ڪتاب کي موٽائي وٺي آيو، تڏهن پنهنجو اصلي نالو لڪائي، فقط "بيراڳي" ٻڌايائين. مان ان اجنبيءَ جو، جو ڏسڻ ۾ تہ واقعي "بيراڳي" هو، بيحد ٿورائتو آهيان، جنهن کان روحل فقير جي هڪ ناياب سي حرفي ۽ ڪجهہ ڪافيون، ۽ مراد فقير جو عشقيہ ڪلام ۽ جهولڻو حاصل ٿيا. جيڪڏهن حياتي مستعار رهي ۽ هيءَ ترتيب شايع ٿي ويئي ۽ هو موقعي تي آيو، تہ پنهنجو پورهيو ان جي سامهون ضرور پيش ڪندس.

مون کي هن حقيقت جو بيحد افسوس آهي تہ جي بہ مسودا مليا آهن، انهن ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ غلطيون ضرور موجود هيون. مراد فقير ۽ روحل فقير جي سنڌي ڪلام جو ڪجهہ حصو مسٽر بولچند "سنڌو" رسالي ۾ بہ ڏنو هو، جنهن جي گڏ ڪرڻ ۾ سندس مدد ڪئي هيم. آخر ۾ مان پنهنجي ڪرمفرما، سيد عبدالحسين شاهہ موسويءَ جو بيحد ٿورائتو آهيان، جنهن پڻ هن ڏس ۾ ڪافي مدد ڪئي اٿم.

بهرحال، سنڌ جي هنن ٻن عارفن جي ڪلام کي يڪجا ڪيو اٿم. شايد سندن ڪلام جو ڪو حصو اڃا بہ مون تائين نہ پهتو هجي. جيڪڏهن اهو حاصل ٿي ويو، جنهن جي گهٽ اميد آهي، تہ پوءِ ٻي ايڊيشن ۾ ان کي شامل ڪيو ويندو. سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام جي طباعت کان پوءِ، هندي ڪلام کي ترتيب ڏني ويندي. اميد آهي تہ منهنجي هيءَ ڪاوش سنڌي زبان جي گهڻگهرن وٽ مقبوليت حاصل ڪندي.

شڪارپور، ۱۴- آگسٽ ۱۹۶۱ع — لطف الله بدوي

مقدمو

سنڌ جي شاعرن مان جن تي حيات جاويد جو نوراني تاج جڳمڳ ڪري رهيو آهي، ڪنڊڙيءَ (تعلقي روهڙي) جي درويش شاعرن جا نسالا خصوصيت سان ونڻ جي لائق آهن. هنن عظيم شاعرن جي گروهه جو سرچشمو ۽ مقتدا، صوفي فقير "روحل" آهي، جنهن جي پرڪيف ميخاني جو فيض نسلاً بعد نسل جاري رهندو آيو - پيءُ پٽ جو، ڀاءُ ڀاءُ جو، چاچو ڀائٽي جو، سلسليوار خضر بڻيو رهيو. اهڙي ريت هيءُ خاندان قريب ٻن صدين کان سنڌي شاعريءَ جي شمع کي روشن رکندو آيو. سنڌ وارن تي هي سندن فراموش نه ٿيڻ جهڙو احسان هميشه ڳائبو، ۽ ساراهبو رهندو.

روحل فقير ذات جو زنگيجو هو، جيئن پنهنجي ڪلام ۾ هڪ هنڌ آن جو ذڪر تو ڪري:

لوڪ آکي هي "روحل" ٻوليندا،
ڪوئي آکي هي ذات زنگيجا،
نهين روحل، نهين ذات زنگيجا،
اي ڪوئي سرّ الاهي هي.

فقير صاحب جي والد جو اسم گرامي شاهو فقير هو، جيئن پنهنجيءَ تصنيف "آگم وارتا" ۾ ان جو ذڪر ڪري ٿو:

ميلي سنگي، ست ساٿي، پرگهٽ آئي،
پورنماس چڪورا آيا، گهر شاهو ڪي پائي.

(حيا ۽ سچ جو ساٿي ظهور ۾ آيو، چوڏهينءَ جي چانڊوڪيءَ ۾ چڪور آيو، ۽ شاهو جي گهر ۾ پيدا ٿيو.)

ٻئي هنڌ ساڳيءَ تصنيف ۾ چوي ٿو:

باپ ميرا شاهو ناهين، آس گهر نهين مات،
جنني هم جايا نهين، ڪال ورن هم نهين جات.

(منهنجو پيءُ شاهو نہ آهي، نہ وري آن گهر ۾ منهنجي ڪا ماءُ ئي آهي: مان ڪنهن ماں ٻي نہ ڄائو آهيان، ۽ نہ وري موت جي هٿن ۾ وڃڻ وارو آهيان.)

بهرحال، جيئن فقير صاحب لکي ٿو، سندس والد بزرگوار جو نالو فقير شاهو هو.

فقير صاحب جو اصل وطن ٿرُ هو. هو عمرڪوٽ جي پرسان ڪنهن پيٽ جو رهندڙ هو. ريگستان جي زمين تي ڄائو، گولاڙن ۽ گگرين ۾ پلجي وڏو ٿيو. افسوس جو مون کي سندس ولادت جي پڪي تاريخ دستياب ٿي نہ سگهي آهي، مگر تاريخي واقعات جي ملائڻ سان تخميني لڳائي سگهجي ٿو. فقير صاحب پنهنجي تصنيف "آگم وارتا" جوڌپور جي والي، راجا بجيہ سنگھ، لاءِ تصنيف ڪئي هئي. هيءَ تصنيف سوال ۽ جواب جي صورت ۾ آهي. راجا جي درباري پنڊت، ايشرسنگھ، راجا جي سامهون فقير صاحب کان سوال ڪيا ٿي، جن جا جواب فقير صاحب ڏيندو ٿي رهيو.

هن تصنيف جو جامع لکي ٿو: "سنمپاد روحل صاحب اور شري راجا بجيہ سنگھ جي." (روحل صاحب ۽ راجا بجيہ سنگھ جي سامهون.) ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ فقير صاحب بجيہ سنگھ جو همعصر هو. راجہ بجيہ سنگھ، ميان نورمحمد ڪلهوڙي (١)، ميان غلام شاهہ، ميان سرفراز ۽ ميان عبدالنبيءَ جو همعصر هو. سنڌ جي هنن تاجدارن مان، ميان غلام شاهہ ئي سنڌ تي طويل عرصو حڪومت ڪئي. ميان سرفراز ۽ ميان عبدالنبيءَ جي حڪومت جو دور ڪهڙي جو چڱو هو. راجا بجيہ سنگھ جي ابتدائي دور ۾ ميان نورمحمد فوت ٿي ويو. سنڌ جي تاريخ مان جيئن معلوم ٿئي ٿو، هن ئي راجا، مير بجار جي شهادت لاءِ پنهنجا ماڻهو سنبرائي موڪليا هئا. هالاڻيءَ جي جنگ (١٧٨٣ع) وقت جا مير فتح علي ۽ ميان عبدالنبيءَ جي وچ ۾ لڳي هئي، بجيہ سنگھ جوڌپور

(١) جيمس ٽاڊ: "اينالس اينڊ اينٽيڪيٽيز آف راجسٿان"، ص ٢٥٣

جو حاڪم هو. ڪيس ئي سنڌ جي بدنام حاڪم ميان عبدالنبيءَ عمرڪوٽ جو قلعو ۽ ان جي پر وارو ملڪ ڏيئي ڇڏيو هو. هن سڄي تفصيل ڏيڻ منجهان مراد آهي ته معلوم ٿئي ته فقير روحل ڪهڙي وقت، راجا بجيه سنگ سان ملاقات ڪئي هئي. جيئن هيٺ هلي تفصيل سان معلوم ٿيندو ته فقير صاحب ميان سرفراز جي حڪومت جي دور ۾ ترڪ دنيا ڪري، سير ۽ سفر تي نڪري پيو هو. ان وقت ۾ هو ڪافي عمر جو ٿي چڪو هو. قياساً جيڪڏهن ان وقت سندس عمر ٤٤ ورهيه شمار ڪئي وڃي، ته سندس ولادت جو سال ١٧٣٣ يا ١٧٣٤ع* ٿي سگهي ٿو. هن بحث ۾ قياس کان ئي ڪم ورتو ويو آهي. ممڪن آهي ته هن اندازي ۾ ٿورو تفاوت هجي، پر ان ڪي ڪا ايڏي اهميت نه آهي. والله اعلم بالصواب.

شاهو فقير کي ٽي پٽ هئا. وڏي جو نالو سلطان، ۽ ننڍي پٽ جو نالو ٽيوو هو؛ روحل فقير وچون هو. روحل فقير جو ننڍپڻ ڪيئن گذريو ۽ هن ڪهڙي تعليم حاصل ڪئي، سي حالات تاريڪيءَ ۾ آهن. پر ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته سندس تعليم سٺي نموني ۾ ٿي، سندس ڪلام جي پختگيءَ ۽ رواني‌ءَ کي ڏسي، يقين سان چئي سگهجي ٿو ته کيس سنڌيءَ سان گڏ، فارسيءَ ۽ عربيءَ جي به چڱي لياقت هئي. جيئن ته ٿر جي حصي جو رخ جوڌپور ۽ جيسلمير رياستن ڏي آهي، جتي هنديءَ جو زياده رواج هو، فقير صاحب هنديءَ کي به حاصل ڪري ورتو هو. هنديءَ تي کيس ڪافي عبور حاصل هو، جيئن اسان کي هندي تصنيفات مان نظر اچي ٿو.

تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ، جڏهن فقير صاحب جوانيءَ جي سن کي پهتو، تڏهن ان وقت ڪلهوڙن جي دربار ۾ سندس رسائي ٿي. جيئن سندس خانداني روايتن مان معلوم ٿئي ٿو، هو راڄو ليکيءَ جو ماسات هو، جو نورمحمد ڪلهوڙي جي دور ۾، سرڪاري ملازمت

* ميان سرفراز خان سن ١٧٧٣ع ۾ تخت تي ويٺو.

۾ گهڙيو هو ۽ ميان غلام شاهه جي حڪومت جي دور ۾، ترقي ڪري، وزير جي عهدي تي وڃي پهتو هو. غلام شاهه جي حڪومت جي دور ۾ ٻن شخصيتن وڏي حيثيت حاصل ڪئي هئي -- هڪ مير بهرام، ۽ ٻيو راڄوليڪي. ليڪي وڏو دوراَنديش شخص هو. حڪومت ۾ پنهنجي اقتدار کي قائم رکڻ لاءِ، هن پنهنجي عزيزن ۽ قرٻين مان گهڻن کي سرڪاري ملازمت ۾ آندو. جيئن زباني روايتون آهن، راڄوليڪيءَ جي مدد سان، روحل فقير به سرڪاري ملازمت ۾ داخل ٿيو.

ميان غلام شاهه، فقير صاحب جي خصلتن کان پوري ريت واقف هو -- سانتيڪو مزاج، نهٺي طبيعت، هوس ۽ حرص کان دور. ميان صاحب سندس سرپرست بڻجي پيو. هوريان هوريان، ترقي ڪري، روحل فقير توشاخاني جو ناظر مقرر ٿيو. هيءُ عهدو ڪا ٿوري شيءِ نه هئي، مگر هو اُن رتبي تي پهچڻ کان پوءِ به اڳي وانگر نهٺو ۽ سادگيءَ جي صورت بڻيو رهيو. اُن زماني ۾ به هو 'دست به ڪار ۽ دل به يار' جو نمونو ٿي رهيو.

فيضانِ الاهي جڏهن ڪنهن دل کي پنهنجي لاءِ انتخاب ڪندو آهي، ته اُن ۾ انساني شرف جون سڀئي سعادتون اڳ ۾ ئي موجود ٿي وينديون آهن. روحل فقير جي به پاڪيزه دل اهڙيءَ ريت انوارالاهيءَ جي جلوه لاءِ پئي تيار ٿي. اوچتو ئي اوچتو سن ١٧٧٢ع ڌاري، سنڌ جو ڪريم النفس حاڪم ميان غلام شاهه گذاري ويو ۽ سندس فرزند ميان سرفراز حڪومت جون واڳون ورتيون. جواني ۽ الهڙپڻ، سياست کان ناواقفي- اِهي اهڙيون شيون هيون، جي نوجوان تاجدار کي بي احتياطيءَ جي طرف وٺي ويون. هو راڄوليڪيءَ جي هٿن ۾ ڪٺپتلي رهيو هو، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو هو پنهنجي قديم خانداني محسن، مير بهرام کان ڪشيده ٿي ويو. فقير صاحب اگرچه راڄوليڪيءَ جو طرفدار هو ۽ سندس ئي ماڻهو ٿي سمجهيو ويو، مگر حق ۽ صداقت کيس متاثر ڪيو. مير بهرام جي خلاف منصوبن کي ڏسي هو لرزي

آئيو. سندس دل تہ ھن ست رنگيءَ دنيا کان اڳ ۾ ئي بيزار ھئي.
خالي ٿالي ۽ نمود کان ھو گھڻو پري ھو، پر ھاڻي سندس علمي مطالعو
بہ وسيع ٿي ويو. ھن چاتو ٿي تہ ھنن منصوبن جو نتيجو ڇا نڪرندو.
ھن دنيا جي شان شوڪت، مال ۽ دولت جي بي جتاءَ ڪڪر جي
ڇانوَ کي قريب ٿي ڏٺو. ھٿ ۾ استعيفا جو ڪاغذ کڻي، ميان سرفراز
جي دربار ۾ پھتو. ميان جي طبيعت ۾ ھوءَ تبديلي ۽ اصلاح آڻي
نہ سگھيو، آن ڪري ھن سندس ترڪ ملازمت جو پختو عزم ڪيو
ھو. ھو ھڪ قديمي ملازم ھو، جو پنھنجي تجربيڪاريءَ ۽ ديانتداريءَ
کان مشھور ھو، تنھنڪري ميان سرفراز سندس استعيفا کي منظور
ڪرڻ ۾ تامل کان ڪم ورتو ۽ پاڻ وٽ رھڻ لاءِ مٿس زور ڪيائين.
مگر فقير صاحب جو فيصلو آٽل ھو. ميان صاحب آخر رنج ۽ مجبور
ٿي، کيس پاڻ کان ڌار ڪيو.

ڪيڏي نہ خوش نصيب زندگي آھي انھن آزاد انسانن جي، جي
دنيا جي باطل ھوس کان بچي ان جي ڦندن ۽ ڦيرن مان نڪري،
انسانيت جي صحيح شاھراھہ تي قدم رکن ٿا، ۽ پوءِ "لاخوف عليھم
و لاھم يحزنون" جي مرتبي تي پھچن ٿا. فقير صاحب دنيا کان بيزاريءَ
جو منظر ھيئن ٿو ڏيکاري:

دنيا ڏوند تي طالب ڪتي پينا مل عمر تاڻي،
ھڏي آتون ھوڏ تنھان دي وڙھندے عمر وھاڻي،
انڌيان عشق الله دا ڇوڙيا، پئے ولوڙن پاڻي؛
"روحل" راھہ ربانيءَ پاڇھون بي سب ڪوڙ ڪھاڻي.

خواجہ حافظ پنھنجي غير فاني ڪلام ۾ مٿينءَ حقيقت جو نقش
ھيئن ٿو ڪيڏي:

غلام ھمتِ آنم کہ زير چرخِ ڪبود،
ز ھرچہ رنگ تعلق پذيرد آزاد است.

(مان آن شخص جي مردانہ صحبت جو بندو آھيان. جو ھن
آسمان جي ھيٺان رھي، ھر ھڪ اھڙي ڳالھہ کان، جنھن کان
ڪنھن لڳ لاڳاپي جو رنگ دل تي چڙھي ٿو، آزاد آھي.)

هيءُ کو آسان ڪم نہ آهي. ڪنهن جي دل چاهيندي تہ هو دنيا جي شان ۽ شوڪت کان علحده ٿي، دولت جي راحت ۽ دنيائي عيش جي اسباب کي پٺ ڏئي! اهوئي سبب آهي جو انساني خيات جي مفڪرن، نفس جي جهاد کي جهاد اڪبر سڏيو آهي.

فقير صاحب هن جهاد اڪبر ۾ سوڀ لڌي، سڀ کي ترڪ ڏيئي، صراط المستقيم جي طرف قدم وڌايو. هو پنهنجي وطن مالوف ٿر ۾ پهتو ۽ عمرڪوٽ جي پرسان پڌمپات جي پٽ تي وڃي گوشي نشين ٿيو.

زباني روايتن مان هڪ روايت سندس ترڪ ملازمت جي لاءِ هيءَ بہ ٻڌي وڃي ٿي تہ هڪ پيري جو ذڪر آهي تہ ڪي عربستان جا سوداگر ميان غلام شاهہ جي دربار ۾ آيا. هنن ڪيتروئي اسباب ميان کي ڏيکاريو، ميان انهن مان ڪيتروئي پسند ڪري، خريد ڪيو. جڏهن خريد جو معاملو گذري چڪو، تڏهن سوداگرن ميان کي هڪ ڪپڙي جي جوڙي سوکڙيءَ طور ڏني، جنهن تي سارو قرآن شريف، وڏي ڪاريگريءَ سان اُڻيو ويو هو. ميان اها جوڙي ادب سان وٺي، روحل فقير کي هيئن چئي سنڀاري لاءِ ڏني تہ 'هن کي توشاخاني ۾ حفاظت سان رکج، جڏهن مان مران تہ مون کي انهيءَ چادر ۾ رکيو وڃي.'

"جڏهن ميان غلام شاهہ وفات ڪئي ۽ سندس وڏو پٽ سرفرازخان سنڌ جو والي ٿيو، تڏهن روحل فقير مٿين جوڙي ميان سرفرازخان کي آڻي ڏني ۽ کيس سندس والد جي وصيت ٻڌايائين. ميان سرفراز هيءَ ڳالهہ ٻڌي نہ اٻڌي ڪري ڇڏي، ۽ اها جوڙي روحل فقير کي موٽائي ڏنائين تہ 'وڃي توشاخاني ۾ رک، چاڪاڻ تہ مان ان جوڙيءَ سان پنهنجو ڪفن ڪندس.' هن واقعي روحل جي دل کي وڏي چوٽ رسائي، ۽ هُن توشاخاني جون ڪنجيون ميان سرفراز کي سنڀاري ڏنيون."

جيتريقدر هن حقيقت جو تعلق آهي، مون کي هن جي قبول ڪرڻ ۾ تامل آهي. هن روايت جي اندر ڪابہ صداقت نظر نٿي اچي. ميان سرفراز جي سياسي ناعاقبت انديشي پنهنجيءَ جاءِ تي آهي، پر هي سندس اخلاق ۽ وضع تي وڏو حملو آهي، جنهن کي ٻهتان چئجي تہ

بہ بچا آهي. اڄ ڏينهن تائين ڪنهن بہ مورخ سندس اخلاق تي ڪو رقيق يا ناپسند حملو نہ ڪيو آهي. هو هڪ صالح نوجوان هو، اُن وقت جي بزرگن مان مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ حضرت فقيرالله صاحب علوي سان سندس بيحد تعلقات هئا. حضرت فقيرالله جي مڪتوبات ۾ ميان سرفراز ڏانهن لکيل خط موجود آهن، جن مان سندس غير معمولي خصوصيتن جو اظهار ٿئي ٿو. هو پاڻ بہ وڏو عالم ۽ شاعر هو. اهڙو ماڻهو اهڙيءَ ناشائستہ حرڪت ڪري، ڪڏهن بہ اعتبار ۾ اچي ٿو سگهي. هڪ بادشاهہ وٽ اهڙيون جوڙيون ميسر ٿي پئي سگهيون. نادرالوجود شيءِ ٿي چوڻ هجي، پر جڏهن هڪ ڪاريگر اُن کي تيار ڪري پئي سگهيو تہ اُن ايجاد کي وري وجود ۾ آڻڻ لاءِ ڪابہ ٻي شيءِ مانع ٿي نٿي سگهي. جا شيءِ دستياب ٿي سگهي ٿي، ان ۾ پٽ، پيءُ لاءِ بخل ڪري، پٽ بہ اهو جو صالح ۽ عالم، پيءُ اهو جو لائق بادشاهہ ۽ عالم، ڪڏهن بہ اعتبار ۾ اچي نٿو سگهي.

جيئن محقق روايتون موجود آهن، پدمات جي پٽ ٿي توڙيءَ وقت جي گوشي نشينيءَ کان پوءِ فقير صاحب جهوڪ ميرانپور روانو ٿي ويو ۽ اُتي شاهہ عنايت الله صوفيءَ شهيد جي مزار تي معتڪف ٿي رهيو. اعتڪاف کان پوءِ، اُتان جي سجاده نشين شاهہ عزت الله جي معتقدين ۾ شامل ٿي ويو. شاهہ عزت الله شاهہ شهيد جو فرزند ارجمند، اُن وقت جي بزرگن ۾، بلند درجو رکندڙ هو، جيئن علي شير "قانع" لکي ٿو(١):

"جو ڪجهہ سندس زبان مان نڪري ٿو، اهو تقدير سان موافقت رکي ٿو. سواليءَ جي سوال کان اڳ ۾ ئي، سندس ڪرامت پريءَ زبان تي ڳالهيون اچي ٿيون وڃن. منهنجو ناقص قلم، هن خاندان جي بزرگيءَ جون ڪهڙيون ڳالهيون لکي."

جهوڪ ميرانپور مان پنهنجي تشنگي مٽائي، هُو پنهنجي وطن موٽيو. اُن زماني جي ڳالهہ آهي تہ ڪن منصوبي بازن، ميان سرفراز جا ڪن

---

(١) "تحفة الڪرام"، ج ٣، ص ١٧٠

وڃي پريا ته روحل فقير توشاخاني جو سمورو سامان سنڀاري نه ڏيئي ويو آهي. هن بي بنياد تهمت کي سندس مخالفن اهڙي رنگ ۾ ميان صاحب کي پڌايو، جو هُن حڪم ڏنو ته سپاهين کي موڪليو وڃي ته هُو فقير صاحب کي گرفتار ڪري اچن. شاهي حڪم موجب سپاهي پدمات جي پٽ تي وڃي پهتا، جتي روحل فقير جو هاڻي آستانو هو. فقير صاحب کي گرفتاريءَ جي حڪم کان آگاهه ڪيائون، جنهن تسليم لاءِ ڪنڌ جهڪائي جواب ڏنو ته "بابا سيائي هلنداسون." مگر اتفاق اهڙو ٿيو جو ٻئي ڏينهن صبح جو هيءَ خبر اَڏرندي پهتي ته مير ٻهرام جي شهادت کان پوءِ ميان سرفراز تخت تان دست بردار ٿي چڪو آهي. سرڪاري ماڻهن کي جڏهن هيءَ خبر پيئي، ته هُو فقير صاحب کي پنهنجي حال تي ڇڏي، پوئتي موٽيا.

فقير صاحب جي مرشد بابت هڪ روايت مطابق چيو وڃي ٿو ته فقير صاحب پنهنجي مرشد جي نالي کي ئي مخفي رکي ڇڏيو هو، جنهنڪري سندس نالو اڄ تائين ڪنهن کي به معلوم ٿي نه سگهيو آهي. جيستائين مسلمان صوفين جي مشرب جو واسطو آهي، سيئي تذڪرا هن حقيقت سان معمور آهن ته هر صوفي پنهنجي رهبر ۽ رهنما جي نسبت جو خصوصيت سان ذڪر ڪيو آهي، جنهن کي خير ۽ برڪت چاتو ٿي ويو. روحل فقير هڪ مسلمان صوفي هو، اُن ڪري اِهڙي لاعلمي حقيقت تي اعتبار ئي نٿو ڪري سگهجي.

هن ئي سلسلي جي ٻي روايت آهي ته هو هڪ هندو فقير ڏونگرسي مهراج جو فيض يافته هو، جو ٿرپارڪر جي طرف چڱو ساڌ سنگت وارو ساڌو ٿي گذريو آهي. عين ممڪن آهي ته فقير صاحب ساڻس صحبت ڪئي هجي. اڪثر مسلمان صوفين، هندو ساڌن سان صحبت ڪئي آهي ۽ هندو ساڌن مسلمان درويشن سان روح اٽڪايو آهي. ڏونگرسي هندي زبان جو ڪوي ٿي گذريو آهي، ٿي سگهي ٿو ته فقير صاحب سندس ڪوتا مان استفادو ڪيو هجي. ڏونگرسي مهراج جو هڪ شبد مثال طور ڏيان ٿو:

پڇن ويچارو سوري پائيو | من موهيلا
پنورا سن پرسائيو | من موهيلا
پهلي ڪمائي جاڙي پر ڪيو | پيڇهي ڪيسا پچتائيو
مول گنوايو آنهان سولان | جنم چوراسي منهن جائيو
| من موهيلا
سن اپنا هات رکب لو | چرنين منهن لڪائيو
"ڏونگر" پوري پوليا | جسم ڪمپتہ نہ لي جائيو
| من موهيلا

روحل فقير پنهنجي حياتيءَ جو وڏو حصو سير ۽ سياحت ۾ گذاريو. جوڌپور ۽ بيڪانير جي حصن جو هن خوب سير ڪيو. جنهن جاءِ تسي پهتو ٿي، آتي سندس روحاني فيض کان سوين ماڻهو پئي سيراب ٿيا. پنهنجي مريدن کي اڪثر جوڳ جي پاڪر ڏيندو هو. آن ڪري جوڳي فقير سندس ارادتمندن ۾ داخل آهن. هن سير ۽ سفر جي سلسلي ۾، سندس ملاقات جوڌپور جي راجا ٻڄيہ سنگ سان بہ ٿي، جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو اٿم. فقير صاحب ڪجهہ وقت جوڌپور ۾ رهي، راجا کي صوفيانہ مسلڪ کان واقف ڪرڻ لاءِ، پنهنجي تصنيف 'آگم وارتا' رچي، جنهن جي پڙهڻ مان معلوم ٿئي ٿو تہ هُو هندو ڌرم ۽ ويدانت جي هرنڪتي کي پوريءَ ريت ڄاڻندو هو. سندس هن روحاني ڪمال کي ڏسي، راجا سندس معتقدن ۾ شامل ٿي ويو. هُن مٿس زور پريو تہ آتي ئي رهي پوي، مگر هُن مستقل سڪونت اختيار ڪرڻ اجا پسند نتي ڪئي.

هائي سندس زندگيءَ جي شام اچي ٿي هئي. سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت جو خاتمو ٿي چڪو هو. مير فتح علي خان سن ١٧٨٣ع ۾ هالاڻيءَ جي جنگ فتح ڪري، سنڌ جو حاڪم ٿيو. ٻئي سال ميرن ۾ ملڪ جو ورهاڱو ٿيو. خيرپور وارو حصو مير سهراب خان کي مليو. مير سهراب خان کي خبر هئي تہ فقير صاحب ڪهڙيءَ ريت مير بهرام جو پاسو ڪئي، حق ۽ صداقت جي سرپرستيءَ ۾ پنهنجي ملازمت

کي ترڪ ڪيو هو. ان کان سواءِ هو هاڻي سندس روحاني عظمت جو به قائل ٿي چڪو هو. هن کيس لکي موڪليو ته سندس ملڪ ۾ جتي به هو پنهنجي رهائش لاءِ جاءِ انتخاب ڪري، آها کيس جاگير طور ڏني ويندي. مير سهراب خان جي هن محبت ڀريءَ دعوت جو فقير صاحب تي وڏو اثر پيو. جاگير جي وٺڻ کان ته فقير صاحب انڪار ڪيو، پر سندس ملڪ ۾ رهڻ قبول ڪيائين. سندس ساٿي، فقير مراد، ميرن جي لاءِ هيئن دعا ڪئي:

باري پروردگار، ڪيا وڻ ڪامل ڪڪاڙين جا،
تاريون تالپرن جون، ٽيڙيون باغ بهار،
سي مرڪن شال "مراد" چئي، سنڌ صوبي سردار،
جن ڏنو ڏيهه ڏاتار، سرڪائن خان خوشيءَ سان.

مير صاحب جي هن دعوت کي قبول ڪندي، فقير صاحب خود به چاهيو ٿي ته هاڻي ڪٿي گوشي نشين ٿي، باقي حياتي ياد الاهي ۾ گذاري. چنانچ هو هنگامي دنيا کان ڪناره ڪش ٿي، پنهنجي سڄي اهل ۽ اطفال سميت ڪوٽ ڏيجيءَ جي پرسان ڪوٽلي جي لنڊيءَ بستي ۾ وڃي رهيو.

ڪوٽلي ۾ رهائش اختيار ڪرڻ کان پوءِ، سندس معتقد آن بستيءَ ۾ ايندا ويندا رهيا. آتان جي زميندار کي هيءَ ڳالهه پسند نه آئي. دولت ۽ فقر جو تصادم ٿي پيو. فقير جو صلح ڪُل ٿئي ٿو، سو هن وير ۽ وروڌ کي ڪٿي ٿو برداشت ڪري سگهي. روحل فقير نقل مڪاني ضروري سمجهي. مير سهراب سندس بيحد دلجوئي ڪئي، مگر فقير صاحب جو فيصلو اٽل هو. هو پنهنجي سڄي اهل ۽ عيال کي وٺي، خدا جي توڪل ڪري، بنا ڪنهن مقام ۽ منزل جي اڳتي وڌيو. چون ٿا ته جڏهن هو موجوده ڪنڊڙيءَ وٽ آيو، جو آن وقت جهنگ ۽ غيرآباد پٽُ هو، تڏهن سندس چادر جو پلؤ هڪ ننڍڙيءَ ڪنڊيءَ جي وڻ ۾ اٽڪي پيو. فقير صاحب هن معمولي روڪ کي، خدائي امر سمجهي، پنهنجي لاءِ لاهڻ جو حڪم ڏنو. جلدئي جهنگ کي صاف

ڪري، ساديون جهوپڙيون آڏي هڪ ننڍڙي بستيءَ کي آباد ڪيو ويو، جنهن جو نالو "ڪنڊڙي" رکيو ويو، جو نالو فقير صاحب جي رهائش جي واقعي کي ياد ڏياريندو رهي ٿو. درياءَ جي پر تي هي آجو گذران، فقير صاحب جي دلي راحت جو سبب بڻيو. روحل فقير هن ننڍڙيءَ بستيءَ جو وڏيءَ حب ۽ پيار سان ذڪر ڪيو آهي:

ڪنڊڙيءَ ۾ ڪلتار ڏنو سي رانجهو رمزن وارو يار
في انفسڪم افلا تبصرون مخفي هي اسرار
رمزن رندن جي ڪوڪو پرکي برهه جو باري بار
وحدت واري واٽ ونڄ تون وتي نه آئيج وار
"روحل" رهجان رمز انهيءَ ۾ ٻي سڀ ڪوڙي ڪار.

ڪانن جون جهوپڙيون ۽ ڪکن جون ڇپرون، هاڻي حق جي طالبن جون زيارتگاهه بڻجي پيون. ملڪ جي هر حصي کان ارادتمند فقير، پنهنجي روحاني تشنگيءَ کي مٽائڻ لاءِ اچي ٿي گڏ ٿيا. صبح ۽ شام وحدت جو وڻجار ٿي هليو ۽ معرفت جي هٽيءَ جو هوڪو ٿي پڌو. بنا ڪنهن مت ۽ ڀيد جي هندو ۽ مسلمان هڪ هنڌ اچي جمع ٿيا. هڪ طالب ڏرمون مل "انور" پنهنجي ستگر جي ميارا هيئن ٿو ڪري:

ڪنڊڙي ڪنڊڙي نياهه، تحقيق آهي ڪاسي
روحل رام وسي آتا هين، جنهن لائي سماڌ ابناسي
آهي وڃي ٿيا واسي، "انور" آمر پد نرٻاڻ ۾.

مسلمان ارادتمند فقير درمحمد پنهنجي مرشد جو ذڪر هيئن ٿو ڪري:

ڪنڊڙيءَ جا پير پرور سيروهي تنهنجي سڀ کان سر
اچن سوالي وڃن نه خالي روحل تنهنجي در
ڏجانءِ ذاتِ خوشيءَ مان وهلتو ويسر تون ور
"درمحمد" مسڪين ڇُٽي تطر نمائي تي ڏر.

جيئن ته دنيا فاني سراءِ آهي ۽ هن مسافرخاني ۾ جو آبادٿيو، ان کي هتان هڪ ڏينهن ڪوچ ڪرڻو آهي، فقير صاحب جي عمر جو ماڻ به پرجي آيو. معمولي بيماريءَ کان پوءِ، سنڌ جو هي آزاد صوفي، پنهنجي

خالق جي حضور ۾ وڃي حاضر ٿيو. روايت آهي ته هُن سن ١٨٠٤ع ڌاري، هن دنيا کان موڪلايو.

روحل فقير ۾ شاديون ڪيون. سندس پوئين گهرواري مراد فقير جي نياڻي هئي. پهرين گهر مان ڪيس ٻه پٽ ٿيا، هڪ شاهو فقير ۽ ٻيو غلام علي فقير. پوئين گهر مان ٻه ڪيس ٻه فرزند ٿيا، دريا خان فقير ۽ خدابخش فقير.

روحل فقير پنهنجي دور جو هڪ وڏو صوفي ٿي گذريو آهي. سندس تصنيفات ۾ چار هندي رسالا، من پربوڌ، اديت گرنٿ، سرب گيان ۽ آگم وارتا مشهور آهن. انهن کان سواءِ ٿورا ڇجن پڻ ڇپيا اٿس.

فقير صاحب جو ڪلام سنڌيءَ ۽ سرائڪيءَ ۾ به موجود آهي، جو ٿورو آهي، پر نهايت مدلل. زبان سادي پر فصيح آهي. هو ان دور ۾ ٿي رهيو، جنهن کي سنڌي ادب ۾ متقدمين جو دور ٿو چئجي. سنڌ جي عظيم شاعر شاهه عبداللطيف جي دور سان سندس قريبي تعلق آهي(١). ان دور جي ساده بياني ۽ شگفتگي ضرب المثل آهي. اهوئي سبب آهي، جو فقير صاحب جي ڪلام ۾ به پنهنجي همعصر بزرگن واري سادگي موجود آهي. سندس ڪلام ۾ تصوف جي باريڪ نگاهي موجود آهي ۽ اهو ٻاهرين رنگ ڪرنگ کان آزاد ۽ پاڪ آهي. هو رهبر اعظم جي مبارڪ قول "اَللّٰهُمَّ اَعُوذُبِکَ مِنْ عِلْمٍ لَا یَنْفَعُ"، (خدايا مان تو کان ان علم کان پناهه گهران ٿو، جنهن کان ڪو نفعو نه پهچي) جو پورو پورو تابع نظر ٿو اچي — جيئن پاڻ فرمائي ٿو:

ڪهڙي تان هرڪو ڪهي، پر رهڻي اوکي بات،
پڌري ٿيندي ذات، رهڻيءَ مان "روحل" چوي.

جيئن مٿي لکيو اٿم، فقيرصاحب جي ڪلام ۾، اڪثريت ان فڪر ۽ اجتهاد جي آهي، جنهن ۾ هن صوفيءَ جي مسلڪ کي نمايان طور پيش ڪيو آهي. هن توحيد جي اهم مسئلي کي وڏي اهميت ڏني آهي،

(١) شاهه ڀٽائيءَ جي تتبع ۾ فرمايو اٿس:
'ٻيٽ نه ٻانئجو ماڻهئا، هي وحدت جو واپار.'

جو سندس ڪلام جو جوهر ڇنڇي ته به روا آهي. توحيد جي معنيٰ آهي ’ هيڪڙائي‘، يعني، خلقڻهار جي هيڪڙائيءَ جي قبوليت. صوفي جيئن ته پنهنجي ذات جو تعلق فقط، خداوند تعاليٰ سان ڳنڍيل رکي ٿو، ان ڪري هو توحيد جو دليا ۾ وڏو علمبردار آهي. امام غزالي رحمة الله عليه، پنهنجي تصنيف ”المنقذ من الضلال“ ۾ ’القول في طريقة الصوفيه‘ جي عنوان هيٺ فرمائي ٿو:

”جڏهن مان علوم کان فارغ ٿيس، صوفيه جي طريقي جي طرف متوجهه ٿيس، تڏهن مون کي معلوم ٿيو ته سندن طريقو علم ۽ عمل سان تڪميل تي پهچي ٿو. سندن علم جو نتيجو نفس جي متابعت کي قطع ڪرڻ، برن اخلاقن ۽ خبيث صفتن کان پاڪ ٿيڻ آهي، تان جو ان جي ذريعي، قلب کي غيرالله کان صاف ڪيو وڃي ۽ ان کي ذڪر الاهيءَ کان معمور ڪيو وڃي.“

فارسي زبان جو مشهور صوفي شاعر، مولانا نورالدين جامي، پنهنجي تصنيف ’لوائح‘ ۾ هين نڪتي کي سادگيءَ سان هيٺن ڏسو پيش ڪري:

اسے دل طلبِ ڪمال درمدرسہ چند تڪميل اصول و حڪمت وهندسہ چند
هرفڪر ڪہ جز ذڪر خدا وسوسہ هست شرمے ز خدا بدار اين وسوسہ چند

(اي دل مدرسي ۾ ويهي، ڪماليت جي ڳولا ڪرڻ ڪيستائين؟ آصول، فلسفي ۽ حسابن جي هيءَ تڪميل ڪيستائين؟ اهو فڪر جو خدا جي ذڪر کان سواءِ هجي، سچو وسوسو آهي. خدا کان ڏڄ هي وسوسو ڪيستائين؟)

حضرت جنيد بغدادي، جنهن کي صوفي پنهنجو سردار ڪري مڃين ٿا، فرمائي ٿو ته: ”صوفي پاڻ کان فاني ٿي وڃي ٿو، ۽ خدا سان باقي رهي ٿو.“ رومي فرمائي ٿو:

• زندگي مقصود بهر بندگي ست. زندگي بي بندگي شرمندگي ست
جز خضوع و بندگي و اضطرار. اندرين حضرت ندارد اعتبار
هرڪ اندر عشق يابد زندگي ڪفر باشد پيش آو جز بندگي.
(زندگيءَ جو مقصد فقط خدا جي بندگي آهي. بندگيءَ کان سواءِ
زندگي شرمندگي آهي، نياز، بندگي ۽ دلي بيتابيءَ کان سواءِ،
ٻيءَ ڪنهن به شيءِ کي، ان جي حضور ۾ دخل نه آهي.
جو خدا جي محبت جي اندر زندگي لهي ٿو، آن وٽ سندس
بندگيءَ کان سواءِ ٻيو سڀ ڪفر آهي.)

روحل فقير به آن قول صادق جي هيئن شهادت ٿو ڏئي:

چشما آب حياتي دا، دل اندر حوض حضوري،
بر دي سودي پيندي عاشق، پريت جنهان دي پوري،
سي جيندا يان مُوتوا تي ڪر پيتي، پايا سڪ صبوري،
"روحل" رنگ هڪ دي رَتي، سي نُور، ملي وڃ نُوري.

فقير صاحب جنهن ٻيءَ حقيقت کي وضاحت سان بيان ڪيو آهي، آها
آهي ' پاڻ سڃاڻڻ ' جي قوت آگاهي. فرمائي ٿو:

جي تون صَحيح سڃاڻي پاڻ، آٿي قيمت سندو قطرو،
ڪوري ڪيڏ قلوب سان، مدائيءَ جو ساڻ،
پري نهارڻ پير کي، سندو چتن چاڻ،
نت سائين توهي ساڻ، راتيان ڏينهان "روحل" چوي.

هاڻي ڏسون ته پاڻ سڃاڻڻ ڇا آهي؟ رومي فرمائي ٿو:

از خود آگر چون نيء اي بي شعور،
پس نبايد بر چنين علمت غرور.

(جيئن ته تون پاڻ کان واقف نه آهين، ان ڪري تو کي پنهنجي
ڄاڻ تي ايڏو هٺ ڪرڻ نه گهرجي.)

صوفين پاڻ سڃاڻڻ منجهان مطلب پانهيءَ ۽ خالق جي توسل ڪسي
ورتو آهي. رومي پڻ هنئ فرمائي ٿو:

چون بداني تو کما هي خويش را ۔ علم عالم حاصل آيد سر ترا
گر همي خواهي که باشي حق شناس خويش را بشناس نه از راه قياس
بل ز راهِ کشف و تحقيق و يقين عارف خود شو که حق داني ست اين ۔

(جڏهن پنهنجي هستيءَ کي سڃاڻندين، تہ توکي سڄي جهان جو علم حاصل ٿي ويندو. جيڪڏهن تون گهرين ٿو تہ خدا کي سڃاڻين ـ تہ پاڻ کي سڃاڻ. پيو قياس نہ وٺ. ڪشف، تحقيق ۽ يقين جي راهہ کي وٺي، پاڻ سڃاڻڻ جو عارف بڻجي وڃ، ڇو تہ اهائي حق داني آهي.)

شيخ محي الدين ابن العربي هن حقيقت جي وضاحت هيئن ٿو فرمائي:

اَلْعَبْدُ عَبْدٌ وَ اَنْ تَرقّيٰ و الربُّ رَبٌ و اَنْ تَنَزّل

(ٻانهو ٻانهو آهي، پوءِ هو ڪيتري بہ ترقي ڪري؛ رب رب آهي، اگرچ هو ڪيترو ئي نزول ڇو نہ ڪري.)

انهيءَ حقيقت مان صاف ظاهر ٿيندو تہ انسان ـ جڏهن پاڻ کي صحيح صورت ۾ عبد تصور ڪري ٿو، تڏهن ئي سندس مقام ۽ منزل جي ترقي ٿئي ٿي. علامہ اقبال "عبده" جي تشريح هيئن ٿو ڪري:

عبده آ جانفزا ۽ جانستان عبده شيشو بہ سنگ گران
عبده دنيا آ دنيا عبده

ترجمو

رنگ سڀ آهيون ۽ هو بي رنگ و بو عبده کي ابتدا بي انتها
عبده کي صبح شام آهي نہ ڪا

"عبده" جي فهم ۽ ادراڪ جي اعليٰ مقام کي علامہ اقبال خوديءَ سان تعبير ٿو ڪري. سنڌ جو صوفي اڳيئي ان ڪان پوريءَ ريت واقف آهي. روحل فقير فرمائي ٿو:

وڃ وڃائڻ ڪاڻ، ڇو وڃين پئي هٽ ؟
توکي پٽ پتيهر ٻالهنجو، آئي وڃ مڙوئي وَٽ !
جنهن ۾ نشو لينهن جو، سا ڪا ڪوئي پٽ !

علامہ اقبال انهيءَ قبيل ۾ فرمائي ٿو:

آدمي وٽ ٿي نہ پهتين، ڪٿ خدا ڳولين پيو!
پاڻ کان پرتي وڃي ۽ آشنا ڳولين پيو!
پڙ وڃي ڪنهن شاخ گل ۾، آب نم سان ڪر گذر،
رنگ بگڙيي لئي وري پياڏِ صبا ڳولين پيو!

(ترجمو)

صوفيءَ جو خوديءَ بابت ڪهڙو نظريو هئڻ گهرجي، ان لاءِ "روحل" فقير هيئن ٿو فرمائي:

جاڻ خودي تان خود ڪون پهچين، نال خودي خود پائين،
بنا ڪيف لطيف نہ ليندا، سڻ تان سچ آکائين،
"روحل" رانجهن دل وچ وسدا، ڍونڍ نہ سڃيان جائين.

جيئن تہ صوفين جي پَرِ "صلح ڪُل" ٿئي ٿي، ۽ هو دنيا کي محبت ۽ پيار جو پيغام ڏيندڙ آهن. روحل فقير جي ڪلام ۾ بہ اسان کي اُن حقيقت جو اظهار ملي ٿو:

ڪفر ۽ اسلام ۾ تا پرين آبتا پيشر،
هڪ هندو پيا مسلمان، ٻيون وچ وڌائون وير.
آنڌن اوندهہ نہ لهي، تن کي سچ چوندو ڪير!
پر "روحل" راهہ پرين جي، جان گهڙي ڏنوسي گهير،
تہ رب" مڙني ۾ هيڪڙو، جنهن ۾ ڦند نہ ڦير:
سا ڪاڏي ڪندي پير، جا مَتي ڪعبةالله ۾!

هڪ فارسي شعر هن قبيل ۾ روسي چيو آهي:

ڪفر است در طريقت ماڪينہ داشتن،
آئين ما است سينہ چون آئينہ داشتن.

سچ، روحل فقير هن اڪسير جو پيندار آهي:

سڀ صورت صاحب دي جاڻن، دوئي دل نہ لائن،
"روحل" رنگ هڪي دي رَتي، سي سڀڪنهن سيس نماون.

روحل فقير جي ڪلام ۾ صوفيءَ جي لاءِ هڪ مفصل پروگرام موجود آهي. سندس ڪلام ۾ ڪوبہ مبالغو يا اهڙي ڳالهہ موجود ڪانہ آهي، جنهن ڪي صوفي شطحيات سڏين ٿا. شطحيات منجهان مقصد آهي، آهي ڳالهيون، جي شرع سان تضاد ۾ اچن؛ جيڪڏهن ڪٿي ڪو اهڙو نڪتو بيان بہ ڪيو اٿس، تہ نهايت احتياط سان فرمائي ٿو تہ:

تنهن ڏيئي پاڻ ۾، پسان جان پيهي،
نڪي سالڪ نيڪي خلق، نڪي اسيئي؛
اسين بہ ڳوليون جن کي، مي پڻ اسيئي،
پي وائي ويئي، "روحل" هونگ پرين جي هڪڙي.

هڪ سنجيدہ صوفي آهي، جو پنهنجي مواعظ حسنہ سان، دلين کي ڦاريندو رهي ٿو.

روحل فقير جو ڪلام جيئن مٿي ٻڌايو اٿم، ڪو زيادہ نہ آهي. مگر هنديءَ ۾ سندس ڪوتا چڱي انداز ۾ آهي. سندس هندي تصنيفات جو مٿي ذڪر ڪيو اٿم. انهن ڪان سواءِ ڀڄن بہ اٿس، جن جو رنگ هيٺينءَ ريت آهي:

(ا)

اپنا روپ پچان، سمجھ مَن درسن پيهي،

۱- جئسي شنکھ آجاسنگ ڏولي، آپ نہ چيني، پرمي پوسي،
جانت هوءِ آجان:

۲- کستوري وسي مرگھ کي مانهين، بَن بَن ڍونڍي سو نکهي تانهين،
هوءِ رهيا حيران.

۳- جن نمکو ڏيشچي ڪر جانيا، رمتا رام سڪل گهٽ مانيا
سو ساڌ و پروان.

۴- تين لوک مين تمروا واسا، ڪاهي قدرت هوءِ آداسا
جان سکي ڪو جان!

۵- جت ميري پريت صاحب سنگ لاڳي، "روحل" پيت پرم کي پاڳي
آتم مين غلطان.

(پنهنجيءَ صورت کي سڃاڻ اي دل، سمجھ جو اهوئي سڄو ديدار آهي.
جھڙيءَ ريت شينهن ٻڪريءَ جي صحبت ۾ ڦاسي، پاڻ ڇري نٿو پرَ عجيب وهم ۾ مبتلا آهي. ڄاڻندي به آڇاڻ ٻڌجي ويو آهي:
مشڪ هرڻ جي اندر موجود آهي، مگر هو آن خوشبو کي رڻ پٽن ۾ ڳوليندو ٿو رهي. اهڙي ريت حيران ۽ پريشان آهي.
(پر) جن توکي يقين سان ڄاتو ۽ سڃاتو ته آهو سڀ جاءِ تي وسندڙ رام پنهنجي اندر آهي. اهوئي صادق صوفي آهي.
ٽن لوڪن (١) جي اندر تون وسندو رهين ٿو، پوءِ ڇاجي لاءِ آداس ٿو گذارين! ڪو ڄاڻو وارو هن حقيقت کي ڄاڻي سگهي.
جڏهن منهنجي محبت ان مرشد سان لڳي، وهم ۽ سنسي جي پٽ مون کان پچي پئي. (تڏهن) مان روحاني دنيا ۾ گهر ٿي ويس.)

هن شبد يا ٻچن جي اندر، فقير صاحب، پاڻ سڃاڻڻ جي تلقين ڪئي آهي، جنهن نظريي بابت متي بحث ڪيو ويو آهي ته اهوئي صوفيءَ جي زندگيءَ جو وڏو مقصد آهي. ڪوي ڪبير فرمائي ٿو:

ڪاهي ڪو پرست باوري اوهه تو تيري پاس هي،
وه وياپڪ تيري مانهين، پهولون مين جئسي باس هي؛
باهر ڪو دوڙي هات نه آوي، مرگهه ترشنا کهيل،
الک امورت، امر ابناسي، تو سانهين پرڪاش هي.

---

(١) هندو عقيدي موجب ٽي لوڪ شمار ڪيا ويندا آهن: ١- سرگ لوڪ (بهشت) پاتال لوڪ (دوزخ)، ماترپون (زمين). ڪي پنڊت هنن جي تقسيم هيٺينءَ ريت ڪن ٿا: پورلوڪ (زمين)، سرگ لوڪ (بهشت)، پوور لوڪ (خلا). صوفين جو عقيدو وري هيٺينءَ ريت آهي: ماتر لوڪ، پرٿوي لوڪ ۽ لوڪ.

(اي بيوقوف! تون ڇالاءِ وهم ۾ وڪوڙيل آهين؟ اهو ته تو وٽ آهي! اهو هر شيءِ تي بسيط، تنهنجي اندر ائين موجود آهي، جيئن گلن جي اندر خوشبوءِ ٿئي ٿي. تون ٻاهر ڏسندو رهين ٿو، پر هو توکي هٿ نه ايندو؛ ڇو ته مرگهه ترشنا جو کيل (زنجير هرڻ جو ڊوڙڻ) آهي، اهو الک، جنهن کي ڪابه صورت نه آهي، هميشه جيئن وارو هو، تيئن وارو، تنهنجي اندر ئي جلوه گر آهي.)

شيخ فريدالدين عطار فرمائي ٿو:

چشم بکشا که جلوهٔ ديدار تجلي است از در و ديوار
کل شيء محيط مي دانم چونکه مي بينمش نقش و نگار
ثم وجه الله آيدت بنظر وهو معکم نمايدت ديدار
اين تماشا چه بنگري گوئي ليس في الدار غيره ديار

(اک کول، جو دوست جو جلوه هر در ۽ ديوار مان نظر اچي رهيو آهي. هو هر ڪنهن شيءِ جي مٿان محيط (وياپڪ) جاڻ. سڀ ان جو ئي نقش و نگار ڏسون ٿا. سڀ ڪنهن طرف توکي الله نظر ايندو ۽ اهو توسان گڏ آهي ۽ ائين توکي ديدار (درسن) ڏيکاريندو رهي ٿو. اهو تماشو ڇاجي لاءِ ٿو ڏسين؟ ڇو ته تنهنجي اندر ان کان سواءِ ٻيو ڪوبه نه آهي!)

بهرحال، هن ساڳيءَ حقيقت کي ڀٽائي شيد به پنهنجي هيئن ٿو فرمائي:

(٢)

ڪاهي ڦيرو ٻنواس؟

١- شبد کي ڪر سمرنا، وچن ڪيا ڪر هاس،
پيو ساگر پار ترڻ کو، جپ سانسون سانس.
٢- ڪي ڦرن مکي ڪي مانهين، ڪڻ ڪون گنگا کي پياس،
شينکه تو کها ڦي قرے، ڦو مول نه کهاوے گهاس.

٣- تيرا صاحب تجهہ هي مانهين، تہ تہ تجو اور آس،
سر ڏئي صاحب ملبي، اچرج اچنبا هاس.
٤- گرُو"روحل" هرکون مليا، ڪاٽي جم جي ڦاس،
دن رين مجهڪو ٻيهي هي، تيري چرنون ڪي پياس.

(ڇاجي لاءِ ويرانين ۾ ڦرندو رهين ٿو؟ رات ڏينهن خدا جو ذڪر ڪر ۽ اهو ٻول جو ڪري آيو آهين، ان جو خيال ڪر؛ هن دليا جي وڏي سمنڊ کي پار ڪرڻ لاءِ هر دم سان ذڪر الاهي ڳنڍيو رهي. ڪي مڪي شريف ۾ ڦرندا رهن ٿا، ته ڪن کي گنگا جي تيرٿ جي سِڪ آهي؛ شينهن توڙي ٻڪيو ڇو نہ هجي، پر هو ڪڏهن بہ گاهہ نہ کائيندو. تنهنجو مالڪ تنهنجي اندر آهي ۽ تون ٻي اميد ڇڏي ڏي؛ سر ڏي تہ توکي مالڪ ملي، هن ٿي عجب ۽ حيرت ڇو ٿو ڪرين. "روحل" اسان کي مرشد مليو آهي ۽ اسان موت جي ٻنڌ کان آزاد ٿي چڪا آهيون؛ رات ڏينهن مون کي تنهنجي قدمن ۾ رهڻ جي آس آهي.)

مرشد جي آمد جو ذڪر، ڪيڏيءَ نہ خوشيءَ سان ٿو ڪري، جنهن جي هرهڪ لفظ مان صداقت ۽ عقيدت جو اظهار ٿو ٿئي:

(٣)

آج موري سنت پڌاريا، سنت پڌاريا، هري جن پيارا!
پل پل جائون ٻلهارا!

١- آج ميري الڱنان مين ٿئي وڌائي، ورتيا منگل چارا،
٢- پاؤ پکيڙت کي ڪرون رسوئي، آنند ڪرون آهارا.
٣- سيل سنتوک ڪي سيج بڇائون، پائون موک دوارا،
٤- ڪهتا "روحل" سنت هي آيا، پائون درسن ديدارا.

(اڄ مون وٽ مرشد آيو آهي، مرشد آيو آهي، جو خدا جو پيارو آهي، جنهن تان مان هرهر صدقي ٿيان! اڄ منهنجي

اڳئن ۾ خوشيءَ آئي ۽ خوشي مناڻجي رهي آهي. سندس طعام سندس وعظ ۽ نصيحت بڻايان ۽ خوشي سندس چادر ٺاهيان. صبر ۽ شڪر جي سيج وڇايان ۽ ان جي رستي ڇٽڪارو حاصل ڪريان. "روحل" چوي ٿو ته مرشد آيو آهي، شال سندس درسن ۽ ديدار حاصل ڪريان.)

پڳت ڪبير جي عظمت جو فقير صاحب هيئن ٿو اعتراف ڪري:

(۴)

مون مين سڪل شڪل سون نيارا
مين داس ڪبير ڪهايا.
١- هماري ديس نهين ماتر پومي نهين آڪاشا،
نهين هي ڌنه ڪارا.
٢- هماري ديس نهين هي چندر نهين هي سورج،
نهين هي اڏ لک تارا.
٣- هماري ديس نهين هي برهما نهين وشنو،
نهين شيو شڪتي سارا.
۴- ڪهت "روحل" هم روحل بهي ناهين،
ڪبير روپ همارا.

(مان سيڪجهه آهيان، جنهن کي ڪابہ شڪل نہ آهي، مان ڪبير جو پاڻ کي ٻالهو چوايان ٿو. منهنجي ديس نہ زمين آهي نہ آسمان، نہ وري اونداهي آهي، منهنجي ديس ۾ نہ چنڊ آهي نہ سج، نہ وري اڻ ڳڻيا تارا ئي آهن، منهنجي ديس ۾ نہ برهما آهي نہ وشنو، نہ وري طاقت وارو شيو آهي. "روحل" چوي ٿو مان روحل بہ نہ آهيان، اسان جي صورت ڪبير جي صورت آهي.)

روحل فقير جيءَ هڪ مريد، ٿانورداس، شڪارپوريءَ، پنهنجي بياض ۾ لکيو آهي تہ هڪ ڀيري، سندس فرزند شاهو فقير، ڪيس سوال ڪيو تہ:

گوڙ پوري کو ڪم جاليان ڪيٿ پٿري پهاڻ
"شاهو" اب عرض ڪري ڏيشو سڙب گيان
گيان بنا گم کم پڙي، جب ستگر ڪهه سمجهاءِ
"شاهو" پر ديا ڪرو، ديشو تُرت ڏکاءِ

(مرشد جي شهر (موقف) کي گهڻ ئو ڳاڻان، آن جي سڃاڻپ ڪٿان ڪريان! "شاهو" عرض ڪري ٿو تہ ڪيس سچوئي علم عطا ڪريو. انهيءَ علم (سمجهہ) بنا خبر ڪانہ ٿي پوي، جيڪو مرشد ئي پڌائي ۽ سمجهائي ٿو. شاهو تي رحم ڪريو ۽ آهو موقف آن کي جلدي ڏيکاريو.)

روحل فقير سندس جواب مختصر مگر جامع ٿو ڏئي:

ستگر پٿري پٿرس هي سدا بيپرواهہ
"روحل" آو راجا پتي، راجن کي پتشاهہ
اننگ اکشر نہ ملي نين نين پرپور
"روحل" وچن پولي، ڪو چگي هنسا سور
نرڪامي، نرڪروڌي، نرلوڀي، نرموهہ
"روحل" آشنا، ترشنا وانکي نهين دغاباز نهين دروهہ.

(مرشد جي شهر (موقف) وارو مرد، سدا بي پرواهہ آهي. "روحل" آهو راجا آهي، راجائن جو بہ راجا آهي. ڪامديو جي اکرن سان هن جو واسطو نہ آهي، سندس اکيون سچيءَ محبت سان پرپور آهن، "روحل" ڳالهہ جيو اهو موتي ٿو ڏئي، جنهن کي کو هنس ئي چگي سگهي ٿو. آتي نہ ڪاوڙ آهي نہ شهوت، نہ لوڀ نہ موهہ، نہ وري ڪا آس جي رڄ آهي ۽ نہ دغا نہ دوهہ آهي.)

روحل جي "ستگر پوري" بہ آها آهي جا مخدوم عبدالرحيم گروهڙي جي "لقاپور" آهي، قلب جي صفائي، اخلاق جي عظمت ۽ محبت جي فراواني، صوفين جا بين الاقوامي آصول آهن.

فقير صاحب جي هڪ شبد ڏيڻ کان پوءِ، مان سندس هندي شاعريءَ جو ذڪر ختم ڪندس(۱)، جنهن جي هرهڪ تي مان سندس روحاني ڪمال جو اظهار ٿئي ٿو:

اگنم پنٿ ڪي مهاباري ڪبهي نه آتري پريم خماري
۱- گيان نهين ڌيان جوڳ نهين ساڌن
سمجهن ڪي مت چيتن هاري
ساڪي نه شبد، اونگ نهين سوهنگ
بيد ڪتيب سڪل سون نياري
۲- هندو نه ترڪ، جوڳي نه سنياسي
رهت آڏول نهين ڀيک ڌاري
سُورا سوئي، جوئي سنمک جهولي
پيت گنوا ڪي گيرو ڌاري
۳- انمول پرش ملپو گهٽ مانهين
جانڪي پريت لاڳي آت پياري
انتر جامي انتر ڪوليا
من ڪي ممتا سهج سون ماري
۴- دليا ايهه ڪڇ ناهين، ناهي ڪڇ پايا
ستگور صاحب تون بلهاري
"روحل" رين ڳئي دن آيو
ارس پرس سنگ مليو مراري(۲).

(جتي عقل گم ٿيو وڃي ٿو، ان طريقي جي عظمت جي ڪهاڻي گهڻي مٺي آهي: ڪڏهن به محبت جو خمار لهي نٿو سگهي.

---

۱. سنڌي ادبي بورڊ جي ڪوشش سان ڪنڊڙيءَ وارن جي هندي ڪلام کي جدا شايع ڪيو ويندو.

۲. هندن جي اوتار سري ڪرشن لاءِ چيو ويندو آهي ته هن مُر نالي هڪ ديوتا کي ماريو هو. جو سندس محبت جو رقيب هو، ان ڪري مٿس مراري لقب پيو.

الاهي علم نه ڏيان سان ملي ٿو. نه جوڳي ٿيڻ سان ملي ٿو؛ هن نصيحت کي ڪي سمجهه وارا سمجهن ٿا. ان جو شايد نه آواز آهي نه نند نه جاڳ؛ ويد ۽ ڪتاب کان روحاني دنيا نياري آهي. نه هندو نه مسلمان نه جوڳي نه سنياسي تي مدار آهي، محڪم رهڻ لباس ۽ صورت تي نه آهي. بهادر اهو آهي، جو انهن سيني جي سامهون ميدان ماري، سڀ پيد وڃائي، گيڙو جي لباس ۾ ڏيکجي وڃي. مون کي پنهنجي اندر اهو مليو، جنهن جي قيمت ڪٿي نٿي سگهجي. ان جي محبت سڀ کان بيحد پياري ٿيجي ويئي آهي؛ منهنجي اندر رهڻ واري منهنجي اندر کي کوليو؛ دل جي دوئي، پنهنجي ذوق سان ماري ڇڏيائين. دنيا ڪا به شي نه آهي، نه پوري ان مان ڪجهه هٿ آيو؛ مان مرشد تان صدقي وڃان! "روحل" رات ويئي، ڏينهن آيو؛ آن وصال واري مرد جي ذريعي، دوئي کي مارڻ واري جي سنگت حاصل ٿي.

روحل جي هندي ڪلام ۾ جو رس ۽ ڪمال آهي، ان کي ڏسي تعجب ٿو ٿئي ته سنڌ جي اندر ڪهڙا نه صاحب ذوق ۽ صاحب دل عالم ٿي گذريا آهن.

روحل سائينءَ جو سرائڪي ڪلام به بيحد سنجيده ۽ متين آهي. روحل جي ڪلام ۾ جو سوز و گداز، رس ۽ ڪمال آهي، ان کي ڏسي تعجب ٿو ٿئي ته سنڌ جي اندر ڪهڙا ڪهڙا نه صاحب ذوق ۽ صاحبدل رهنما ٿي گذريا آهن، ۽ اڄ:

"ويا آو وينجهار، هير و لعل وڻڊين جي."

مون مٿي روحل صوفيءَ جي اولاد جو ذڪر ڪيو آهي، سندس هڪ ارادتمند ڀائي جيوڻ لعل، شڪارپوريءَ، سندس گاديسرن جو ذڪر نهايت شرڌا سان ڪيو آهي، جنهن ۾ ان خاندان جي سيني شاعرن جو ذڪر اچي ٿو؛

روحل رام اوتار، ڪنڊڙي آهي پريم منڊلي.

١- شاهو سائين پيدا ٿيو، غلام علي گلعذار.
ڏس درياء خان دولهه آهي نظر علي نروار

٢- روحل پيو رمزن وارو محمد حسن سوچار.
غلام علي پيو ڀڳڻ پاڪ صورتوند سردار.

٣- سائين فيض علي فيض وارو جو آهي صاحب دستار.
خاص خليفو سائين سيا ڳوٺ جنهن کي ڏات ڏني ڏاتار.

٤- جهڙي ڪاشي تهڙي ڪنڊڙي، وڃ نه پانيان وار.
"جيوڻ" آکي آهيان بندو، ستگر تو آڌار.

(٢)

مراد فقير

ڪلام جي عظمت کان، مراد فقير جو شمار، سنڌ جي مشهور شاعرن ۾ ٿئي ٿو. مراد فقير ۽ روحل فقير جي قريبي صحبتين مان آهي. هن قريبي رشتي جي خبر اسان کي هن مان پوي ٿي ته مراد فقير، روحل فقير سان سفر ۽ حضر ۾ گڏ ٿي رهيو. ڪيمن خلافت جو منصب حاصل هجي ته ڪهڙو شڪ آهي.

مراد فقير جي والد جو اسم گرامي، منهنجي محترم دوست پروفيسر عطا محمد حاميءَ، شامو فقير ورتو آهي، جو غلط آهي. جيئن اسان مٿي ڏيکاريو آهي، روحل فقير جي والد جو نالو شاهو فقير هو. ڪنڊڙيءَ جي ڪيترن فقيرن کان معلوم ڪيو اٿم، جن ٻڌايو آهي ته فقير مراد جي والد جو نالو محمد حيات هو، جو روحل فقير جي سوٽن مان هو. فقير صاحب به زنگيجو بلوچ هو. مراد فقير ۽ روحل فقير جي عمرين ۾ تقريباً ڏهن سالن کن جو تفاوت هو. جيڪڏهن زباني روايت تي اعتبار ڪجي، ته مراد فقير سن ١٧٣٢ع يا ١٧٣٣ع ۾ تولد ٿيو هو.

ننڍي هوندي فقير صاحب جي تعليم چڱيءَ ريت ٿي. هو هندي، فارسي، سرائڪي ۽ سنڌي زبانن جو پوريءَ ريت ڄاڻو هو. سندس جوانيءَ جو عرصو ڪيئن گذريو ۽ ڪهڙي شغل ۾ گذريو، اُنهن بابت ڪا به معلومات نٿي ملي. فقط هيتري خبر ملي ٿي ته فقير صاحب، ننڍي ئي هوندي روحل فقير جي صحبت ۾ وڃي پهتو. اُن وقت جڏهن هو پدمات جي پٽ تي وڃي گوشي نشين ٿيو هو، تڏهن مراد فقير به ساڻس گڏ هو، جيئن فرمائي ٿو:

وَرِ پسي پدمات جي، پن هٽي هالار،
جي هوون هيڪاندا يار، ته ڏکيا ڏينهن نه ساريان.

اُن کان پوءِ هُو فقير صاحب سان، سندس سير ۽ سفر ۾ شريڪ رهيو. مون کي هن روايت جي مڃڻ ۾ به تامل آهي ته هُو روحل فقير جو پير ڀائي هو. جيتريقدر زباني روايتن جي ڇنڊڇاڻ ڪئي ويئي، اُنهن مان معلوم ٿو ٿئي ته هو روحل فقير جي صحبت ۾ اچڻ کان پوءِ ڪانئس هڪ دم به ڌار نه ٿيو آهي. جيڪڏهن سندس اِرادتمندي ڪنهن ٻئي صاحب سان هجي ها ته هو ڪڏهن به روحل فقير جي صحبت کي پنهنجي لاءِ اڪسير نه سمجهي ها. هن کي روحاني مقام جو حاصل ٿيو، سو سچوئي روحل فقير جي فيض جو اثر هو. هيڏيءَ ڪليل وضاحت کان پوءِ، هن ۾ شڪ ۽ گمان آڻڻ جو ڪو سبب ئي پيدا نٿو ٿئي.

ڪلهوڙن جي زوال پذير، پر آشوب زماني ۾، روحل فقير وانگر مراد فقير به ٽالپرن جو طرفدار هو. اُن زماني ۾ جڏهن عبدالنبي، افغانستان جي نامور حاڪم تيمور شاهه کان مدد طلب ڪئي هئي ۽ مدد خان سنڌ ۾ اچي ڌاڙا ٻئي هنيا، تڏهن ان کان مراد فقير متاثر ٿي چيو هو:

ماري 'مدد' کي دور ڪريو، ڇوڙ وڃي يهودي يزيد ميان.

يهودي ۽ يزيد جها لفظ، فقير صاحب، انتهائي نفرت سان ماده خان لاءِ لکيا آهن. انهيءَ ۾ کو شڪ نه آهي ته هن خونريز انسان جا مظالم بي حد ڪان وڌيل هئا. ميان عبدالنبيءَ جي اخراج کان پوءِ، جڏهن ٽالپرن حڪومت جون واڳون پنهنجي هٿ ۾ ورتيون، تڏهن مراد فقير ڪين دعا ڪئي ته:

ٽاريون ٽالپرن جون پرور پوکايون،
دائم تنين دعا جو آسين پاڻي ٽا پايون،
سي سدائين سايون، جن جي مدد ”محمد مراد“ چئي.

ڪلهوڙن جي پر آشوب دور گذرڻ کان پوءِ، جڏهن ملڪ ۾ سڪون اچي ويو، تڏهن پنهنجي رهنما سان گڏجي هو ڪوٽ ڏيجيءَ جي پرسان ڪوٽلي ۾ اچي رهيو. جتي هن روحل فقير کي پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ ڏنو، جنهن مان خدابخش ۽ فقير دريا خان تولد ٿيا.

ان وقت ڌاري ڪوٽلي جي لڳ هڪ سيد شڪر شاهه نالي رهندو هو. هن خدا وارن فقيرن ڏانهن عام ماڻهن جي رجوع کي ڏسي، هو فقيرن جي رنجائڻ جي پويان اچي پيو. مگر فقيرن طرفان صبر ۽ شڪر کان سواءِ پيو ڪوبه جواب نه هو. ڪيس پيو ته ڪوبه وجهه نه ملي سگهيو، آخر هن فقير صاحبن جي زمين تي قبضو ڪرڻ گهريو. روحل فقير ته هن معاملي ۾ خاموش رهيو، پر مراد فقير کي هيءَ ڳالهه نه وڻي. هن چاهيو ته شڪرشاهه کي ان جو بدلو ڏئي. روحل فقير کي ان جي ڪٿ پئجي ويئي، جنهن مراد فقير کي پاڻ وٽ گهرائي، جوابي قدم کڻڻ کان روڪيو ۽ کيس هدايت ڪيائين ته ”فاني شين جي لاءِ وڙهڻ ڇا جو؟ مرد اهو آهي، جنهن پنهنجي نفس سان وڙهي، ان کي زير ڪيو.“ فقير صاحب جي هدايت جي مراد فقير پوري پوري تعميل ڪئي، پر ان واقعي جو ايڏو گهرو اثر مٿس پيو، جو هن واقعي کان ٿورا ڏينهن پوءِ بيمار ٿي پيو ۽ ان بيماريءَ ۾ وصال ڪري ويو. هي واقعو سن ١٧٩٦ع ڌاري ٿيو. کيس ڪوٽلي ۾

دفن ڪيو ويو. فقير صاحب جي وفات کان پوءِ روحل فقير به ڪوٽڙي کي ڇڏي وڃي ڪنڊڙيءَ ۾ رهيو.

فقير صاحب پنهنجي دور جو وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. هن نه فقط سنڌيءَ ۾ شعر چيو آهي، پر فارسي، هنديءَ ۽ سرائڪيءَ ۾ به سندس ڪلام موجود آهي. فارسيءَ ۾ سندس هڪ ننڍڙو ديوان آهي. هنديءَ ۾ سندس تصنيف جو نالو 'پريم گيان' آهي.

سنڌي شعر ۾ هو پنهنجي پيشرو شاعرن، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ ۽ سيد عنايت شاهه رضويءَ جي نقش قدم جو تابع نظر اچي ٿو. سندس ڪلام جو گهڻو حصو سنڌ جي قديم قصن ۽ ڪهاڻين تي ٻڌل ٿو نظر اچي. سندس سنڌي ڪلام جو ذخيرو ڪو ايڏو وڏو نه آهي، مگر روحل فقير جي ڀيٽ ۾ ڪي قدر زياده نظر اچي ٿو. سندس ڪلام ۾ پختگي ۽ رواني آهي. سندس عشقيه شاعري آتاهه درد سان ڀريل آهي. پتنگن جي پَرَ جو ذڪر ڪندي شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سر يمن ڪلياڻ ۾، فرمايو آهي:

پڇ پتنگن کي، سنڌيون ڪامڻ خبرون؛
آڏيو وجهن آگ ۾، جيءُ پنهنجو جي؛
جيسري جني جي، لڳا نيزا نينهن جا.

مراد فقير فرمائي ٿو :

سڀا سَنِ سِڪ "مراد" چئي، جا پَرَ پتنگن؛
آچن آجل سامهان، سر جو سانگ نه ڪن؛
جن کي موت مشاهدو، سي رَتي تڪين رهن؛
ساعت سين نه سهن، پاڻ برابر پرَ جي.

صوفين شمع ۽ پتنگ جي، حالت کي حيرت جو مقام سڏيو آهي، جتي حق جي طالب کي پنهنجي هستيءَ جي ڪا به سوجهه نٿي پوي. فريدالدين عطار پروانې ۽ شمع جو بيان هيئن ٿو ڪري:

یک شبي پروانگان جمع آمدند
در مضیفي طلبِ شمع آمدند
جملگي گفتندمي بایدیکي
کو خبر آرد ز مطلوب اندکي
شد یکي پروانه تا قصري زدور
در فضاي قصر یافت از شمع نور
باز گشت و دفتر خود باز کرد
وصفِ او بر قدرِ فهم آغاز کرد
ناقدي کو داشت در مجمعِ مهي
گفت او را نیست از شمع آگهي

(هڪ رات پروانا اچي گڏ ٿيا ۽ مجلس ۾ شمع جا ڳولائو ٿيا. سڀني چيو ته اسان مان هڪ کي وڃي، مطلوب جي خبر آڻڻ کپي. اُنهن مان هڪڙي محلات ۾ پري کان شمع جي روشنيءَ کي ڏٺو. هو موٽي ويو ۽ پنهنجي سمجهه موجب ان حقيقت کي بيان ڪيائين. اُنهن ۾ هڪ نڪته چين به هو، جو سندن سردار به هو. هن چيو ته هن کي شمع جي ڪهڙي خبر؟)

شد یکي دیگر گذشت از نور در
خویش را بر شمع زد از دور در
دست درکش کرد با آتش بهم
خویش را گرم کرد با او خوش بهم
چون گرفت آتش ز سرتا پاي او
سرخ شد آتش اعضاي او
ناقد ایشان چو دیده او را ز دور
شمع با خود کرده همرنگش ز نور
گفت این پروانه درکار است بس
کس نه داند او خبردار ست بس

(اُنهن سان هڪ پيو اَن روشنيءَ جي درڪان گذريو ۽ در ڪان اندر ويندي ئي پاڻ کي شمع تي قٽو ڪيائين. هو باهه ۾ وڪوڙجي ويو ۽ پاڻ کي وڏي خوشيءَ سان اُن ۾ گم ڪري ڇڏيائين. جڏهن باهه اُن کي وڙتو، تڏهن سندس عضوا باهه ۾ پچي ڳاڙها ٿي ويا. نڪتچين اُن کي پري ڪان ڏسي چيو ته 'شمع پنهنجي نُور سان هن کي همرنگ ڪري ڇڏيو.' چيائين ته اهڙي پتنگي جي ڳولهج آهي، جنهن جي لاءِ هي معلوم ٿي نه سگهي ته هو باخبر آهي.)

آنڪه شد هم بيخبر هم بي‌اثر ـ از ميان جمله دارد او خبر
تانگردي بيخبر از جسم وجان ـ ڪي خبر يابي زجانان يڪ زمان

(آهو، جو بيخبر ۽ بي‌اثر بڻيو، ۽ نيني ۾ اهوئي خبردار آهي. جيستائين پنهنجي جسم ۽ جان کان بيخبر نه ٿيو آهين، تيستائين توکي دوست جي خبرئي ملڻ محال آهي.)

پڻائي هن حقيقت جو اظهار هيئن ٿو فرمائي:

پتنگن پسهه ڪيو، ميڙئا مٿي مچ؛
پسي لهس نه ليڇنا، سڙيا مٿي سچ؛
سندا ڳچين ڳچ، ويچارن وڃائيا.

مراد فقير، اُن نظاري جو ذڪر هيئن ٿو ڪري:

جي پارين تان پار، اندر باهه برهه جي،
مٿي مچ "مراد" ڇڏيءِ ڪئي پتنگن پچار،
نه جيئري جالب نه مڙي، توڙي حيلا ڪرين هزار؛
دوسائي دربار، تا مٿا ڪن مشاهدو.

مراد فقير جو بيت، فريدالدين عطار جي ڊگهي نظم جو گويا اختصار آهي، جنهن ۾ هن حقيقت جي راز کي پُرتاثير لفظن ۾ آڻي جمع ڪيو آهي. هن حقيقت کي ٻيءَ تشبيهه سان هيئن ٿو پيش ڪري:

محبت جي ميدان ۾، ڏين سر ثواب،
جو آڏو عجبين کي، آهي هي حجاب،
متان ته ٿين، "مراد" چئي، محبوبن جو باب،
جيئن سو گل گلاب، ٿي پيش چڪايو پاتشاهه.

هن مان مطلب آهي ته جهڙيءَ ريت گلاب جي گلن کي چڪائڻ کان پوءِ عطر کي قرب سلطاني حاصل ٿئي ٿو، اهڙيءَ ريت هڪ ارادتمند کي پنهنجي سر ڪان به گذرڻو پوي ٿو ۽ پوءِ ئي حقيقي وصال سان مالا مال ٿئي ٿو. حق ۽ صداقت جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيڏيون نه قربانيون ڏيڻيون پون ٿيون. جيڪڏهن اسان صوفي حضرات جي تصنيف، شيخ فريدالدين عطار جي تصنيف "تذڪرة الاوليا" ۽ مولانا جاميءَ جي تصنيف "نفحات الانس" کي پڙهي ڏسنداسون، ته اسان کي خبر پوندي ته صوفين جي زندگيءَ جو شغل ۽ ماحصل ڇا هو؟ اهڙيءَ ريت مراد فقير جي ڪلام ۾ اسان کي راست رويءَ جو اهو سچو پروگرام حاصل ٿئي ٿو، جو صوفين لاءِ طرهٔ امتياز آهي. وحدت الوجود جو سادو مثال هيئن ٿو ڏئي:

تون آهين تئن پرينءَ سان، جئن پاڻي ۾ ماڪ،
ڦوڙائو فراق، توتي ڪونهي مئور "مراد" چئي.

فارسي شاعرن، محمود شبستري، مغربي يا بيدل دهلويءَ وانگر، پرشڪوه لفظن جو انبار نظر نٿو اچي، مگر سادي تشبيهه آهي، جنهن کي ٿوريءَ سمجهه وارو ماڻهو به پوريءَ ريت سمجهي سگهي ٿو. جيڪڏهن فصاحت مضمون جي باريڪيءَ کي آسانيءَ سان بيان ڪرڻ آهي، ته مراد فقير جي ڪلام جي فصاحت جو اسان کي قائل ٿيڻو پوي ٿو. همه اوست جي خيال کي به ان ئي سادگيءَ سان ادا ڪري ٿو.

تن پرين، من پرين، چت پرين، دل يار،
اندر پاهر سپرين، ورڻ نه آهي وار،
اکين منجهه "مراد" چوي، پيو ڪونه قرين ڏار،
ڇاڏي ڪريان نهار، تاڏي سڄڻ سان سامهان،

گويا شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو رنگ نظر اچي رهيو آهي:

ڪاڏي ڪاهيان ڪرهو، چوڏس ڇناڻو،
منجهي ڪاڪ ڪڪوري، منجهي لڏاڻو؛
راڻو ٿي راڻو، ري راڻي ناهه ڪو.

اهڙيءَ ريت، اسان ڪي مراد فقير جي ڪلام ۾ سنڌي شاعريءَ جي ضرب المثل سادگي نظر اچي ٿي. ان سادگيءَ جي نقش جي وضاحت هيٺين بيت مان ظاهر ظهور نظر اچي ٿي:

چاڪيءَ چيت ”مراد“ ڪري، گهاڻو منَ گهماءِ،
ساري سُرت نيرت جا، ڏينهڪ ڏاند وهاءِ،
تهه تاري ڪڍ من مون، سرنهه صاف پيڙاءِ،
تيهان پوءِ تون لاءِ، لڳين تيل لقاءَ جو.

عبادت الاهيءَ جي لاءِ من جي گهاڻي کي رات ڏينهن گهمائڻو آهي. جهڙيءَ ريت چاڪيءَ جي گهاڻي لاءِ ٻن ڏاندن جي ضرورت آهي، اهڙيءَ ريت، هڪ مريد کي رياضت ۽ مجاهدي لاءِ سُرت ۽ نيرت جي ضرورت آهي؛ جن سان دوئي ۽ شرڪ دور ٿي وڃي ٿو، ۽ دوئيءَ ۽ شرڪ جي وڃڻ سان خالص محبت الاهي ٿي وڃي بچي ٿي. هڪ سادي ملڪي تشبيهه، ڪيڏي نه معنيٰ خيز بڻجي پيئي آهي. سنڌس آرزوءَ پوري دعا به ايڏي ئي سادي آهي:

هادي هدايت جو ڪو پيالو مون پيار،
مستي جا محبت جي، سا مون ذات ڏيار،
وسري ڪير ”مراد“ چئي، ڪي مون وسار،
سا ڪا نظر نهار، جنهن سان تنهنجي رنگ رچي رهان.

سنڌس ڪلام جي اوصاف جو جيڪڏهن تفصيل سان بيان ڪبو ته اهو سنڌس هر بيت جي تشريح ٿي پوندو. ان ڪري، هن تفصيل کي ڇڏي، مان سنڌس ”سي حرفيءَ“ جو ٿورو بيان ڪندس، جا پنهنجي

حسن بيان ۽ زبان جي شستگيءَ سبب سنڌي زبان جو هڪ شاهڪار آهي. سي حرفيءَ جي ابتدا حمد سان ڪري ٿو. حمد به سادگيءَ پريل، جنهن ۾ حقيقت جو اظهار آهي:

الف- اَلحَمدُ لِلّٰهِ رَبِّ العَالَمِينَ، سارا هيان سُبحان،
جنهن قادر "کُن فَيَڪُونُ" سان جوڙيو سڀ جهان،
خلافت خلق جي ڪيائين آدم تي احسان،
تنهن روح وڌو رحمان، مان روحي "مراد" چئي.

هن بيت ۾ انسان جي عظمت جو اقرار آهي، "ڪُن" سان دنيا جي آفرينش ٿيڻ کان پوءِ، ابن آدم کي زمين تي خلافت جو اعزاز عطا ٿيو: ان جي اندر جو روح رکيو ويو، سو 'روح ڪُل' جو هڪ جزو هو. ان ڪري انسان اشرف المخلوقات جو دعويدار بڻجي پيو. هن شرف جي حاصل ٿيڻ کان پوءِ، فقير مراد 'انسان ڪامل' جو نقش اسان جي سامهون هيئن ٿو پيش ڪري:

ت- تو بِهِ ڪر تن ڪون، ڏينس ترڪ تمام،
پردو ڪيو پرين ڪون، ننگ ناموس ۽ نام،
"مَن عَرَفَ نَفسَهٗ"، پيو ڪيچ ڪونہ ڪلام،
جو آهي هي اسلام، محمدي "مراد" چئي.

تن آرائيءَ کان دور ٿيڻ اهو حجاب دور ڪرڻو آهي، جو ننگ ناموس ۽ نام جي پيچ ۽ خم ۾ اٽڪيل آهي. پاڻ کي اهڙيءَ ريت سڃاڻڻ کان پوءِ خلقڻهار جي سڃاڻپ پيدا ٿي پوي ٿي: هيءَ حقيقت اسلام آهي ۽ هيءَ ئي حقيقت محمدي جو مقام آهي، جنهن بابت صوفين جو پختو عقيدو آهي ته هن عالم جي ايجاد جو سبب حضور جي ذات مبارڪ آهي. جاڪان ته ان خلافت جو شرف جيڪو آدم کي عطا ٿيو هو، ان جي تڪميل حضور جي ذات بابرڪات ۾ ٿي ٿي آهي.
حضرت خواجه محمد زمان سلطان الاولياء فرمائي ٿو:

عجب جهڙي آ، حقيقت حبيب جي،
نڪي ڇپيو سو ڏٺي، نڪي مخلوقان،
شفق جي ساڃاءِ، جامع ليل نهار ڪي.

جهڙيءَ ريت شفق ڏينهن جي نور ۽ رات جي ظلمات جي وچ ۾ آهي، اهڙيءَ ريت حضور صلعم ڪفر ۽ اسلام جي وچ ۾ ثالث جو مرتبو رکي ٿو. جيڪڏهن جهان جي تخليق جو باعث انسان جي شرف جو اظهار آهي، ته توحيد جو اقرار انسانيت جو معراج آهي ۽ انڪار تحت الثريٰ. ان حالت ۾ مراد فقير جيڪڏهن 'حقيقت محمدي' کي سلامت رهڻ جو سفينو سمجهي ٿو ته ان ۾ حق بجانب آهي. هن محبت جي ڪيف جي جنهن چسڪي آهي، ان جي بابت فقير صاحب جو ارشاد آهي:

خ - خُمر مون عشق جي، جنين چکي چس،
ويا سيئي وسري، روح تنين جي رس،
ستايا "مراد" چئي، محمودي مجلس،
عام لنگهيائون لس، وڃي محو ٿيا محبوب ۾.

حقيقت صاف آهي، جنهن جي تشريح جي ڪابه ضرورت نه آهي. اهڙي ريت هيءَ سڄي سي حرفي محبت الاهيءَ جو هڪ غيرفاني موقعو آهي، جنهن جي توحيد جو نقش هميشه آجاگر رهندو.

سون پنهنجيءَ تصنيف "تذڪري" ۾، حمل فقير جي ڪلام مان انهن بيتن جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ سسئيءَ ۽ سنڌس ساهيڙين جي گفتگو ڏني آهي. مراد فقير پنهنجي ڪلام ۾ "سوال - جواب - سسئيءَ" جو جدا عنوان رکيو آهي، جنهن ۾ هڪ وڻندڙ حقيقت موجود آهي. حمل فرمائي ٿو:

آتڻ ڇڏي اڄ، آئت اولاڻي نڪرو
سوڪاڻي سون ڪنان روئي ڪريو رڄ
هي هي هوت وڃي ويا، ڪاڻد مٿيءَ جو ڪڄ

هاٿي هٿ "حمل" چئي، ڏار ٽڪڻ ٽيو لڄ
تنهن منهن ڇائي ڇڄ، جا وَرَ ري ۽ ويس ڪري ڪهي.

ساهيڙيون جواب ڏينس ٿيون:

تڏهن ساهيڙيون سڏڪي چيس، ڪوڙها ڳل ڳاڙي
هَي هَي وڃ مَ هيڪلي، سسئي تون ساڙي
هاٿي ٽيڪ "حمل" ڇوي، پهَر ڪو پاڙي
ته سيپي سياڙي، تو سان هلون هوت ڏي.

سسئي جواب ٿي ڏي:

چئي صبح تائين مرتيون، کهڙي جوش جهلي
سسئي ڪي سات ويو، سورن سان سلي
جا هلئي آهه هلي، مون سان هينئڙي هوت ڏي.

"حمل" هن سوال ۽ جواب جي سلسلي ۾ سسئي جي بيقراري ۽ جو اهڙي جنهن ريت ويهي ڪڍيو آهي، ان مان سندس درد ۽ دل آساني واضح طور نظر ٿي اچي. مگر مراد فقير جي سوال ۽ جواب جو رنگ ئي بيو آهي. ناصح ۽ سسئي ۽ جو سوال ۽ جواب آهي. فرمائي ٿو:

تڙ تڙ تڪ مَ تور، ڪيچ ڪجاڙي ڪي وڃين
نڪي هاڙهي هوت ويو، نڪي جبل هنگور
مونئي وڃ "مراد" چئي، پوري منجهه پنيور
ناحق ڏيهه م ڏور، آئي دل ۾ ديرو دوست جو.

سسئي جواب ٿي ڏئي:

عاشقن اُنين، ڪين سري ري ۽ سڄڻين
مونئي جا "مراد" تون، ڪيئن تو ڏس ڏئين
پيالو پريت جو، جي هئون هوت پئين
تان ڄاڻ ڪو ڏينهن جئين، تان ڪو ڪون ڪرين وڃ ۾.

فقير "مراد" جو مذاق ئي پنهنجو آهي. سندس سخن جو رخ هڪ پيغام جي حيثيت رکي ٿو. هن سوال ۽ جواب ۾ به هن حقيقت تان پردي کڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جا سندس ڪامياب فڪر جو نشان آهي.

سندس سرائڪي ڪلام ۾ سندي ڪلام وانگر رس پريو ۽ فيض جو پندار آهي؛ اهوئي قلبي واردات جو جوش ۽ جذبو آهي. محبت جي سودي جي قيمت، سندس نظر ۾، عاشق جي جان جي قرباني آهي، جنهن جو اظهار هن جابجا ڪيو آهي. فرمائي ٿو:-

سر ڏيون تان گهڙا سانگا، صرفي سوچ نه ٿيوي،
وچ ميدان محبت ڏي، نت "مُوتُوا" موت مريوي،
سر سيرواهه سجن توون صدقي، تن من گهول گهتيوي،
يار "مراد" ماٺيسي سو، جو جينديان مرڪر جيوي.

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو ته:

جي تو طلب ملڻ دي سڄڻان، تان سرڪون ٽال نه چائين،
اول عقلئون ڪرين جدائي، پير پيچي توون پائين،
چوڙي خيال خام خودي دي، مين ڪون مار مٽائين،
جو جينديان سندي جاءِ نهين، پن موٺيان "مراد" اٿائين.

صوفين جي نفي ۽ اثبات جي ڳالهه کان علحده، هن ڳالهه جو اعتراف ڪرڻو پوي ٿو ته محبت بجاءِ خود هڪ عجيب حقيقت آهي. پتنگ شمع تي جلڻ لاءِ جيڪر ڪڏهن به تيار نه ٿئي، مگر ان جي اندر شمع جي آگ کان زياده روشني جي لاءِ جلڻ موجود آهي، جنهن جي مقابلي ۾ آگ ۾ ٽپي پوڻ وڏيڪ آسان بڻجي پوي ٿو. هيءَ هڪ اهڙو جذبو آهي، جنهن جي قدر ۽ قيمت جي خبر ان کي آهي، جو پنهنجي زندگيءَ کان ان جذبي کي زياده اهميت ڏئي ٿو. شاهه ڀٽائيءَ ۽ نوجوان جت جو واقعو ان جذبي جو هڪ مثال آهي. عرب جي حسن ۽ عشق جي داستانن ۾ اهڙا واقعا اسان کي ڪيترائي ملي سگهن ٿا. "اصمعي"، جو خليفي هارون رشيد جي درباري عالمن ۽ شاعرن مان هڪ هو، هڪ اهڙيءَ اکين ڏٺيءَ ڪهاڻيءَ جو ذڪر ٿو ڪري. هو لکي ٿو ته:

"هڪ ڏينهن مان سير لاءِ گهر کان ٻاهر نڪتس، هڪ پٿر تي لکيل ڏٺم:

آ ياسَعشر العشاق بالله خبّروا
اذا حل عشق بالفتيٰ ڪيف يصنع

(اي عشاقن جا گروهه، خدا جي واسطي مون کي ٻڌايو ته جيڪڏهن ڪو ڪنهن تي عاشق ٿي پوي ته ڪهڙي تدبير ڪري؟)

"اصمعي" چوي ٿو ته مون ان جي جواب ۾ لکيو:

يُداري هواهُ ثمّ يڪتم سرهُ
ويخشع في ڪلّ الامور ويخضع

(پنهنجي خواهش ۾ نرمي آڻجي، پوءِ ڳجهه کي لڪائجي؛ سڀني ڳالهين ۾ نياز ۽ ادب کي ڪم آڻجي.)

"اصمعي" چوي ٿو ته جڏهن مان ٻئي ڏينهن ويس، تڏهن ڏٺم ته ان شعر جي هيٺان هيءُ شعر لکيل هو:

فڪيف يداري والهوي قاتل الفتيٰ
وفي ڪلّ يومٍ قلبهُ يتقطع

(ڪهڙيءَ ريت هو پاڻ کي ڇپائي، جو ته عشق جوانن کي قتل ڪرڻ وارو آهي؛ هر روز ان جي دل ٽڪرا ٽڪرا ٿي رهي آهي.)

"اصمعي" چوي ٿو ته مون ان جي جواب ۾ لکيو:

إذا لم يجد صبراً ليڪتمان سرّهُ
فليس لهُ شيءٌ سوي الموت ينفع

(پوءِ جيڪڏهن هو ڳجهه کي ڇپائيندي صابر ٿي نه سگهي، ته موت کان سواءِ ٻي ڪا به شيءِ فائدي واري ٿي نٿي سگهي.)

"اصمعي" لکي ٿو ته ٻئي ڏينهن مون ڏٺو ته هڪ جوان مئو پيو هو! مون کي ڏسي بيحد افسوس ٿيو. منهنجي جواب ۾ هيٺان ٻه شعر اتي لکيل نظر آيا:

"پڇندو ۽ مون ان جي تابعداري ڪئي، ۽ مري ويس ... منهنجا سلام ان شخص کي ڏجو، جنهن مون کي وصال کان محروم رکيو آهي! نعمتن وارن کي نعمتون مبارڪ ڏين، ۽ ويچاري محبت واري کي زهر جو ڍڪ (صبر)!"

هيءَ ته مجازي محبت جي حالت آهي، پر حقيقي محبت جي جوش ۽ خروش جو ڪو اندازو ئي نه ٿو لڳائي سگهجي:

خدا رحمت ڪند اين عاشقان پاڪ طينت را.

محبت الاهي جي جوش کي "مراد" مجازي محبت سان ڀيٽيندي، سنڌ ڙين کي هيئن ٿو خطاب ڪري:

لاف مريندي لڄ نهين آوندي، عاشق نانءُ سڏيندا،
همت هندو دي زن جيتلي، تون ڪاهر نهين ڪريندا.
او سڙ پوندي مردي آتي، تون دل دلبر نهين ڏيندا،
پر يار "مراد" مريسي سوئي، جو جيندي سڙڪ جيندا.

فارسي شاعريءَ جو شهباز، امير خسرو پڻ اسان کي ساڳيو مثال ڏئي ٿو:

خسروا، در عشقبازي ڪم ز هندو زن مباش
او- براي مرده سوزد، زنده جان خويش را.

(خسرو، محبت جي راند ۾ هندو زال کان گهٽ نه پئه: هوءَ ته مردي جي لاءِ پاڻ کي جيئري جلائي ٿي!)

ستي لڳڙيءَ جو رواج اگرچ انسانيت سوز ۽ مذموم طريقو آهي، مگر هندو عورت جي مستعديءَ کي وساري نه ٿو سگهجي. هوءَ ته هڪ لاش جي مٿان پاڻ کي آگ ۾ اجلائيندي ٿي رهي، جنهن جو مقصد اڌ ئا آهي، مگر عشق الاهي، جو هڪ بامقصد فريضو آهي، ان کان پنهنجي اکين کي پوٽڻ ڪڏهن به محبت جي راهه ۾ معاف ٿي نه ٿو سگهي. ان لاءِ ته اعليٰ عزم جي ضرورت آهي. "مراد" ان جي تلقين هيئن ٿو فرمائي:

آول فرض نماز جنازه، عاشق آدا ڪريندي،
ڏيندي ترڪ تعلق سڀ ڪون، مٿ تڪبير مريندي،
چشمي عشق حقيقي دي وچ، سر ڏي وضو سريندي،
سي مشتاق "مراد" پيچي وت، ڪيهي قرض پريندي.

"مراد" اسان جي سامهون الاهي محبت جي تصوير 'منصور' ۽ 'سرمد' جي رنگ ۾ پيش ڪري رهيو آهي، جو هڪ ايڏو عظيم نقش آهي، جنهن جي متابعت ۽ تقليد تہ پري رهي، رڳو ڏسندي ئي بدن تي لرزو طاري ٿي وڃي ٿو. جيڪڏهن "مراد" انهيءَ منزل جو آشنا هو، تہ يقيناً هُو پنهنجي دور جي ڪاملن ۾ شمار ٿي سگهي ٿو. هو محبت الاهي جو ساد و پروگرام هيئن ٿو پيش ڪري:

جي ڪرين رياضت رب" دي، تان تون صورت سمجهہ صفاتي
اول سال زڪوات ڏيوين، سر ڪر هٿ "لا" دي ڪاتي
روزا رکين غير کنون، تان عين تيون آثباتي
جو حج حضور شريف آتاهين، دل وچ پائين جهاتي
پڙهين نماز "مراد" مداتي، رهين ذڪر وچ ذاتي،
تان ملڪ الموت کنون جند ڇٽي، حاصل تيوي حياتي.

اسلام جي پنجن رڪنن کي طريقت اندر ڪهڙيءَ نہ خوبيءَ سان "مراد" سمايو آهي. نماز، روزي، زڪوات ۽ حج کان سواءِ هُو جهاد اڪبر کان بہ واقف آهي، جو آهي "ذڪر ذاتي." جيڪڏهن اهي شيون محبت الاهي جي طالب کي حاصل ٿي وڃن تہ هُو واقعي آبدي حيات جو وارث آهي. اهڙيءَ ريت سندس سرائڪي ڪلام سچوئي سوز ۽ ساز آهي. محبت جي پيچيده راهن کان دور، هو صراط المستقيم جي صاف سطح تي پنهنجي ڪلام سان وٺي وڃي رهيو آهي. هو قرآن حڪيم جي ارشاد عالي، "لِمَ تَقُولُونَ مَالَا تَفْعَلُونَ" (آهو ڇو ٿا چئو، جيڪو نٿا ڪريو) کي پوريءَ ريت ڄاڻي ٿو. دنيا جيڪڏهن ابن العربيءَ ۽ امام غزاليءَ جي تصوف جي باريڪين جي مداح آهي، تہ "روحل" ۽ "مراد" بہ انهيءَ ئي راهہ تي گامزن آهن.

ليڪن مٿين بزرگن کي سمجهڻ وارا حاصل ٿي نه سگهيا، پر هنن جي ڪلام جي مٿان ٻيڌڙيءَ جو ايترو ته لٽ چڙهي چڪو آهي، جنهن جي لاهڻ لاءِ هڪ مضبوط صيقل جي ضرورت آهي. ڪاش، اهو صيقل ميسر ٿي سگهي!

مراد فقير جو هندي شاعريءَ ۾ وڏو درجو آهي. هن ان زبان ۾ تورا شبد، ۽ "پريم گيان" نالي گرنٿ لکيو آهي، جنهن ۾ عشق الاهي جي ذڪر کي نهايت عمدي پيرائي ۾ ڏنو آهي. "پريم گيان" متعلق دلپت صوفيءَ (۱) جي راءِ آهي ته

"پريم گيان" ساکيات هيرن جي کاڻ آهي. منجهس هن پريم جي مهما اهڙي ته ڪئي آهي جنهن جي ساراهه ٿي نٿي سگهي. هوبهو سکمنيءَ صاحب (۲) جي سڪ پيئي لهي."

هيءَ هڪ ان درويش صوفيءَ جي راءِ آهي، جو سنڌي زبان جو قادرالڪلام شاعر ٿي گذريو آهي. هن حقيقت کان ڪير به انڪار ڪري نٿو سگهجي ته "پريم گيان" تصوف جو هڪ بهترين رسالو آهي، جنهن ۾ پريم جي جوت کي شروع ۾ ستگر جي نگاهه سان جاڳايو ويو آهي. فرمائي ٿو:

گرو ڪرپا تي اپجي گيان
تيانتي پائيئي پدنربان.
گرو ڪرپا تي ڪال نه کاءِ
جنم مرن ڪا منسا جاءِ.

(گرو جي مهربانيءَ سان سمجهه حاصل ٿئي ٿي، ان کان پوءِ پڻ نجات جو درجو حاصل ٿئي ٿو. جيڪڏهن گرو جي ڪرپا حاصل ٿئي ته موت ڇا جو؟ جمڻ ۽ مرڻ جو خيال ئي هليو وڃي.)

---

(۱) صوفي دلپترام، حيدرآباد جو مشهور سنت ٿي گذريو آهي. هو بيدل ميرن جي آخري دؤر ۾ ٿي رهيو.

(۲) گرونانڪ جي هڪ گرنٿ جو نالو "سکمني" آهي.

جنهن ڪبير* جو ارشاد ٿي رهيو آهي:

برهه جلنتي ديکڪ ڪر، سائين ڪرپا ڪر آئي،
پريم بوند سي ڇڙڪ ڪر، جلتي ليئي بجهائي.
(محبت جي آگ کي جلندو ڏسي، سائين مهرباني ڪري آيو،
محبت جي قطرن کي ڇڙڪي، ٻرندڙ آگ کي وسائي ڇڏيائين.)

مراد، محبت جي وصف هيئن ٿو ڏئي:

پريم بنا جڳ ميت نه ڪوئي، پريم بنا مين پاو نه هوئي.
پريم بنا آگياني اندا، پريم بنا سڀ جونيا ڏندا.
پريم پرڪاش "مراد" جو هوء، سک آپجي دک رهي نه ڪوء.
(محبت بنا جڳ ۾ ڪو به عزيز ٿي نٿو سگهي؛ محبت کان
سواءِ دل جي ورونهن ٿي نٿي سگهي. محبت بنا جاهل اندو
آهي، محبت کان سواءِ پيو ڪار ۽ ڪم ڪوڙ آهي. محبت جو
جلوو جيڪڏهن "مراد" تي پوي، ته سک ملي ۽ ڏک جو
نالو ئي نه رهي.)

پريم جي حاصل ٿيڻ کان پوءِ مراد جي نظر ۾ طالب جي هيءَ
حالت بڻجي پوي ٿي:

سانت چيت، پريم آنند سروپ، سڀ گهٽ ديکي اپنا روپ.
(دل کي سڪون ۽ محبت خوشيءَ جي صورت بڻجي پوي ٿي،
۽ پوءِ هر جاءِ تي ڪيس پنهنجي ئي صورت نظر اچي ٿي.)

هيءَ آهي "پريم گيان" جي اختصار پريل ويا ڪيان. هنديءَ ۾
سندس چيل شبد ۽ ميناج ۽ رس جو مثال پاڻ آهن. انهن مان ڪي
هيٺ ڏجن ٿا:

(١)

سنتو ڀئي ڪي آڪٿ ڪهاڻي،
ڪنهن هڪ ڄاڻي هاري ڄاڻي.

---

* ڪبير، افغاني-لوڌين جي حڪومت جي دور ۾ بنارس ۾ ٿي رهيو،
هنديءَ زبان جو وڏو شاعر شمار ٿئي ٿو.

۱- ليو ٻنا هڪ نجهر جهرت ٻن سڪ پيوڙا پاڻي،
پيوت آپئيا، پريم سڪ پايا ٻن رسنا رس ماڻي.
۲- ڪر ٻن ڪرٽي آسن ٻن ڏرٽي ٻن پڳ پدنر پاڻي،
ٻن سروڻ ڏن سمجهيئي سنيئي اگم آگوچر واڻي.
۳- اموٽ سين هڪ موٽ پرگهٽي ٻن نيوڙا درساڻي،
سيس ٻنا نت ڏانڪو نويئي شيوا سا پرماڻي.
۴- ڪهيا سنيا ڪوئي پار نه پايا اچرج هَي حيراڻي،
ڪهت ”مراد“ ميٽي جب ممتا جوت ۾ جوت سماڻي.

(اي درويشو، دوست جي ڪهاڻي ڪٿي نٿي سگهجي.
اهو ئي ان ڪيئي جاڻي سگهي ٿو، جو ان جو واقف آهي.
پاڻيءَ ٻنا هڪ نهر آهي، جا وهي رهي آهي، ۽ وات ڪان سواءِ
پاڻي پيئڻو آهي. جنهن ان کي پيتو، ان کي محبت جو سڪ
حاصل ٿي ويو، ٻن زبان جي هن آن ميناج ڪي ورتو.
جتي هٿن ڪان سواءِ ڪم ڪرڻو آهي، نه نشست آهي،
نه زمين. ٻنا پيرن جي نجات جو درجو حاصل ڪرڻو آهي،
ٻنا ڪنن جي آن خوشيءَ جي آواز ڪبي ٻڌڻو آهي؛ جا
لامڪن ۽ اٽڏنل حقيقت آهي.
جنهن جي ڪابه صورت نه آهي، ان مان هڪ صورت ظاهر
ٿي، جنهن جو ڪوبه مڪمل روپ نظر نٿو اچي. پنهنجو سر
وڃائي ڪو اتي جهڪي، اها ئي خدمت اتي درڪار آهي.
جنهن ٻڌايو ۽ ٻڌو، ان کي ان جو ڪوبه سراغ ملي نه
سگهيو، ڪيڏي نه هيءَ عجب جهڙي حقيقت آهي ”مراد“،
جڏهن دوئيءَ جو جهيڙو اندیشو گذري ٿو وڃي، تڏهن
روشني روشنيءَ ۾ سمائجي ٿي وڃي.)

مراد فقير هن نظم يا گيت ۾ تصوف جي هڪ نُڪتي کي دقيق
فلسفيانه رنگ ۾ پيش ڪيو آهي. دوست جي وصال جي ڪهاڻيءَ کي

اهڙي رنگ ۾ پيش ڪيو اٿس، جنهن کي ”ايمان بالغيب“ جو مشاهدو چئي سگهجي ٿو، پاڻيءَ بنا لهر، وات کان سواءِ پاڻي پيئڻ ۽ زبان کان سواءِ ميٺاج حاصل ڪرڻ، هي سڀ ناممڪنات ۾ داخل آهن. اهڙيءَ ناممڪن شيءِ کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪيڏي نه ڏکيائيءَ جو سامهون ڪرڻو پوندو. اهو ئي سبب هو، جو انهيءَ کي حاصل ڪرڻ ۾ شوق وارن سر جي قرباني ڏني.

(۲)

اپ موں درسن پايا ري ساڌو، آپ سون درسن پايا!
هيرو آمول هي، تاسون لهر لڳايا.

۱- چنچل چت نهچل ڀيو ميرو، لعل آمر پئي ڪايا.
۲- پئي ڪرپا تب پنڊن ٽوٽي، ستگور الک لکايا.
۳- آشا ترشنا مت گئي من ڪي، سڀي سنگل مٽايا.
۴- ڪهت ”مراد“ مٽي جب ممتا، سهجي سهج سمايا.

(اي درويش، مان ’پاڻ‘ مان ئي دوست کي ڏٺو آهي.
هيءُ اهو قيمتي هيرو آهي، جنهن سان ’مان‘ محبت لڳائي آهي.
منهنجو بي آرام روح وڃي سڪون جي اندر پيو آهي، ۽
هي خوش خوش جسم غيرفاني بڻجي ويو آهي.
جڏهن ان جي مهرباني ٿي، تڏهن هي بندشون (دنيا واريون)
ٽٽي پيون. سچي مرشد الک ڏيکاري ڇڏيو.
اميد جي پياس دل کان منجهي ويئي، ۽ خوشيءَ جي دولت
حاصل ٿي ويئي. ”مراد“ چوي ٿو ته جڏهن هيءُ دوئيءَ جو
خيال ستيو، تڏهن خوشيءَ ۾ خوشي سمائيندي رهي.)

هن کان اڳ واري گيت يا شبد ۾ فراق جي تصوير کي ڇڪيو اٿس، ۽ هن گيت ۾ وري وصال جي خوشيءَ کي بيان ڪيو اٿس. مشهور صوفي شاعر، مغربي عليہ الرحمة سچ فرمايو آهي:

گويند ڪه ڪنهه ذات او نتوان يافت،
ما يافته ايم، ڪنهش ما ئيم.

(چون ته ته ذات جو ڪجهه معلوم ٿي نٿو سگهي: اسان ان کي لڏو آهي، ۽ اسين ئي ان جو راز آهيون.)

صوفي حضرات وڏيءَ جستجو کان پوءِ ان منزل تي پهچن ٿا، جو انهن جو وصال آهي، ۽ اهائي ڪائنات جي خالق جي ڪامل صفت آهي. حقيقت ۾ هيءُ وحدت‌الوجود جو آخري درجو آهي، پر "مراد" جي قول موجب، اهو پڻ هن منزل تي پهچي ٿو، جيڪو دوئيءَ جي فڪر کي مٽائي ٿو. جيڪڏهن هو ائين نه ڪري سگهيو آهي ته پوءِ محمود شبستري، "گلشن راز" جي مصنف، جي راءِ آهي:

ترا گر نيست احوال و مواجيد ۔ مشو ڪافر بنادانی ز تقليد

(توکي جيڪڏهن اها حالت ۽ هيڪڙائي ميسر ٿي نه سگهي، ته ڪنهن جي اجائي تقليد ڪرڻ سان پاڻ کي بيوقوف بڻجي ڪافر نه بڻاءِ.)

سچ، محبت جي راهه ڪا آسان شيءِ نه آهي. ڪنهن جي مجال آهي جو بنا ڪنهن حقيقت جي، سراپا جلال سان وصال جي دعوا رکي سگهي!

(۳)

ايسا ستگور گيان بتايا،
مٽا پاڳيو دوب تراپا.

۱- ڪام، ڪروڌ، اهنڪار مٽايا، ميل سنتوڪ گهر آيا،
مين ڪا جب مول گنوايا، رام نام رنگ لايا.

۲- پوسا گر پار آتاريا، گورپوري پڪڙ چڙهايا،
ٿريو هو يا پڻو نهين وڍيايا، انحد ناد بجايا.

۳- ستگر شبد گگن ڏن لاگي، سوين ڏئار درسايا،
حد بي حد نا رهي ڪائي، آو گت الک لکايا.

۴- رنگ نه روپ نه صورت مورت، بن نينا ورسايا،
کهت "مراد" سنو پائي سادو، گهٽ مين هي او گهٽ پايا.

(سچي مرشد مون کي اهڙي سمجهه عطا ڪئي، جو دوئي پڄي ۽ پڌنڙ کي تاري ڇڏيائين.)

شهوت، ڪاوڙ ۽ وڏائي مٽجي ويئي، صبر ۽ قرار گهر ۾ آيو.
جڏهن هٺ جي هستي پڇي پئي، تڏهن ذڪر الاهيءَ پنهنجو
رنگ لاتو آهي.

سچي مرشد وڏي سمنڊ کان پار ڪري، هٿ وٺي، محبت جي
شهر ۾ پهچائي ڇڏيو. ڪو به خوف نه رهيو، نه وري ڪو
خوف پيدا ٿيندو، هُن وحدت جي ناد کي وڄايو آهي.
سچي مرشد جو آچار آسماني آواز بڻجي ويو آهي، ۽ ڏهين
دروازي (ترڪوٽي) ۾ ان جو نظارو آهي. حد ۽ لاحد
مٽجي ويئي، ۽ هر حال ۾ الک ٿي الک ٿو نظر اچي.
نه رنگ آهي نه بوءِ، نه صورت آهي نه سورت، اکين
کان سواءِ هن اهڙا نعمت بخشي. "مراد" چوي ٿو ته:
اي درويشو ٻڌو، مون پنهنجي اندر ۾ ئي ان حقيقت کي
پاتو آهي.)

مٿين نظم ۾ مراد فقير مرشد جي ضرورت تي پنهنجي خصوصي
رنگ ۾ بيان ڪيو آهي. عارف رومي فرمائي ٿو:

قال را بگذار مرد حال شو   پيش مردي ڪاملي پامال شو،
صد ڪتاب و صد ورق در نار ڪن   خفتہ دل را يک دمي بيدار ڪن.

(ڳالهين ڪرڻ کي ڇڏ ۽ عمل جو مرد بڻجي وڃ. ڪنهن
ڪامل مرد جي وڃي خدمت ڪر. سؤ ڪتاب ۽ سؤ ورق
جلائي ڇڏ، ننڊ ۾ پيل دل کي هڪڙيءَ گهڙيءَ لاءِ سجاڳ ڪر.)

طريقت جي مرحلي ۾ شيخ طريقت جو رتبو، قطب تاري وانگر
آهي، جو رات جي اونداهيءَ ۾ پٽڪيل مسافر کي راهه جي طرف
رهنمائي ڪري ٿو، هيءَ حقيقت خود پنهنجو اعتراف پاڻ ئي ڪري.
جيڪڏهن شريعت جي علوم جي تربيت لاءِ هڪ ڪامل استاد جي
ضرورت آهي ته طريقت جي راهه لاءِ به هڪ اهڙي ڪامل جي
ضرورت آهي، جو ان راهه جو پوريءَ ريت واقف هجي. معرفت ۽

حقيقت جي منزلن تي پاڻ تي اعتبار ڪرڻ، مقصد کي گم ڪرڻو آهي.
حافظ فرمائي ٿو ته:

قطع اين مرحله بي همرهيء خضر مڪن،
ظلمات است و بترس از خطر گمراهي.

(ڪنهن خضر جي همراهيءَ کان سواءِ هن منزل تان نه گذر،
چو ته ظلمات (بيخبري) جو پنڌ آهي ۽ واٽ کان ڪٿوات
وڃڻ جي خوف کان ڊڄندو رهه.)

شيخ طريقت، سلف صالحين جي نگاهه ۾ 'اولي الامر' آهي، ۽
'اولي الامر' ڪڏهن به بي راهه رويءَ جي طرف وٺي نه ويندو.

(۴)

موري پياڪو سنيهو چا ڪهيو،
ڪيون نهين آوت ڪاهي ڪو بيٺ رهيو.

۱- مين تو تهري چيري،	ڪاري نه ڪرتا ميري،
پالم بديس جا ڪي ڦيري،	سڌ ڪيون نه لهيو.
۲- وينتي ڪرت تو هي،	سوهن ملادو موهي،
پل پل جائون تو پي،	آڪي مُک دکيو.
۳- هس هس گرهه لگائون،	من ڪي مراد پائون،
جب ملي دک پنجن،	سيدر ڪنئيو.

بهرحال، مٿي مراد فقير جي هندي ڪلام جو انتخاب ڏنو
ويو آهي، تنهن مان خبر پوي ٿي ته هو هندي زبان جو قادرالڪلام
شاعر هو. هو فارسي زبان جو به وڏو ڄاڻو هو، ۽ مرحوم حاجي
امام بخش 'خادم' جي بياض ۾ سندس فارسي شعر جو انتخاب
موجود آهي، جنهن جو ڪجهه حصو مون "تذڪري" ۾ ڏنو آهي.
هت ان مان وڏيڪ چيزون ڏيان ٿو، ته جيئن ان انتخاب جي بدولت
اسين سندس فارسي ڪلام جي نوعيت کان چڱيءَ ريت واقف
ٿي سگهون.

غزل

ساقيا ده شراب ناب مرا که بر آرد همه حجاب مرا
گرچه ام‌الخبائث مي خوانند نيست ازين صواب مرا
بطبيب عشق درد خود گفتم مي خور گفت در جواب مرا
در ره عشق به سبک ساري بار سر کرده اضطراب مرا
گر رود سر "مراد" رفتن ده
نيست پروا چنين خساب مرا.

ترجمو:

١- ساقي، مون کي شراب ڏي، جيئن آءُ سڀني پردن کي ڪٽي وٺي.
٢- جيتوڻيڪ آن کي خرابين جي ماءُ چئو وڃي ٿو، پر آن سان منهنجو ڪوبه واسطو نه آهي.
٣- عشق جي طبيب کي مون پنهنجو درد ٻڌايو، هن جواب ڏنو ته خوب شراب پيءُ.
٤- عشق جي واٽ ۾، باوجود تيزيءَ جي، اسان جي مٿان آن بار پريشاني پيدا ڪري ڇڏي آهي.
٥- "مراد"، جيڪڏهن سر وڃي ٿو ته وڃڻ ڏينس، مون کي ڪنهن به ريت آن جي پرواهه نه آهي.

غزل

دلم دريا ست بي پايان ندارد هيچ ساحلها،
منم غواص گوهر جان ز صد دردانه افضلها.
نه اين دريائي از آب است، نه آن درها صدف دارد،
ولي دل مخزن آن گنجي بدست آرند اکملها.
ندارد همسري خورشيد تابان باتجلي او،
که در هر مه بدر آيد نمي بينند احولها.

اگر باور نمي داري "وَفِي أَنْفُسِ" بيا بنگر،
که آن سالارِ دين فرمود در قرآن محفلها.
تو ئي خود بين اي نادان ز بعدش مانده محرومم،
وگر نه در همه حال آن بتو ياورو شاملها.
چگويم وصف مظهر او برون از حد اوصاف ست،
چه شد گر تو نمي بيني "مراد" آن ديد در دلها.

ترجمو:

١- منهنجي دل آن اونهي درياءَ وانگر آهي، جنهن کي کي به ڪنارا نه آهن. مان روح جي موتيءَ جو تويو آهيان، جو ستون قيمتي موتين کان به مهانگو آهي.

٢- هيءَ درياءَ پاڻيءَ وارو نه آهي، نه وري انهن موتين کي سپون آهن؛ بلڪ دل آن خزاني جي کاڻ آهي، جنهن کي ڪي ڪامل ئي هٿ آئي سگهن ٿا.

٣- انهن جي تجليءَ سان، چمڪندڙ سج به مقابلو ڪونه ڪري سگهي. هرسهڻي چنڊ ته اچي تو پر ان کي تپڏا ڏسي پيا سگهن.

٤- جيڪڏهن توکي مون تي اعتبار نٿو اچي ته پنهنجي اندر ۾ ان کي نهار (وَفِي أَنْفُسِكُمْ أَفَلَا تُبْصِرُونَ)، جو دين جي سردار قرآن شريف جي مجلسن ۾ ائين ٻڌايو آهي.

٥- تون خود پسند آهين، ان ڪري ڪانئس پري رهجي ويو آهين، نه ته هو هرحال توسان مددگار ۽ شامل آهي.

٦- مان سندس اظهار جي ڪهڙي ساراهه ڪريان. سندس وصفن جي حد ۽ شمار نه آهي. "مراد"، جيڪڏهن تون ان کي دل جي اندر نٿو ڏسين ته ڇا ٿي پيو.

غزل

بدل اگر عاشق شوي، مردانه شو، مردانه شو،
شب روز در جولانگي، مردانه شو، مردانه شو.

از جام جم همت طلبي، مفتون نشو آب عنب،
تاچند باشي تشنه لب، مردانه شو، مردانه شو.
دنيا عروسي پُر غدر، زين زن بود خوف و خطر،
اے دہ طلاقش زودتر، مردانه شو، مردانه شو.
پيراهن تن را بدر، دروے نشان يوسف نگر،
جان، ديده دل کن بهره ور، مردانه شو، مردانه شو.
طوفان عشق انگيختن، کشتي بدريا مي زدن،
بانوح همزانو شدن، مردانه شو، مردانه شو.
از عالمي بيگانه شو، بايار خود همخانه شو،
از خود "مراد" افسانه شو، مردانه شو، مردانه شو.

ترجمو:

١- اي دل، جيڪڏهن تون عاشق ٿيڻ گهرين ٿو، ته همت ڌار، رات ڏينهن ڊڪ ڊوڙ ۾ آهين، ڪجهه همت ڌار.

٢- جمشيد جي پيالي کان همت وٺ، انگور جي پاڻيءَ (شراب) جو شوقين نه ٿي. ڪيستائين پياسو رهندين، همت ڌار.

٣- دنيا فريب ڀريل ڪنوار آهي، انهيءَ عورت مان خطروئي آهي. جيترو جلد ٿي سگهي، کيس طلاق ڏي، ڪجهه همت ڌار.

٤- جسم جي ڪپڙي کي ڦاڙي ڇڏ، ان ۾ يوسف (دوست) جي نشان کي ڏس. روح، اک ۽ دل کي ان سان پرپور ڪر، ڪجهه همت ڌار.

٥- عشق جي طوفان کي اٿارڻ جو مقصد آهي، ٻيڙيءَ کي درياءَ ۾ ڦٽو ڪرڻ. حضرت نوح سان گڏ ٿي، ۽ همت ڌار.

٦- جهان کان بيگانو ٿي، دوست سان گڏ رهه. "مراد"! پنهنجو پاڻ افسانو ٿي، ۽ ڪجهه همت ڌار.

غزل

به نيروئي قدرت چه صنعت گري که کس را نباشد بتو همسري
قلم قدرتت نقش بسته بر آب تو بے مثل صورت جهان آفري

ز پشت آوري نطفهٔ در شکم تو آن نطفہ را در شکم پروری
کہ پیش از تولد شدن آن پسر ز خونی بہ پستان تو شیر آوری
چو پرورده شد بچہ با عزّو و ناز نہی در دلش نور دانشوری
یالطفِ تو چون در بلاغت رسید بروی زمینش دهي سروری
چو از خود دهد رزق رازق "مراد"
تو از بهر روزي چرا غم خوري۔

ترجمو:

١- قدرت جي طاقت جي ڪيڏي نہ ڪاريگري آهي، جو ڪنهن کي بہ طاقت ڪا آهي جو تنهنجو مقابلو ڪري سگهي۔
٢- تنهنجي قدرت جي قلم پاڻيءَ تي نقش کي چٽيو آهي۔ تنهنجي صورت بيمثال آهي، ۽ جهان کي پيدا ڪندڙ آهين.
٣- پُٺ کان نُطفي کي پيٽ ۾ آڻين ٿو، ۽ اُن نُطفي کي وري پيٽ ۾ پالين ٿو۔
٤- اُن ٻار جي پيدا ٿيڻ کان اڳ ۾، ٿڻن ۾ رت مان کير کي پيدا ڪرين ٿو۔
٥- جڏهن ٻار تمام عزت ۽ ناز سان پلجي وڏو ٿئي ٿو، تڏهن اُن جي دل ۾ عقل جي نور کي روشن ڪري ٿو۔
٦- جڏهن هُو تنهنجي مهربانيءَ سان بلاغت کي پهچي ٿو، تڏهن زمين جي مٿان اُن کي سرداري بخشين ٿو۔
٧- "مراد"، جڏهن تہ رازق پاڻ ئي رزق پهچائي ٿو، تڏهن تون پنهنجي روزيءَ لاءِ ڇو پيو غم کائين!

غزل

قدر خود را چرا نمي داني،
ذاتِ قدسي، کمال انساني۔
خود پرستي مکن کہ خود بيني،
کار کفر است در مسلماني۔

اهرمن نفس را مقيّد کن،

که توئي آصفِ سليماني،

عيب خود را اگر شناس شوی،

خود بخود دم زنی "زَمنْ رَاني."

در يقينت چو شد خدا ثابت،

"لِمن الملک" خود همي خواني.

از خضر آب زندگي مطلب،

که تو سرچشمهٔ آب حيواني.

کنج عزلت گزين که خواهي يافت،

در گدائي "مراد" سلطاني.

ترجمو:

١- پنهنجو قدر ڇو نٿو ڄاڻين؟ تون پاڪ ذات آهين ۽ انسانيت جو ڪمال آهين.

٢- پاڻ تي غرور نه ڪر، جو اها وڏائي اسلام جي اندر ڪفر شمار ٿئي ٿي.

٣- نفس جي ديو کي قيد ڪر، جو تون حضرت سليمان (نبي) جو آصفِ (وزير) آهين.

٤- پنهنجي گهٽتائيءَ کان جيڪڏهن واقف ٿئين، ته خود بخود "مان ڏنو" جو نعرو هڻين.

٥- تنهنجي يقين ۾ جڏهن خدا ثابت ٿي ويو، تڏهن "ڪير آهي بادشاهه" خود بخود پڙهين.

٦- حضرت خضر کان پاڻي نه گهُر، جو تون پاڻ آبحيات جو چشمو آهين.

٧- "مراد"، گوشي نشينيءَ کي اختيار ڪر ته فقيريءَ ۾ توکي بادشاهي ملي ويندي.

رباعيات

(١)

آب و آتش، باد و خاک از کہ زاد
در طبع آن اختلاف چون آفتاد
جوهر اندر جسم آمد از چہ سود
باز گشتن او چہ بد حاصل "مراد"

(باهہ، پاڻي، مٽي، ڪنهن مان پيدا ٿيا آهن؟ انهن جي طبيعت ۾ ڇو اختلاف آهي؟ جسم جي اندر جيڪو ڌهن جوهر (روح) آيو تہ ڪهڙو فائدو، وري ان جي موٽي وڃڻ جو ڪهڙو مطلب؟)

(٢)

از کعبہ عشقبازان رخسار یار بہ
محراب پاکبازان ابرو نگار بہ
احرام عارفان ہمہ بستند گرد دل
گشتن "مراد" گرد دل از حج ہزار بہ

(عشق وارن لاءِ ڪعبي کان دوست جو ڳل وڌيڪ آهي. پاڪبازن جي محراب کان، حسين انسان جو ڀرون وڌيڪ آهي. عارفن دل جي چوڌاري احرام ٻڌو آهي، ۽ "مراد"! دل جو طواف هزار حجن کان بهتر آهي.)

(٣)

دلا! پیرہن تن چاک چاک باید کرد
بسر ایام خاک خاک باید کرد
آن دم آمد کہ ہمین خواستم از روز وصل
"مراد" دیدۂ جانان پاک پاک باید کرد.

(اي دل، بدن جي قميص کي ڦاڙڻ گهرجي. هن زماني جي مٿان ڌوڙ وجهڻ گهرجي. مان هميشہ دوست جي وصال

گهرندو رهيو آهيان، مون کي دوست جي وصال لاءِ اکيون پاڪ ڪرڻ کپن.)

(٤)

عشق در دل چو چشمهٔ آبِ حيات
ميخورد خضر وقت در ظلمات
عشق عيسیٰ دم است روح الامين
بل "مراد" عشق قاضي الحاجات

(دل جي اندر عشق ائين آهي، جيئن آب حيات جو چشمو، جنهن مان خضر ظلمات ۾ ڪجهه پيتو هو. عشق عيسيٰ جو اثر رکندڙ ۽ جبرئيل آهي، بلڪ "مراد"! هي قاضي الحاجات آهي.)

(٥)

ڪجا شد سڪندر، سليمان و جم
وآئينه، انگشتري، جام جم
ازان جمله حشمت نشانے نماند
"مراد" گلے چين، مخور خار غم

(سڪندر، سليمان ۽ جمشيد ڪٿي آهن؟ انهن جي آرسي، مُنڊي ۽ پيالو ڪٿي آهن؟ انهن ڏيئي جو ڪوبه نشان نه رهيو. "مراد"! گل چونڊ، ڪنڊن جو غم چو تو کائين.)

مٿيون انتخاب آهي، جو سندس فارسي ڪلام مان ڏنو اٿم. سندس ڪلام جي هن حصي ۾ به آهوئي بيخوديءَ جو جوش ۽ خروش، ۽ آهوئي حقانيت جو ساز ۽ سوز آهي. انسان جي پيدائش، قطرت جي صنعت جو وڏو ڪمال آهي. گوشت ۽ هڏن جو بيجوڙ مجموعو، پلجي، عقل ۽ حڪمت جي نُور سان مالامال ٿئي ٿو، ۽ زمين تي سروري حاصل ڪري ٿو. هڪ باڪمال صنعتگر جو هن ڪان وڏيڪ واضح مثال ٻيو ڪير لڀي سگهي. "مراد" سچ ٻڌائي ٿو:

چو پرورده شد بچہ باعزّ و ناز
نهي در دلش نور دانشوري
بلطفِ تو چون در بلاغت رسيد
بروئي زمينش دهي سروري

"مراد" هت بہ آن 'سروري' جو ذڪر ٿو ڪري، جنهن لاءِ ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

قدر خود را چرا نمي داني، ذات قدسي ڪمال انساني.

ڪمالِ انسان ئي سنڌس عظيم هئڻ جو دليل آهي، جنهن ڪان متاثر ٿي، سنڌس رتبو اڪثر مبصر هيئن ٿا ٻڌائين:

در يقينت چو شد خدا ثابت، 'لمن الملڪ' خود همي خواني،

فقير "مراد" جي فارسي شاعريءَ جو تخيل سنڌس همعصر بزرگ سرمست سچل سان گهڻي قدر قريب آهي؛ سرمست هن باري ۾ فرمائي ٿو:

دلا! بيني جمالِ يار جاني، نمودارست رخ در هرمڪاني.
بيامد يار ما در صد مظاهر، ز دريا موجها شد بيڪراني.
گهي در عشق گفتا "رب ارني"، گهي خود باز گفتا "لن تراني".
(اي دل! دوست جي جمال کي نهار، جو سنڌس چهرو هرجاءِ تي موجود آهي.
اسان جو دوست سوَن نظارن ۾ موجود آهي، درياءَ مان جڻ تہ اٿاهہ موجون اٿي رهيون آهن.
ڪڏهن تہ عشق ۾ چوي ٿو تہ "رب پاڻ ڏيکار"، ڪڏهن تہ چوي تہ "مان تو کي ڪيئن ڏسي سگهان ٿو.")

"ديوانِ مراد" ۽ "ديوان آشڪار" مان اسان کي خبر پوي ٿي تہ ارڙهين صدي عيسويءَ ۾ سنڌ ۾ جا صوفيانہ لهر اٿي، ان جي رهنمائن ۾ ڪيڏي نہ يڪسانيت موجود هئي. هيءُ منهنجي موضوع کان گهڻو پري آهي، جو مان ان تي پنهنجي تحقيق هتي ورقن ۾ پيش ڪريان. پر هن حقيقت کان انڪار ٿي نٿو سگهي تہ هڪ شمع مان،

پيءِ شمع روشن ٿيندي رهي آهي، جنهن جي روشنيءَ سندس همیشه اخلاق ۽ ڪردار جي بلنديءَ کي نمايان پئي ڪيو آهي. "حافظ" سچ فرمايو آهي:

ز انقلابِ زمانہ عجب مدار، کہ چرخ،
ازین فسانہ هزاران هزار دارد یاد.

(زماني جي انقلاب کان عجب نہ ڪاءِ، جو هيءُ آسمان اهڙن افسانن مان هزارين افسانا پاڻ وٽ ياد ڪري رکي.)

ليڪن اڄ اهي حق جون صدائون، تربيتون ۽ محفلون ڪٿي! "تِلْكَ الْاَیَّامُ نُدَاوِلُهَا بَیْنَ النَّاسِ"— اِهو وقت آهي، جو ماڻهن ۾ ڦيرائيندا رهون ٿا. زماني جيءَ هيءَ نايڪسانيت، هردم حيات حاڪم جي لازوال حڪومت جو غيرفاني دليل آهي.

ڪلام جي ترتيب لاءِ هيٺيان نسخا ڪم آندا ويا آهن

(الف) دستخط:

١- مخدوم حاجي امام بخش "خادم" (خ)

٢- ماستر ٺانورداس سرڳواسي (ٺ)

٣- بيراڳي فقير (ب)

٤- غلام علي "مسرور" (غ)

(سندس نامڪمل بياض تان نقل ڪيل)

(ب) ڇپيل:

١- مسٽر ٻولچند راجپال (سنڌو رسالو)

٢- هريسنگ، بڪ سيلر، سکر.

فقير روحل صوفي

سنڌي ڪلام

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

توحيد جا بيت

(۱)

جي تون صحيح سڃاڻين پاڻ، آڻيي قيمت سندو قطرو،
ڪوري ڪَنڍ قلوب مان، مذائيءَ جو ماڻ،
پري نهارڻ (۱) پر ڪي، سندو چڱن چاڻ،
نيت سائين توهيي ساڻ، راتيان ڏينهن (۲) "روحل" چوي.

(۲)

صحيح سڃاڻج سچ، مڙج ۾ ملامت ڪوُن،
گهيڙي پنهنجي گهٽ ۾، پروانئي جيان پچ،
ماري ڪليج من مان، ڪوڙائيءَ جو ڪچ،
رنگ پيريان جي رچ، رات ڏينهان "روحل" چوي.

(۳)

جي لڳو آئيي تان لاءِ، هينئڙو حبين سين،
پائي پچ پريت جا، سپيريان ڏي ساهه،
وحدت ۾ ٿي واهه، "روحل" رتي روح جيي.

(۴)

جي لڳو آهين تان لڳ، پيريان سندي پيچري،
من مؤن محبوبن جو، صحيح سڃاڻج سڳ (۳).
ڇڏي جھوٽو جڳ، وچي "روحل" رچج (۴) رنگ ۾.

---

(۱) اهار ڻ (ج). (۲) رات ڏينهان (ب). (۳) پڳ (ب). (۴) رتج (خ).

(٥)

پڙهيا بيد ڪتيب (١) جا، تا ڏين ڏورانهان ڏس،
سي سچ سڃاڻن ڪينڪي، موهيا پسي مس،
رات ڏينهان "روحل" چوي، پڙهي تنهن کي رس،
پير پريان جو پس، ناٿي ڪنهن قلوب ۾.

(٦)

پڙهڻ پڙجهڻ پاڻ ۾، وڏو فرق قير،
ڪاڏي منهن محبوب جو، ڪاڏي اکر اير،
ساڻ سهائي سچ (٢) جي، جا موافق تيندو مير،
جن صحي سڃاتو پير، "روحل" رات نه تن کي.

(٧)

پڙهي پڙدو جن، سي عاقل عقل جا ڏٺي،
سي "متوتوا" تي محبت ۾، پلپل پرين پسن،
تن تسليون تمام ڪيون، محب جن جي من،
"روحل" مٿان تن، لٿا حرف حساب جا.

(٨)

ڪاتب ڪاني ڪانهن جي (٣) ڪاغذ تي م ڪاهه،
اکر جي ادراڪ جا، تهڻ ۾ لکين لاهه،
قلم جو قلوب جو، مٿي وحدت واهه،
سهرين ڏي ساهه، "روحل" رتي روح جي.

(٩)

ڪفر ۽ اسلام ۾، تا پرين آيتا پير،
هڪ هندو ٻيا مسلمان، ٿيون وچ وڏائون وير،

---

(١) ڪتاب (خ)، (٢) سچ (غ)، سمجهه (ب)، (٣) جيان (ب).

آنڌن اوندهه نه لهي (١)، تن کي سچ چوندو ڪير؟
هر "روحل" راهه، ٻرين جو، جان' گهڙي ڏنوسي (٢) گهير،
نه رب' مڙني ۾ هيڪڙو، جنهن ۾ ڦند نه ڦير،
سا ڪاڏي ڪندي پير، جا سٽي ڪعبة الله ۾!

(١٠)

نه مون سڌ نه سار، اڃي عشق آتاريو اوچتو،
"روحل" چوي روح ۾، تن ٻرين جي پچار،
سي آڪين (٣) آيا سهرين، ياد ڪريندي يار،
ڏريا نيڻن نار، پسي منهن محبوب جو.

(١١)

نه مون جتن نه ڪتن، اڃي عشق آتاريو اوچتو،
"روحل" چوي روح ۾، محبت محبوبن،
سي ٿي سجڻ آئيا، تات جنين جيي تن،
جيءَ جڙي لڳي جتن، سي سائينءَ ميڙيا سهرين.

(١٢)

جي نه چاتم چاڻ، ته وسين ويڙهي وچ ۾،
عشق جي آهاءَ کي (٤)، اڃي پيرَ پسايو پاڻ،
"روحل" رنگ پسي ڪري، پڳو ممتاڻ،
سائين سدا ساڻ، مون آچائي (٥) ٿي آڇيو.

(١٣)

ٻنڌان جان' پيهار، تان ٿون اکين ڪان پيي اوڏڙو،
"روحل" وسين روح ۾، وڃَ نه پانئيان وار،

---

(١) لڌي (خ) (ب). (٢) ڏنوسون (ب) (خ). (٣) اکين (خ) (غ).
(٤) آهاءُ ٿي (ب). (٥) مون اگيان آئي ٿي آڇيو (خ).

جڏهن جو سڄ صبوح جو(١)، تو ڪري باغ بهار،
بيت نہ پانهنجو ماڻهؤ! هي وحدت جو ويچار،
دل ۾ ڪيا ديدار، عشق جنين اکين سين.

(١٤)

جن کي عشق اندر ۾، تن کي آيج نہ ٻک،
وحدت منجھ وصال جي، ٿا سدا ماڻين سک،
ڏور ٿنين ڪان(٢) ڏک، جي "روحل" رتا روح ۾.

(١٥)

پنهنجون اکيون پاڻ ۾، جوڙيو رکيون جن،
سي سؤ پيرا ساعت ۾، ٿا پلپل پرين پسن،
تن تحصيلون تمام ڪيون، محب جنين جي من،
"روحل" متون تن، لٿا حرف حساب جا.

(١٦)

وڃ ورهائڻ ڪاڻ، چو وجين پٺي هٽ ۾،
تو کي پٽ پيهر پانهنجو، آئي وڃ مڙوئي وٽ ۾،
جنهن ۾ نشو نينهن جو، سا ڪا ڪولي هٽ ۾،
"روحل" محبت مور نہ مٽ ۾، تو کي سڪ مان ٿيندو سوجهرو.

پورب جو سُر

جي ننگ چڙهي نانگا ٿيا، تن نانگن کهڙا ننگ،
گنگا ۽ گرنار جا، تن سامين چڙهيا سنگ،
نڪي واهن سگهيون، نڪي چورن چنگ،
"روحل" لڳو رنگ، تن لاهوتين لقاءَ جو.

---

(١) جڏهن سو سنجهہ صبوح جو (ب). (٢) ٿون (غ).

(١٨)

جي تَنَ ۾ تيرٿ ڪن، سي گنگا وڃن ڇا، گودڙيا،
تن سامين سنديءَ سڪ جا، ٿا دونهان دل (١) دکن،
پير سچاتو پرَ جو، لوچي لاهوتين،
لڳو رنگ "روحل" چوي، اندر آديسين،
ڪوجي ڪاهوڙين، وڃي اونهي ۾ آسڻ ڪيا.

(١٩)

اونهي ۾ آسڻ ڪري، وڃي ماڳ لڌائون مڙور
تن تي جا آئي بهر اڪنڊ ۾، ٿا ڪن تنوارون طنبور،
آت "روحل" رات ڏينهن ڪو، نڪو سڙس (٢) نہ سور،
وڃي اڙوري گڏيا نُور، لنگهي پيا لاهوت ڪان.

(٢٠)

ناٿي ڪنڌ ڪماه (٣) ڪان، جن نهاريو ناسوت،
راتيان ڏينهان، "روحل" چوي، آهي مائن ٿا ملڪوت،
پير سڃاڻي پرَ جو، جتا ۾ جبروت،
جوڳي جفائون ڪري، لنگهي پيا لاهوت،
سي آديسي آوڌوت، وڃي نانگا گڏيا ناٿ ڪي.

(٢١)

نانگا گڏجي ناٿ سان، وري پيو هيڪ پيون،
سا ڳڻيائون ڳالهڙي، جو ڳُر ڏس ڏنون،
"لا حجاب بيني و بينڪ"، وڃون سي ويون،
تهون ٿيو ٻيون، وڃي پيوند پيچ پرينءَ سان.

---

(١) درد (خ). (٢) ستِ (خ). (٣) سامي ڪنڌ ڪمان ڪان (ٿ).

(٢٢)

ڪو پنهنجو پيو جوڳين، تن ڪنيون ڪڙائون،
جاترا جوڳ جنهار جي، مون نه ميائون،
سا پٽون سوجهيائون، جنهن ۾ جوڳ نه پوڳ ڪو.

(٢٣)

ڪو پنهنجو پيو جوڳين، پٽريا تنهين پار،
جت گنگا نه گومتي، نڪو جوڳ جنهار،
نه ڪو ذڪر نه فڪر ڪو، نه ڪو سڏ تنوار،
نه ڪا رات نه ڏينهن ڪو، نه ڪا جيت نه هار،
لڳو رنگ "روحل" چوي، آت آديسين آپار،
جنهن جو آر نه پار، وڃي تت ڪيائون تڪيوءَ.

(٢٤)

برهه ۽ بيراڳ جي، جن (١) جتڙ لڳي منجهه جيءَ،
سوجهي سچ (٢) سرير مون، تن هريمن پاتو پيءَ،
مرڻ جيئڻ جو من مون، تن سامين لتو سيءَ،
ناٿ نماڻا ٿي، وڃي "روحل" رتا رام سين.

(٢٥)

جي رنگ رچي رام جي، لاهوتي ٿيا لعل،
سڀ ڏنائون سٽ ۾، ڪايا، مايا، مال،
ويا تن ڪان وسري، ڪوڙا سڀ خيال،
رات ڏينهان، "روحل" چوي، والي سان وصال،
سي نانگا سدا نهال، جن درسن پاتو دوس (٣) جو.

---

(١) جن کي (غ). (٢) جنوءِ سوجهيائون (غ). (٣) دوست (ب).

(٢٦)

ڪٿيي تان هرڪو ڪٿي، ٻر رهٿيي او ڪي بات،
ٻڌري تيندي ذات، رهٿيءَ مان "روحل" چوي.

(٢٧)

نَو نشانيون نُور جون، عاشقن آهين:
هڪڙي ويهن وائن تي، ٻيو ڪائن نه ڪائين،
ٽيون سر سڪنهن اڳيان، ٿا نميو نوائين،
چوٿون ٻڌي ڪنن سان، وري نه ورجائين،
پنجون پهه پرينءَ سان، ٿا ٻَڪو ٻچائين،
ڇهون ڪُڇن ڪينڪي، ناتو نباهين،
ستون سڪ سڄڻ جي، ٿا لنؤ لنؤ لڳائين،
اٺون ڳالهه عجيب جي، ٿا واري ورجائين،
نائون ننڊ نيڻن ڪي، ٿا جودؤن جاڳائين،
تڏهن سيبائين، "روحل" دوساڻي درٻار ۾.

(٢٨)

نڪا سِڪ سمهڻ ۾، نڪو جاڳڻ ۾ جتن،
نڪي خير ڪيلڻ ۾، نڪي روئڻ ۾ رمن،
ذاتي ذڪر زباني، اهو ٻه اوري ڏمن،
من جو مرشد پتن، ته "روحل" ملين روح الله سان.

(٢٩)

ٿٻي ڏيئي پاڻ ۾، پتسان جان پيهي،
نڪو ملڪ، نڪا خلق، نڪي آسيڻي،
آسين ڳوليون جن ڪي، سي پڻ آسيڻي،
ٻي وائي ويئي، "روحل" هونگ ٻرين جي هڪڙي.

(٣٠)

عاشق الاهي آيا، جي قضا ڪين ڪرين،
نائي ڪنڌ قلوب تان، نمازون نيتين،
ڏين طوافون تن کي، مڪلوئي منجهين،
”روحل“ روح سندين، هردم هوندو حج ۾ .

متفرقه

(۱)

ڪيئي ڪوڙهي ڪُوڙي، آئي نيچ نمائي،
سگهه سمي جي سون ڪئي، سڀ جڳ سيبائي،
جنهن ڙاهه ريجهايو پانهنجو، "روحل" سا رائي،
سا ستر ستر ڪي مهائي، ڪانڌ جنهين جي ڪچ ۸.

(۲)

ڪانڌ جنهين جي ڪچ ۸، سا تي سرون ستر،
سمي جي سهاڳ سان، جنهن کي آيو نام نظر،
سا مئي منجهون مائهو تي، "روحل" چئي آهر،
سا چو گهمي گهر گهر، هوت جنهن جو حمايتي.

(۳)

رب ٿيو راضي، تڏهن سالڪ جو سنگ ٿيو،
ڪامل جي ڪرم سان، تي آڪ ڪان آجي،
رهي نه رتي جيتري، "روحل" محتاجي،
نُوري نوازي، جام سمي جاڻي بجهي.

(۴)

جي پانئين جوڳي ٿيان، چڏ جيئن هي جنجال،
ڪارڻ قوت قرار جي، هتئون ڏئين حال،
راتيان ڏينهان روح ۸، خام ڪئي تو خيال،
اج سپائي ڪنڌ تي، ڪڙڪي ايندو ڪال،
هي مڏيون هي مال، ڪم نه ايندو ڪڏهين.

(۵)

سائين سپاجهو سڀ جو، آهي راهه رفيق،
آڏو آهي عشق جو، بيحد بحر عميق،
توحيدي طريق، "روحل" نه سمجهي عام تو.

سر سهڻي

(١)

ڪڇيءَ جي ڳَنِ جي، جنين ڇريءَ وس،
سي پڪي پير نه ڏينديون، تن ڪي چارو ڏي چس،
"روحل" چوي تن جي، ڇيڙي جايون ڪس،
سي ليٽي پونديون لس، تون مينهون پس م متيون.

(٢)

ڪڇو جي چارين، پيٽ ڇٽائي پاڻهنجي،
لالچ لڳي لوڀ جي، ويندئون نه وارين،
"روحل" چوي ريج ۾، مينهون سڀ مارين،
هنجون سي هارين، توڙي گهٽي ڏينهڙي.

(٣)

جن چلن سان چاڙ، سي مينهون پس م متيون،
ڳانيون جي ڪڇيءَ جون، سي ڪتين ڇيڙي جاڙ(١)،
جڏهن ورندي واهندي واڙ، تڏهن جائون پوندن جان ۾.

(٤)

مانجهي جيرا جن جا، پڪي ڪيڙا پاڪ،
چارو سو چرنديون، جو موريو مينهن ماڪ،
"روحل" چوي ريج ڳان، تن جي سرهيي سڃي ساڪ
سي ٽڪي ڏين نه ٽاڪ، اندر آڇا جن جا.

---

(١) ڪالون جي ڪڇي جون، ڪتين ڪيري چاو (غ).

(٥)

ٻَڪو جي چَرن، تن جون مينهون ٻَسُ ۾َ ميرِيون،
اوسر اچي نہ آن کي، توڙي گاھہ ٻڙن،
"روحل" ريج نہ رنجيون، هُو جي ڦانڪين منجهہ ڦِرن،
سي هڏهين ڪين مڙن، ڏُڪائيءَ جي ڏک سان.

(٦)

ڪاچو ٿا ڪَڇِين، طنابي تِڪَ تاب مئون،
آئي لام منڊي ۾، ٿا سَتَؤ سَٿيون سارين،
"روحل" رائو تن جا، نالا ٻُڪارين،
جا ڪَڇِي ٿا چاڙهين، سا پَڪي ٿيندي ٻڌري.

سرائکي کلام

(١)

دنيا ڍونڍ تي طالب ڪِٿي، سپنا مل ڪر تائي،
هڏي آتي هوڏ تيئهاندي، وڙهندے عمر وهائي،
آنڌيان عشق آلهء دا چوڙيا، ھٿي ولوڙن پائي،
"روحل" راهه رباني ٻاجهون، ٻي سڀ ڪوڙ ڪهائي.

(٢)

حج حضور تنهين ڪون لڪيا، سچ سڪ جنهين دي،
دل درياهه محبت دے وچ، تانگهن تانگهه تنهين دي،
رهن بي پرواهه هميشه، ڪيا پرواهه ڪنهين دي،
"روحل" رنگ رباني لاڳا، ٻني آس منهين دي.

(٣)

ڪايا ميت پريت ڪر، پٿر، آتون محبت ڪلس چڙهائين،
من محراب سدا رک قبلے، جے تون شاهه رڃهائين،
پنج جماعتي پڙهن نمازان، هردم سنجهه صباحين،
"روحل" روح ڪيتا ميل سجدا، حج حضور اٿاهين.

(٤)

چٽڪي دل دروني اندر، ٻئي حوض ڪوثر دي،
پٿر ڪر پيتي شوق شرابون، وني عشق آمر دي،
جنهن گهر ڪون مين ڍونڍيندي، گهني لڌي تنهن گهر دي،
"روحل" رات ڳئي دن پايا، صورت دلبر دي.

(٥)

عشق چراغ ٿيا جب روشن، ٻني رات انڌيري،
ڳيا آنجن وچ پاء اکين دے، آني ڪاڏي ڦيري،

جت ديکان آت آپا-درسي، سڀ گهٽ صورت ميري،
"روحل" رات گئي، دن پايا، نا ڪو وير نہ ويري.

(٦)

چشما آب حياتي دا، دل اندر حوض حضوري،
سِر دے سودے پيندے عاشق، پريت جنهان دي پوري،
سي جينديان "موتوا" ٿي ڪر بيٺے، پايا سک صبوري،
"روحل" رنگ هڪ دے رتے، سي نُور ملے وچ نُوري.

(٧)

چاڻ خوديَ تان خود کو پهچين، نال خودي خود پائين،
آهہ دوئي وچ ديدار سجن دا، جُهُن ذرين وچ چائين،
بنا ڪيف لطيف نہ ليندا، ستُن تان سچ آکائين،
"روحل" رانجهن دل وچ وسدا، ڍونڍ نہ سٽيان جائين.

(٨)

ايهہ سنسار ٺگان ٺگ بازي، اکين نال ڏٺوسے،
ڏيک تماشا محب ملڻ دا، اهو فڪر پيوسے،
چشمان آب حياتي دا، دل اندر گول لڌوسے،
دستون ساقي ٿيا عنايت، ڀَر ڪر جام پيتوسے،
"روحل" وچ رندان دي مجلس، نوشهہ گول لڌوسے

(٩)

تون درياهہ سپُر، مين مڇلي، تون سنگ سدا سهيلي،
تيڏے عشق بنا جگ جيوڻ، ڏکي عمر ڏهيلي،
جس کون ذهين لڳا نوشه دا، وتے راڄ گهيلي،
"روحل" راز صنم دا، جنهن ٿے سا ماڻي سيج (١) سهيلي.

---

(١) سهج (گ).

(١٠)

ڪوڙ جو ڪامڻ ڪيتو، دلبر بار ٻره ٻڄايو،
ڇُپ ڇپاتي سِتي ڪون، گهن دستون ٻڪڙ جڳايو،
دل اندر ديدار ڪيتوسي، وڇڙيا ڦير ميلايو،
”روحل“ ريجهه رهيا رنگ تيڏي، اکين عين وڪايو.

(١١)

ڏِتا ساقي شوق شرابون، ڀر ڪر جام پيالا،
گردش دور فلڪ دا سارا، ميٽ گيا ڏک ڪشالا،
عشق خمار چڙهيا من ميڏي، سدا مکهن متوالا،
”روحل“ رنگ رانجهن دا چوکا، ڇوڙ ڪيڙا منهن ڪالا.

(١٢)

ديدار دروني اندر، ٻاع ڏني جب جهاتي،
ڏٺا تاڙا، ڪلف ڪفر دا، ٿيا ذڪر ڪهٽ ذاتي،
اکڙيان، اکين رنگ لڳوسي، کليا باغ جناني،
”روحل“ عشق پيالا پيتا، ڪنون وصال حياتي.

(١٣)

خانه زاد ٻانهي جنهن در دي، تنهن ستي ڪيها ماڻان،
نال سائين دي ڪيهڙا ليکا، جنهندا پيتا تاڻان،
عشق جنهن دل اندر آکي، لؤن لؤن وچ سماڻان،
”روحل“ آپ تنهن ڪو ڏتا (١)، جنهن هٿ جيءُ وڪاڻان.

(١٤)

آت سندر، ٻهه رنگي سورت، من ميڏي وچ آنڪي،
لڳا عشق، وسر گئي ڪايا، ميٽ گئي متا متڪي،

---

(١) ڏٺا (ک).

جنهن دي سڪ سوني شه پايا، لڳڪ تنهين دي لڳي،
"روحل" پريت لڳي تنهن دي، چڱوني دل چڱل چڱي.

(١٥)

چپ چپاتي ويڙهي دے وچ ميڏا نوشہ آيا،
نہ مٿين سرمئو سينڌ ڪنڌائي، نہ مين چندن لايا،
لؤن لؤن دے وچ جهوڪ جنهين دي، تني راضي رنگ لڳايا،
مٿين مت هيڻ نمائي دا، چا سائين پاڻ وسايا،
"روحل" راهہ فقيري دا، ڪنهن ڀاڳ پرايت پايا.

(١٦)

اهو رانجهن، اهو ماهي، اهو هيرَ آ ڪائي،
جيوين پاڻي وچون (١) تيوے پالا، نهين پالا اهو پاڻي،
سڀ گهٽ دے وچ تونهين وسندا، لالن لامڪاني،
ٻہ رنگي گهر نا مين کيلي، ديکہ دوئي شڪ نہ آئي،
"روحل" راهہ اِلڪ دا اوکا، گيان عينڪ گهٽ چائي.

(١٧)

نہ نيهي لا ٻهن جماعتان، نا استاد سڏاون،
دل درياهہ محبت دے وچ، رات ڏينهان تڙڦاون،
جنهن دا درد تنهين دے در تي، نت آتي آپ ڪهاون،
سڀ صورت صاحب دي جاڻن، دوئي دل نہ لاون،
"روحل" رنگ هيڪي دے رتي، سي سيڪنهن سيس نماون.

(١٨)

جي نيهي وچ سچن دے، رات ڏينهان رنگ رتي،
ڪنون شوق شراب حقيقي، پي پي پيالي مستکهي متي،
دوزخ بهشت انهان تؤن نيارے، نهين سيتل نهين تتي،
"روحل" رات ڳئي، ڏن پايا، گهول اندارے گهتي.

---

(١) پچ (گ).

جنهن کون لينهن لڳا، گهر اندر، سا ڪيون باهر وتي،
جنهن کون تار برهه دي لڳي، چرخي تند نه گهتي،
جا ڏيئي ڳل پانهن ستي شه سيتي، سا ڪيون آتڻ (۱) ڪتي؛
"روحل" رنگ تنهان دا ڳوڙها، جي عشق رڱڻ رنگ رتي.

(۲۰)

جڏان تو ايهه جيئڙا پئي ڪر ماتيا، تڏان تو راهه سڃاتي،
وچ دروني جهوڪ رانجهن دي، کول قفل (۲) هاءِ جهاتي،
دل اندر ديدار سڄڻ دا، چشما آبحياتي،
"روحل" پُر ڪر پيئڙا پيالا، ذات ملي وچ (۳) ذاتي.

(۲۱)

جنهان رمز رباني لڳي، سي ٿي صاحب آلبيلي،
وحدت وچ وصال تنهالدا، ڪرن نال سڄڻ هر ويلي،
دوئي دا داغ لٿا تنهن دل تون، نت رات ڏينهان دي ميلي،
"روحل" رات هجر دي هٽي، مليا يار سويلي.

(۲۲)

سهڻي صورت ويکڻ ڪارڻ، عشق لڳا من ميرا،
سڪ سڄڻ دي آڪر لايا، دل دي اندر ديرا،
پنج موزي محڪم ڪيتي، گيان گهنيءِ وچ گهيرا،
"روحل" رات ڳئي دن پايا، سيٽ ڳيا سڀ انڌيرا.

(۲۳)

ذات ملي وچ ذاتي ماهي نال، تڏان سيا بن آئي،
انگ لکيا ڪاتب روز ازل دي، ڪيس کون خبر نه ڪائي،
نال رانجهن دي، حق آساڏا، تڏان تو محبت لائي،
"روحل" رمز رباني لڳي، پاڪ پراهت پائي.

---

(۱) چرخا (گ). (۲) ڪلف (گ). ۳ وچ (گ).

(٢٤)

ڪايا ڪوٽ، ڏسين دروازے، دل دلبر دا ديرا،
لوُن لوُن ڏيہ وچ تي خوشحالي، ڪيتا نوشه ڦيرا،
ڪُوڙے سَت گھتين دوزخ وچ، تيسي سچ نبيرا،
"روحل" رات گھٽي ڏن پايا، ميٽ گيا سڀ انڌيرا.

(٢٥)

بيخبري دي نيند وچون، آ دستون پڪڙ ڪے دوست جڳايا،
وچ انڌارے تي روشنائي، دلبر آ ڪے درس ورکايا،
ذکر فکر دے ڇهڳڙے لٿے، سيج آتے چڙھ نوشه آيا،
ڏے گل ٻانهن پيارے سُتے، سهج ڪنون چا انگ لڳايا،
هجر وصال ڪنون جند ڇٽي، "روحل" وچون روح الله پايا.

سي حرفي

الف- الله کر ياد سدا، نت وحدت وچ گذارين،
جيوڻ ڏے هين چار ڏهاڙے، خام خيال نہ گهارين،
ايهہ دنيا ڏوتيي سڀ جگ موهيا، چيٽ چلين مت هارين،
"روحل" راهہ فقيري دے وچ، غفلت سنڀون وسارين.

بي- بدبان تون کرين سدائين، فرصت کرين نہ کائي،
مين وچ لعل نہ ليکڻ کوئي، نکا کران کمائي،
تيڏے راج قرآن البيلي، وتان پانهن لوڏائي،
"روحل" راز خصم دا جنهن تي، جگ سهاڳڻ سائي.

تي- تن گهول گهتين دلبر توُن، سينا مول نہ تنگين،
جام شراب رندان دے هٿون، پريم پيالا سنگين،
چني جند جواب سوالون، ٿٽے جهيڙے جنگين،
"روحل" راهہ زباني دے وچ، ڏينديان سر نہ سنگين.

ثي- ثابت کر الترياسي، جي تون عاشق ٿيوين،
شوق شراب رندان دي مجلس، ٻاهل دے وچ پيوين،
لهي هول حساب حشر دا، قبر سٿوا ول جيوين،
"روحل" رات پرم دي پڇے، نيهي نانهہ سڏيوين.

جيم- جهان دنيا دا طالب، چوڙ تنهين دي ياري،
حرص، هوا، تکبر کون، تکے مارين کيہر کاري،
جنهان عشق الله دا چايا، تنهان تيڏي تاري،
"روحل" تي قربان تنهان توُن، جنها ممتا ماري.

حي- حضور هميشه هردم، پلي پرپي ڏوڻديندي،
ڪامل مرشد باجهون آندي، ناحق سڏ ڪريندي،
وچ آنڌاري بنا روشنائي، ناحق هٿ مريندي،
"روحل" خصم جنهاندا جهولي، سڪي سي ٿي جاليندي.

خي- خالق دا خيال جنهان کون، سي لڳي نه مايا،
سي عاشق وحدت وچ ورونديي، وسري سندر ڪايا،
جي وت نينهن نماڻي ڪيتي، رات ڪئي دن پايا،
"روحل" رتن امولڪ مليا، ياڪ پرابت پايا.

د- دماماں دل دي اندر، نربٽي (۱) چوٽ چلاوين،
پنج مواسي ڪايا دي وچ، محڪم مار هٽاوين،
هوڪا قير حقاني والا، نگري سڪ وساوين،
پيچي "روحل" در دوستان دي، درسن ڀکيا پاوين.

ذال- ذرا ڪجهه تو ين ناهين، جهر جهنگ تيڏيان جهوڪان،
هڪان دي گهر حلوي سيري، هڪان دي گهر سوڪان،
سڀ گهٽ دي وچ تونهين وسدا، سڀ مين تيڏيان نوڪان،
"روحل" کون تون آپ پلاوين، پريم پيالا موڪان.

ري- رانجهن دي سڪ جنهان کو هردم رهي هميشان،
سهٽي سيج نه پاوي تنهان کو، ڪيتي پريم پريشان،
سي عاشق صادق نرپؤن نيهي، هڪي رهن نه خويشان،
"روحل" در دلبر دي ڀکيا، پايا خير درويشان.

زي- زاري وچ رهين هميشه، توڙي ملي دلاسا،
ايهه جڳ بازيگر دي بازي، رکين، نا پرواسا،
ڏادي نال شراڪت ڪيهي، ڪين تولا، ڪن ماسا،
"روحل" ٿيءُ رضا تي راضي، پائين سڪ سواسا.

---

(۱) نرپؤ (ڪ).

سين- سچڻ دا صحيح سڃاڻي، ڪپيري وچ پيرا،
لؤن لؤن دے وچ جهوڪ جنهين دي، دل دے اندر ڏيرا،
سر سرواهه ڪرين چا صدقي، ڪيا لاڳے هڻ تيرا،
"روحل" رات پرم دي پڃي، ميٽيا سڀ انڌيرا.

شين- شتاب عمر وهاڻي، پيڇے ڪيا ڪريسين،
جوڀن دے وچ ڪنڌ نه پايو، پڇلي هٿ ملیسين،
نال سهيليان آڱڻ دے وچ، ڪيها منهن گهن ويسين،
"روحل" خصم جنهين دي جهولي، سک ستائي جهليسين.

صاد- صبوري ڪر دل ڳوجين، جيت سڄڻ دا واسا،
ڏے سر بار برهه دا چائين، ڇول نه موڙين پاسا،
چندن ورڪا(۱) ڪلياوچ ويڙهيے، ڪنهن ڪون ڏرين آداسا،
"روحل" رتن اموڪ سيليا، پايا نهين نواسا.

ضاد- ضرورت مليا لوڙين، ڪوڙي چاڻ نه چول،
ڪاياڪوٺي ڪلف(۲) ڪفر دا، عشق ڪنجي گهر کول،
لؤن لؤن دے وچ جهوڪ جنهين دي ڏے پتڪے گهر کول،
"روحل" روح رتن هے تيڏا، گيان ڪنڊي گهت تول.

طي- طالب مطلوب سائڻ دا، ڪر گهن ساجهر سعيا،
دل تيڏے وچ دلبر وسندا، مرشد راهه بتايا،
جنهن دے درد ديوانے ڪيتے، سو شه الله ملايا،
"روحل" روز ازل دا لکيا، چندر جهولي وچ پايا.

ظي- ظاهر باطن سڀ سائين، بيشڪ شرڪ نه آئين،
رک يقين ارادا سچا، جي چائين سڪ ماڻين،
ڪوڙے هرگز جاءِ نه لهسين، سچيان سائين ساڻين،
"روحل" راهه الک دا اوکا، گيان عينڪ گهت چاڻين.

---

(۱) چندن ورک (گ). (۲) قفل (خ).

عين- عنايت ڪيتي ساقي، ڏتس، پريم پيالا،
پيوڻ نال شراب طهورا، اندر ٿيا اُجيالا،
لوُن لوُن دے وچ ٿي خوشحالي، مِٽيا ڏک ڪشالا،
"روحل" رنگ رباني رَتا، سدا مستگن متوالا.

غين- ڪڍين چا غير وچون، تان آهو عين سڏيوين،
ڪايا نقطي سڀ جڳ موهيا، ويک مطيع نه ٿيوين،
آمر پيالا مرشد والا، سر گهٽڙے رک پيوين،
"روحل" وچ رندان دي مجلس، عاشق نانگ سڏيوين.

في- فڪر چوڙيا جنهان، سے ٿي فقير سڏيوَن،
هر دم رنگ رباني رَتے، دُکي مول نه ٿيوَن،
نت نيهي ميخاني دے وچ، آمر پيالا پيوَن،
"روحل" رنگ تينهان دا گوڙها، "مئوتوا" ٿي ڦيرجيوَن.

قاف- قيوما ڪرم ڪننده، امان تيڏے تارے،
عقل فڪر دي چوپڙ رچيا، چوپاسا جڳ سارے،
حڪم رضائين تيڏيان چلن، رعيت ڪون ويچارے؟
"روحل" بازي تنهان جيتي، چاڻ سمجهه جنهان هارے.

گاف- گيان جنهان دے اندر، آيريا سورج سارا،
پيني رات پرم دي تنهان، مِٽيا سڀ اندارا،
چوڏهين طبقين ٿي روشنائي، ڪليا ڪُل هزارا،
"روحل" تي رب راضي ٿيا، پايا نينهن نظارا.

لام- لگن دل اندر لڳي، ڏٺي صورت ساري،
پريم پيالا مرشد ڏتا، چڙهي عشق خماري،
جنهن دي سڪ سوٿي شهه پايا، من دي ممتا ماري،
ميليا دوست ميٺي دلگيري، "روحل" ميلک تمهاري.

ميم- محمد پيدا ڪيتو، ڪارڻ روپ ظهورا،
ذاتي روح تنهين وچ گهتيو، واني انحد تورا.

گگن منڈل وچ بیٹھي چوکي، چکي شراب طهورا،
"روحل" بهر کر بیٹه پیالا، مرشد ملیا پورا.

نون - نیا هو رنگ تنهان، جنهن عشق الله دے رتے،
کنون شراب حقیقي، پي پیالي منگهه مستے،
ملیا دوست لتي دلگیري، کون وچوڑے گهتے،
"روحل" جنهن تے نوشه راضي، سا کیون چرخا کتے.

واو - وصال وچوڑے دا هتي، دوکا مول نه آئي،
چوڈهین طبقین هیکو سورج، سب گهٹ جوت سمائي،
جیوین جل ۾ ڦیري الیلي، جیث دیکے تیت هائي،
"روحل" رمز رلدا دي مشکل، کنهن هک ورلے چائي.

هي - همراز همیشه دلبر، پریم لڏا وچ ویرا،
عشق چراغ کیتي روشنائي، مٹیا سبي اندیرا،
لئون لئون دے وچ تیي خوشحالي، ملیا محرم میرا،
"روحل" ریجهه رهیا رنگ تیڈے، کرے عبادت کیرا.

لا - الله ڈیکٹ دے طالب، هردم رهن حضوري،
هک پل پاسي مول نه تیون، پریت جنهان دي پوري،
مٹیا درد لتي دلگیري، هائي سانت صبوري،
"روحل" تي قربان تنهان تون، جي نور ملیا وچ نوري.

الف - اول آخر سوئي، ذاتي ذکر فقیران،
در دلبر دے آپ کهاون، بنا کاتي تکبیران،
سر دے سودے عشق کڈوني، اهو پرچا پیران،
"روحل" روه تنهادے ڈٹیان، تن طاقت من ڈیران.

ي - یاري کر عشق ڈتوئي، کیتا عین کرامت،
ویکون شاه ڦرون متوالي، لتي من ملامت،
آنڈے کون ول اکیان تیان، ملیا ایمان سلامت،
"روحل" کون هتي مٹا لگیا، تیرا نانه نعمت.

سي حرفي

(٢)

الف۔ الله دے نالے باجھون کوڑي اور کمائي،
دنيا ڏوني سب جگ موهيا، تيکون سمجھ نہ آئي،
نال رذالي لاتہ ياري، ڏاريہ چاڻ نہ کائي،
جنهن اهين رن کنون منهن موڙيا، "روحل" راهہ حقيقي پائي.

بي۔ بازي واه بڻائي صاحب، طالب طلسم والي،
کوئي سمجھے پرش حقيقت، ساري آلٽي چالي،
چال حقيقت حاصل کر گهن، جوئي قيل مقالي،
سر دے سودے باجھون "روحل"، لگدي مشکل لالي.

تي۔ تات طلب رک هردم دل پر، طالب دلبر والي،
باطن هويا پرحال جنهيندا، چائي نہ انکل ظاهر والي،
هر رنگ دے وچ ويکھے ظاهر، قدرت قادر والي،
راز حقيقي ويکين "روحل"، کولين کيڙکي اندر والي.

ثي۔ ثابت بولي دلبر والي، باقي کوڙ کهاڻي،
هرجا وسدا حسن حقيقي، چاڻ اهوئي جاڻيي،
رمز حقيقت والي ظاهر، هيکو قوتا پاڻي،
حال اهو جے پاوين "روحل"، منزل اعلي ماڻي.

جيم۔ جڏهانکر سر تي چايم، بار محبت والا،
حال عجائب سر تے آيا، هردم حيرت والا،
هرجا راگ ربوبي گاوے، مطرب وحدت والا،
سب دي همت ناهين "روحل"، چائے همت والا.

هي- حقيقت حق دي هرجا، ڪڏان جلال تي ڪڏان جمال هويا،
هر رنگ دےوچ وسدا آوهي، گرچ بيچون بيمثال هويا،
آهندا درجا آ کان کهڙا، جو حال حقيقت نال هويا،
محنت واليان نون آسان، "روحل"، جنهن ڪيتا آونهال هويا.

خي- خمر حقيقت هي کے طالب، خيال خودي دا کاوين،
بار برهہ دا سرتے چاوين، غير نہ اندر لاوين،
"الانسان سري و آنا سره"، گيت محبت گاوين،
سردا سودا ڪرکے "روحل"، وچ ميدان معرفت جاوين.

دال- دماسے دردان والے، سر عشاقان وچدے،
ستولي آتي مشکن چڙهندے، ساجن ڏيک نہ رچدے،
وير وروڌ نہ جاڻن هرگز، صاحب صولت سچدے،
"روحل" ڏيک بنديان تون ظاهر، قرب والي آوکچدے.

ذال- ذکر فکر دےنال رهين، ايهہ دنيا ڏوتي جاڻين،
جگ نون جهوٹے رول کهيندے، وحدت ويسهہ آڻين،
هر گهٹ جلوا دلبر والا، جي تون جوت پڇاڻين،
"روحل" راهہ حقيقت پاکے، رتبہ اعلى ماڻين.

ري- رمز رهوبي جاڻن والے، ذکر ڪماون ذاتي،
دم دم ويکن دلبر سيتے، پاکے اندر جهاتي،
چهٹ ڪٿي مام مجازي ساري، رهي نا صفت صفاتي،
"روحل" ڏونهين رتبے آهندے، جا نفي جا اثباتي.

زي- زباني ڪلمان پڙهدے، مول نہ معنى جاڻن،
جنهان ڪلمان دل دا پڙهيا، سيچ سڪان دي ماڻن،
"لا يحتاج" گذارن هردم، واڻي اور نہ واڻن،
وحدت دے ونجارے هڪے، "روحل" سر سڃاڻن.

سين- سڃاڻن سر سڄڻ دا، اوکا بار اٿاوڻ،
وحدت والي وادي اندر، مشکل پيرا پاوڻ،

سر دا سودا کر گهن اول، پيڇي راهہ پڇاوڻ،
"روحل" سپ دي حاجت ناهين، کيميا قلب کماوڻ.

شين- شهہ رگ کنون پي کولون وسندا، ڏوئي گهتيندي ڏوري،
سيس نوا کے اندر ويکين، ظاهر پريمي پوري،
هر گهٽ دے وچ رنگ انهيندا، ناري هے يا نوري،
"روحل" جيون ساکي پاجهون، حق دي کالهہ آڌوري.

ص- صاحب دي ياد کرين، ايهہ ساهہ آتے ويساهہ نهين،
محبت والي راهہ کنون بي، روشن کوئي راهہ نهين،
بار ملامت سر تے چاوين، لوک رسمے پرواهہ نهين،
"روحل" دامن عشق دا پکڙين، اس جيها شهنشاهہ نهين.

ض- ضرورت تيکون کهڙي، پيشا کوڙ کماوين،
نال پيران دے صحبت تيڏي، انگ پيوت لڳاوين،
اصل حياتي قدر نہ ڄاڻين، ناحق ويل وڃاوين،
"روحل" نانهہ الله دے پاجهون، کوئي خير نہ پاوين.

ط- طالب ترک کرين جي، طمعي تال تمامي،
هفت ولايت تيڏے خادم، پڇن صاف سلامي،
تون صاحب دا، صاحب تيڏا، رمز نہ ڄاڻي عامي،
"روحل" موت نہ مارے تيکون، جي هوئين عرش مقامي.

ظ- ظهورا ظاهر هرجا، قدسي ذات دا سارا،
موجا موج تلاطم اندر، پربر گنگا دي ڌارا،
کر گهن حاصل حال حقيقت، ول عمر نہ آسي يارا،
"روحل" اکيان کول تے ويکين، کتي سکندر دارا.

ع- عجائب رمز رباني، حال حقيقت والا،
جنهن چاتا جام محبت دا، مسکين قربن متوالا،
عشق خمار دے وچ گهاري، کيا گرمي تي کيا پالا،
"روحل" گم اکم مين هويا، وسر گئے کشت کشالا.

غ ـ غنا دے صاحب صوفي، نظر تنهان دي عين عنايت،
كيفي كيميا قلب كماون، هردم چاهن عشق سلامت،
بي طهورا آب حياتي، ماڻن نيهي نينهن نهايت،
هر حالت دے وچ رهندے راضي، شامت آوے يا راحت.

ف ـ فقر كنون سڀ حاصل هووے، بي معني ايهه دلگيري،
ڏنيا آتے دين گنوائين، ڪوڙي شيخي پيري،
ساڌ سڏاڪے مايا ميڙين، ڪشف ڪرامت ميري،
"روحل" راهه حقيقت هٿ ڪر، ٻاقي ڇاڻ زهيري.

ڪ ـ ڪتابين پڙهه ڪے خود ڪون، سمجهين عالم دانا،
ڪنز قدوري ڪافيه آسان، مشڪل محبت معني،
علم عقل ڪنون جو وَڏ ڪپّے طالب، او فرد فريد فرزانا،
"روحل" رمز محبت والي، سچ ڪو ڄاڻے مرد يگانا.

قاف ـ قدر فقر دا ڄاڻے اوئي، جو رمز رندي دا حامل،
سوهه ڪنون جو پاسے هويا، پڙرمن آهوئي ڪامل،
ڪامي ڪپڙي آوديا اندر، رهندا هردم شامل،
"روحل" ساڌ سنگت دے ٻاجهون، مڪتي من دي مشڪل.

لام ـ لوُن لوُن دے وچ جهوڪ جنهان دي، اون ياد سدائيي،
ظاهر باطن ذڪر تنهان دا، اور نه وٿدي وائي،
"ڦاڏ ڪڙوني آڏ ڪر ڪلم دي، مرد بات بتائي،
"روحل" ميليا يار يگانا، انگ انگ راحت پائي.

ميم ـ موج محمدي اندر پاتر، سارا سِرّ الاهي،
رحمت عالم بڻڪے آيا، ڏيندا جڳ گواهي،
عرشون منزل بالا تنهن دي، جيت اور نه پهت راهي،
"روحل" اشرف عالم اندر، بيشڪ ميڏا ماهي.

نون ـ نوبت وڄدي عشقان والي، پير آتانهين ڪو پاوے،
بار برهه دا اوکا ڏاڍا، سر ڏے ڪے سورهيه چاوے،

موهه اهنڪار ڪئون ڪرپاسا، ڪام ڪروڌ ڪون ڊاوي،
"روحل" مرشد اڳي جوئي مَرديءِ، ول موت نه
آنهان نون آوي.

واو- ويکين جنسار حقيقت والا، ماهي هرجا حاضر،
گگن منڊل دي گردش اندر، نقش آنهيندا ظاهر،
گل ڦل جوت جمال دي شيدا، ذڪر ذاتي وچ ذاڪر،
"روحل" شڪ نه آئين ڪوئي، اهو اندر باهر.

هي- هدايت حق دي باجهون، جوڙ نه ڪوئي جوڙين،
چوراسي لک پيري دا، سنسا سارا توڙين،
نرمل نُوري طوطي دا، حال حقيقت ووڙين،
"روحل" رمز رباني باجهون، اور طريقا ڇوڙين.

لا- لُون لُون دي رچ لات لطيفي، اور نه ڪوئي بولي،
پريم ساگر دي چڙهندي لهري رهندي هردم ڇولي،
رتن امولڪ ميل گيا مينون، پر ڪئي خالي جهولي،
"روحل" آنند هويا حاصل، پريم دي لڳ گئي هولي.

يي- يقين دي منزل چاڙهين، عشق حقيقت، عشق طريقت،
عشق بنا ايهه عمر اجائي، عشق هي عالم، عشق هي دولت،
چاڙ اهين ڪئون منهن نا موڙين، عشق هي مذهب،
عشق هي ملت،
"روحل" قول اهو نا فاسد، عشق عبادت، عشق هي طاقت.

كافيون

(١)

سڄڻ مون پاڻ ڀر ڪيو، رهيو اندر روح،
رهيو اندر روح، سڀئيان، سنجهه صبوح.

١- اچو ڪنديس آنءُ جا، تاري متان تنوھ...
٢- منهنجو من ميڻيءِ پيو، چڏي ڪارا ڪوھ...
٣- وڻ ڏڻ وائي هڪڙي، پرريان جي پاڻوھ...
٤- سينگار ڀنديس سنگ جان، ڏيئي روغن روح...
٥- "روحل" رتو رنگ ۾، ويٺو ڪري ورونھ...

(٢)

پوءِ ڀروڙيم ڀنڊ، وو، جيجان جوڳيئڙن جو.

١- نڪي ڏاهي هليا،
نڪي جوڙيائون هنڌ، وو...
٢- نڪي وڃائن مرليون،
نڪي چورياؤن چنگ، وو...
٣- نڪي ڏوتيائون ڏوتيون،
نڪي ڏوتائون لنگ، وو...
٤- ناڻگا نڪتا ننگ مؤن،
تن نانگن کهڙو ننگ، وو...
٥- لڳو لاهوتين جو،
"روحل" توکي رنگ، وو...

(٣)

سانول تنهنجي سڪ، ڏاڍي شهر ڀنڀور ۾!

١- ڳجهيون ڳالهيون شهر ڀنڀور جون،
لوڪون ڪر ليڪ..

٢- راتيان ڏينهان روح ۾،
چولي ڪيو چڪَ چڪَ...
٣- سر ڏئي سڳرڪي سي پين،
وَٽيءَ ۾ پڪَ پڪَ..
٤- ”روحل“ روح الله سان،
وڃي ٿيو هڪُ هڪُ..

(٤)

ڏونگر ڇا ڪندو، جبل ڇا ڪندو،
جڏهن پڇي آهيان حبيبن هنج ۾.
١- بحاليءَ جي مڪان ۾، زاس ڪونه رهندو ــــ
سچو امر الله جو، وات وٺي هليو.
٢- جالي هن جهان ۾، وت رَتُ روئندو ــــ
حيلا ڪيم هزار، وريو ڪونه ورندو.
٣- ”روحل“ روڄ نه ايڏو، هل پيرين پنڌ ڪندو ــــ
پلصراط جي وات، لحظي ۾ لنگهندو.

(٥)

ڪنڊڙيءَ ۾ ڪلتار ڏٺو سي، رانجهو رمزن وارو يار.
١- ”وفي انفسڪم افلا تبصرون“، مخفي هي اسرار...
٢- رمز رندن جي ڪوڪو پرکي، برهه جو باري بار...
٣- وحدت واري وات وٺج تون، وِٺي نه آئج وار...
٤- ”روحل“ رهبان رمز انهيءَ ۾، بي سپ ڪوڙي ڪار...

(٦)

ماهي ميڏا مير ٿي آيا، سَنڌ سَنڌ وچ ملڪ جيءَ جڳايا.
١- ڏيو مبارڪ مل مل سنيان، گود حبيب دي آن ڪي پئيان.
وه ميڏا مير، هندي ٿيئان، ديکيا درس، بهت سڪ پايا.

۲- انگن آيا پريتم پيارا، باجي نوبت نينهن نقارا،
لؤن لؤن وسدا ملايا چڻڪارا، سڻن سڻن ڏن پريت گيت گايا.

۳- مين آيائي نينهن ڪيا چاڙان، نال تماڻي دئي ڪرنا ماڙان،
"روحل" دي تون ساه سيبيڻان، مين پانهڙي ڪون چا ڳل لايا.

(٧)

نينهن لڳا من پيارے دا،
پيارے دا، ڪلنگي وارے دا.

۱- ڀيڀيهان لوڪان نون موت مريندا،
عاشق قتل نظارے دا...

۲- چنڊ ڪيڙيا سارا عالم ويکے،
مين ويکان رخ پيارے دا...

۳- هردم جهان وچ ڪل رهيا هے،
هڪوئي ڳل هزارے دا...

۴- "روحل" رين هجر دي ڪٽي،
ڏوند لڏا گهر سارے دا...

(٨)

لڳڙا پاڻ ماهي دا من وچ، هو حيراني ڪڙيان.

۱- خوني دو چشمان يار ميڏے ديان،
زور دو ناليان لڙيان...

۲- دردمندا دے سارڻ ڪيتے،
فوجان حسن ديا چڙهيان...

۳- "مين" دا ڪوٽ ڪنڌ تے اٽڪن،
ڀڄن جگر وچ وڙيان...

۴- "روحل" روپ رانجهن ديان رمزان،
چا ڪر پيچ اڙائين آڙيان...

(٩)

يار طبيبا، وے ميان، دوست طبيبا، وے ميان،
تيڏي ڳالهيان مول نہ پاوين.

١- سڱول هے سيڪون يار سڄڻ دا،
نبضان نون هٿ نہ لاوين، يار طبيبا...

٢- اگر عجيبان دے ويندے،
هيٺا حال سڻاوين، يار طبيبا...

٣- پُڪيا ٿڪيان پے ڪون ڏيوين،
سين ڪون سجڻ ميلاوين، يار طبيبا...

٤- ٿڪيان تيڏيان فرق نا ڪريندِيان،
اتاڌق هرج نہ لاوين، يار طبيبا...

٥- آکے ”روحل“ رب حسينن دے،
درسن پاڪ وکاوين، يار طبيبا...

(١٠)

ايھ، دل ڍولڻ سائين، جند وڇوڙا سهندا ناهين،
اکيان سڪنديون ويکڻ ڪيتہ، ڪول گهونگهٽ چا سائين.

١- توهن دل هے درساندي،
سيج سُتے نيڻان ننڊ نهين آوندي،
ڪنڙ رستے آتے پڇان پاندي،
پولے پولے ڪانگ آڏائين.

٢- ڪنهن سياڪي سنڌ سڻايا،
جان جاڳان تان جاني آيا،
اکيان ويک ماهي گل لايا،
شادي سين ڪڍ هٿ ڍول وچائين.

۳- عشق سوداگر اهڙو ڪيتا،
سر دا سودا رانجهن ليتا،
"روحل" آکهه سليا من ميتا،
ڏي ڪيل پانهن سدا مشڪ پائين.

(۱۱)

سُهيلڙي عاشق ٿيوان، ميڏي دانا وي،
عشق الله دا مشڪل هوندا.

۱- عشق الله دا اوکا آٽانگا،
نهين رکدا سر دا سانگا،
خون جگر دا پيوان —
عشق الله دا مشڪل هوندا.

۲- جوڳ جڳت وچ آهن جاڳا،
سُرت دي سُئي، ڌيان دا ڌاڳا،
گيان دي گودڙي سيوان —
عشق الله دا مشڪل هوندا.

۳- "روحل" آکي مست موالي،
دردوندان دي هي اهائي چالي،
جيئندي مر ڪر جيوان —
عشق الله دا مشڪل هوندا.

(۱۲)

سئنيان ڙي مين ايهه نه جاتا چاڻ، وسندا دل وچ.

۱- مين متوالي ٻاهر ڍونڍيندي،
جهنگل روهه ٿئي ووڙيندي،
شهر رانجهن دي ڪاڻ - وسندا دل وچ.

۲- اُون اُون وچ هي جهوڪ جنهيندي،
ڳالهه نهين هي چوڻ آکيندي،
اوميڏا تي، مين آهندي هاڻ - وسندا دل وچ.

۳- پانچ سکي ميل منگل ڳايان،
"روحل" ذات ڳتي دن پايا،
چوڙيان سيتا پاڻ وسندا دل وچ.

(۱۳)

اکڙين پريم پيالا پيتا، ڪا جا سکيان چالي.
۱- جيت ويکان اتي موهني مورت، ساهي ميڏڙے والي...
۲- لون لون وچ هے جهوڪ جنهيندي، جاءِ نهين ڪا خالي...
۳- جنهن دل اندر ديدار نه ڪيتا، ڪاڏا نانگڻ ڪالي...
۴- "روحل" رنگ رباني رتڙا، درجا پاتا عالي...

(۱۴)

لوڪ آکے "روحل" بوليندا،
ڪوئي آکے هے ذات زنگيجا،
نهين "روحل" نهين ذات زنگيجا،
اي ڪنتو سر الاهي هے.
۱- ڪفر اسلام ڏونهان تون نيارا،
جيوين جل دے اندر ڏيکن تارا،
دل دريا وچ ڪيڏ اساڏا،
جيوين پاڻي وچ ماهي هے.
۲- ڪيئي ڪوڙا ڪيئي سچا مڏيندے،
رمز رندي دي نهين سمجهيندے،
او ڪيا جاڻن حال اساڏا،
جنهن دل داغ سياهي هے.
۳- ڪامل مرشد راهه بتايا،
"روحل" وچون روح الله پايا،
آخر ذات سڃي وچ ذاتين،
ڏيندا عشق اوڳاهي هے،

(۱۵)

ماهي وسندا دل دے نيڑے،
کھول گھتان تنهن تون کيڑے،

۱- ساڈي پيت سُهاون جائين،
جت وسندا رانجهن نيڑے،
نت ويکان سنجهہ صباحين،
طعني ڈيندے ڈُکي پيڑے.

۲- ميڈي دل وچ تيڈيان جهوکان،
ڈَر دي، لڳ نہ سگهان مين لوکان،
لگڑيان عشق تيڈيان دي نوکان،
تهن بن مُول نہ پاون ويڑهے.

۳- سيج آتي چڑهہ نوشهہ آيا،
سهج کنون چا انگ لگايا،
جنهن دي آهر سو شهہ پايا،
لگي محبت کون بکيڑے

۴- دلبر دل دي کيڑکي کولي،
لک چوراسي دي سمجهي بولي،
"روحل" چنڈ پيا وچ جهولي،
تنڑے سياليان دے جوئے جهيڑے.

(۱٦)

سنيان مين نون ايوين پاوے،
چڑهہ عرش کرسي تے درسن دکاوے.

۱- تن من دا مين کَران وچاڻان،
سيج پيئا چڑهہ آوے...

۲- پانچ سکي ميل منگل گاوے،
هير ماهي دا در پاوے...

۳- "روحل" روح دا مليا ماهي،
کيڑ ان دي کوڑي دعاوے...

فقير مراد صوفي

سنڌي ڪلام

معرفت

(١)

ما مَنَ (١) مڪ (٢) "مراد" چوي، جا ٻَر پتنگن،
آچن آجل سامهان، سِرُ جو سانگ نہ ڪن،
جن کي موت مشاهدو، سي رتيءِ ڪين رهن،
ساعت سين نہ سهن، پاڻ ٻراٻر ٻيءِ جي.

(٢)

جي اچين تان اچ، آتي اچ "مراد" مشاهدو،
ھتي پروانن جان، رنگ پريانِ جي رچ،
ھتي موت م مچ، آتي سِرَ جي ساٽي سٿورين.

(٣)

جي پارين تان پار، اندر باھ برھ جي،
متي مچ، "مراد" چئي، ڪئي پتنگن پچار،
تہ جيئري جانب نہ ميڙي، توڙي حيلا ڪرين هزار،
دوسا ٿيءِ دربار، تا مئوا ڪن مشاهدو.

(٤)

جي اچين تان آءُ، آتي اچ "مراد" مشاهدو،
ھتہ تون پروانن جان، متي عشق آھاءُ،
ترس م ھتي تاءُ، آتي سِرَ جي ساٽي سٿورين.

(٥)

محبت جي ميدان ۾، ڏيئي سِر ثواب،
جو آڏو عجيبن کي، آهي هٿڻ جو حجاب،

---

(١) سامين (غ). (٢) سڪ (غ).

مترُ تہ اٿين، ”مراد“ چوي، محبوبن جو ٻاب،
جنهن سو گُل گلاب، تني (١) پيش چمڪايو پاتشاهہ.

(٦)

جي تون عاشق آهين، وڃي سور ورهاءِ،
سدا سڪ پرين جي، اندر روح رهاءِ،
اکين منجهہ، ”مراد“ چئي، ڪر جانب جي جاءِ،
ٻل ٻل ۾ پيو ٻاءِ، سڌرمون سهرين جو.

(٧)

جي تون سچي ساهہ، آهي سڪ پرين جي،
تہ مڙج ۾ ملامت ڪون، هيءَ رهبر آئيءِ راهہ،
ڀڃدي پوڙو ني تون، ڪنين وجهہ ڪياهہ،
ڪيچ ڪنهين سان ڪينڪي، جا وٺي سا واهہ،
صبر ريءَ صلاح، ٻي ڪانهي مڙور ”مراد“ چئي.

(٨)

جي تو سڪ پرين جي، تہ ناحق ڏور ۾ ڏور،
”هوالاولِ هوالآخر“ جنهن سو نيئين نُور،
”هوالظاهر هوالباطن“ هردم آهہ حضور،
پيا سڀ فند فتور، ماري ڪيل، ”مراد“ چئي.

(٩)

مٺن جي مت، ”مراد“ چئي، هنئين آڻ ۾ هنڌ،
پانڌو پيچ پرم جو، هي نيڪر توڪي چنڌ،
تہ ڪنير ڪجهين ڪنڌ، توڪي پيهر پاري ڪينڪي.

(١٠)

مٺن جي مت، ”مراد“ چئي، تون هنئين هنڌ ۾ آڻ،

(١) تئن (غ).

سو ڏيکر توکي ڇڏ تون، جنهن پانڊي پيڙو پاڻ،
تہ ڪنهن ڪچهين ساڻ، توکي ڀيهر ڀاري ڪينڪي.

(۱۱)

هڪ وار نہ ڏنئي يار، تو وايون ڪرين وصال جون،
ڪيئي نہ قطري جيترو دل اندر ديدار.
لافون ا کيون لوڪ جي، تو هڻين لک هزار،
"لعنت الله علي الڪاذبين، هيءَ ڪوڙن مين ڪار،
جي پڇئي تہ پار(۱)، نہ تہ ميڻي مات، "مراد" چئي.

(۱۲)

جڻن سو سهس سمنڊ ۾ لهرين (۲) لک هزار
تڻن وحدت جي درياهہ مان، ٿيو پيدا سڀ سنسار،
چمڻ مرڻ "مراد" چئي، پنهن پاڻيءَ جو پار،
پيو ڪونهي ڏٺي ڏار، آهي سڀ ڪهت نور نسهرو.

(۱۳)

ڪهڻي ڪهي سيڪو ۾ رهڻي ڪين رهن،
ذات نہ پرجهن پانهنجي، تا پڏيو بات بڪن،
سي مٽن ميرا "مراد" چوي، ليکيا ڪين لڪن،
توڙي ڪوڙين مڪر ڪن، تہ بہ پارين آهن پڌرا.

(۱۴)

جن کي عشق جا ڳائيو(۳)، سي ننڊون ڪئن ڪن،
پيي پيالا پٽر ٿيا، هٿون حبين،
صورت سڀرين جي آڻ ئي ڀهر ڀسن،
"مراد" مرادون تن، پر گڏجيي هوريون ٿيون.

---

(۱) جي پولين تہ پاڙ (ب). (۲) لهريون (غ). (۳) جڳائيو (ب).

(١٥)

جن کي منجهه معراج، آهي حج "مراد" حضور جو،
سي مڪي جا محتاج، ڪامل ٿين ڪينڪي.

(١٦)

وحدت جن وجود، آهي ڪعبو تن جو ڪوڏيو،
سي ڪنهن کي ڪن سجود، جي پاڻ "مراد" مڪو ٿيا.

(١٧)

دنيا ڪارڻ دين کي، ٿو ورسيا وسارين،
ڪيئي بازي بانورا، هٿين ٿو هارين،
ماري من "مراد" چئي، جي وحدت ڏي وارين،
ته هوند جاڏي نهارين، تاڏي سڄڻ ڏسين سامهان.

(١٨)

تن ڍرين، من ڍرين، چيت ڍرين، دل يار،
اندر ٻاهر سڀ ڍرين، وٽ نه آهي وار،
اکين منجهه "مراد" چوي، پيو ڪون قريبين ڏار،
جاڏي ڪريان نهار، تاڏي سڄڻ ڏسان سامهان.

(١٩)

تون آهين تنهن ڍرينءَ سان، جنهن پاڻي ۾ ماڪ،
فوڙائو، فراق، توتي ڪونهي متور "مراد" چئي.

(٢٠)

تون آهين تنهن ڍرينءَ سان، جنهن پاڻيءَ پارو،
هيءَ ڏس ۾ ڏسارو، جو آهي مڙو(١) محبت "مراد" چئي.

(١) مڙئي (غ).

(۲۱)

آئين ويهرن نان پهري ۽ پاءُ پهر کان پي ڪر،
گهڙي تان گهٽو ٿئي، جي ڏرس ڪٿي هڪ دم،
ته هوند لهنئين گوندر غم، محشر جا "مراد" چئي.

(۲۲)

آ کر پڙهي سڀڪو، نقطو پڙهي نه ڪو،
ورق جو وصال جو، ساري سڪي نه ڪو،
معنيٰ ڪارڻ "مراد" چئي، هٺ هٺندو پو(۱).
واڻي تنهن کي وو، جنهن دوست نه ڏٺو دل ۾.

(۲۳)

ڪنز، قدوري، قافيه، توڙي پڙهين نحو صرف،
توهه مٿان ڪان "مراد" چئي، آيندءِ ڪين الف،
جنهن کي هادي ڏنو حرف، تنهن کي علم سڀ عيان ٿيو.

(۲۴)

حاجي مڪي هليا، ۽ ٿا عاشق عرش وڃن،
هو سير(۲) پسي سرها ٿيا، هو ٿا حج حضور پڙهن،
هن تن من منجهه طواف ڪيو، هو ٿا پورا پيٽ وسن،
سي انڌا ساڻ سڄن، ڪئن موافق ٿين "مراد" چئي.

(۲۵)

هڪ عابد باغ بهشت لئه، ٿا ياد عبادت ڪن،
بيا طالب طريقن ۾، مٺو ڙهلا پسن منجهن،
ڪي قلبي، روحي، خفي، اخفا، سرّيءَ نا سمجهن،
۾ آءٌ قرباني تن، جن هي پردا ڦاڙي ڇڏيا.

---

(۱) پوءِ (غ) (۲) سيج (ب).

(۲۶)

"لا" کي لاٿو جن، ۽ ثابت ڪيو اثبات کي،
سي عاشق اولياءَ آيا، ٿا نيت نماز پڙهن،
سي ذاتي ذات کي ويجها ٿيا(۱)، ٿا سنمک سجدو ڪن،
سي هردم ٻرين ٻسن، جي "موتوا" ٿيا "مراد" چئي.

(۲۷)

هادي! هدايت جو، ڪو پيالو مون پيار،
مستي جا محبت جي، سا مون ذات ڏيار،
وسيرُ ڪيم "مراد" چئي، ۽ ڪي مون وسار،
سا ڪا نظر نهار، جنهن سان تنهنجي رنگ رچي رهان.

(۲۸)

ڪلمو پڙهي سيڪو، ۽ پرجهڻ پري ٿيو،
پڙهي جن پرجهيو، تن ڪينو ڪين ڪيو،
"آنا احمد"، "مراد" چوي، وحدت منجهه ويو،
وڃي تيت پيو، جيت حق حقيقت هيڪڙي.

(۲۹)

ڪنهو قلوب ۾، سي هردم حق ٻسن،
وڃي وحدت ۾ پيا، پرتا پيان ٻرين،
وي الله اڪين ۾، پيو قطرو ڪين سهن،
"مراد" مرادون تن، ٻر ٻسيي پوريون ٿيون.

(۳۰)

چڙهي چيتن رنگ، لڱڻ لڱڻ ۾ لالي،
خاوند ري خالي، سڀئي پاهو ڏسان.

(۳۱)

هڻ ساڻ الله، عيش ۽ عيشن جهڙو،
چاجي روءِ زمين جي، شاهي ڪري شاهه،
پر تنهن کان بهتر آهي، هيڪڙو هڻ هوت سان.

---

(۱) ذوالوجهين (ب).

سر سھڻي

(١)

جنھن کي عشق اُٿاريو، سا سانگو ڪري نہ ساھ،
موٽڻ تنھن کي ميھڻو(١)، ڀَسي دور درياھ،
جھلي رهي نہ جهول ۾، ڏي لهرين مٿي لاھ،
ساهڙ جي صلاح، وچي ميلي مَنڌ، "مراد" چئي.

(٢)

مٿي منتي مهراڻ جو، نہ ڪو آر نہ پار،
لهرين ليکو ناھ ڪو، اونهو جت آجهار،
اڻ تاري کي تار ۾، جڻ تارين تڻ تار،
منهنجي ساڻ ميهار، ڪج ملاقات "مراد" چئي.

(٣)

تون تارين تان تار، هي اڻ تاري مهراڻ ۾،
لکين لهريون لس وهن، اوپارون اوتار،
جت ڪنهن ڪُن ڪڙڪا ڪري، پيو آڏي پڄهي پار،
آتِ(٢) پرين لنگهائج پار، ڪج مون مٿهت "مراد" چئي.

(٤)

سنپر سائر هيڪڙو، لهرين لک هزار،
"تون" جي هن تار مون، پلي وڃي پچار،
سرجيو "مراد" ني، پيهي ويھ پاتار،
تان نائي نيڻ نهار، تہ سنجهيڻي موتي لڀهين.

---

(١) ميھڻو (غ) (٢) هٿ (ب).

(٥)

نہ آوِار نہ پار(١)، نڪو ساھڙ سيرَ ۾،
ڇاڪي ڇوليءَ ۾ گھڙين، آئِي مَنِ ميھار،
توھي(٢) ۾ تڪرار، آھي مُنڊا "مراد" چئي.

(٦)

توھي (٣) منجھہ مھراڻ، تو ۾ ماڪ ميھار جو،
دلبر آئِي دل ۾، چو پاڻيءَ وجھين پاڻ،
ويئي ڪر قريب سان، اندر روح رھاڻ،
تو ساھڙ توئي ساڻ، آھي سڪنھن مھل "مراد" چئي.

(٧)

جنھن سيبائي ساڻ، سيٺھہ ڪنئين سچ جي،
لھر نہ اوڏي (٤) تن ڪي، جا گھوري گھڙي پاڻ،
محبت جو مھراڻ، ڏو تاري اڻ تاريءَ ڪي.

(٨)

جن ڪي سيٺھہ سچ جي، سي تڙھي تات نہ ڪن،
ڪين نہ ڪاڻِ ڪنار جي، پيلي ٽي نہ پيلن،
رکي روح رضا تي، ٿا طالب تار تَرن،
سي محبتي مڙن، وڃي يحب ساڻ "مراد" چئي.

(٩)

پيلي تي ۾ پيلاءَ، جو ڪچي مان ڪين ٿئي،
توھہ تنھنجو تَرھو، ڏو لھريون لَس لنگھاءِ،
ڪھڙو پوءِ پَريڻ جو، جن پيڙي پاجھہ سنداءِ،
اچي ھرين پاڻ پَساءِ، ڪر موڻ تي منھت "مراد" چئي.

(١٠)

تَرج ڪيم تَرسُ، محبت جي مھرياڻ (٥) ۾،
پچائيندي (٦) پَرَ ڪي، خوف ۾ پانڄ خَسُ،

---

(١) نہ آو آر نہ پارِ (ب). (٢) توُنھين (غ). (٣) تونھين (غ).
(٤) اوڏي (غ). (٥) مھراڻ (غ). (٦) پھچائيندي (ب).

ويٺي ماڻ "مراد" چئي، روز رهائيون(١) رَسُ،
تون پاڻ پرجهي پسُ، جو آئي ساهون ساهڙ اوڏڙو.

(١١)

مري جيئڻ تان مَنگَ، پيالو پريت جو،
نهو ڙيندءِ نکڙيان، آئي نيڻهن نهنگ،
تاڻي نيندءِ تار ۾، وجهي وحدت ونگ،
تون ڏيندي سر سنگ، ته پسين محب "مراد" چئي.

(١٢)

جڏهن منائين سانپر، تڏهن سانپر ني متهئيءَ کي،
وَڻون ور آئي کري، وجي پئي ورين ور،
جا گهڙي ڪر ڪٽن ۾ تنهن جي قادر لهج ڪرَ،
ما نيئي ميڙ ميهر، منجهون مهر "مراد" چئي.

---

(١) ڏهاڙي (ب).

ٻيت سوال - جواب سسئيءَ جا

سوال :

تَڙ تَڙ تڪ ۾ تور، ٿي ڪيچ ڪَجاڙي ڪي وڃين؟
نڪي هاڙهي هوت ويوءِ، نڪي حَبُ، هنگور،
موٽي وڃ "مراد" چئي، ٻوري! سنجهه ٻنپور،
ناحق ڏيهه ۾ ڏور، آئيي دل ۾ ديرو دوست جو.

جواب :

عاشقن ائين، ڪين سَري ري سڄڻين (١)،
موٽڻ جا "مراد" چئي، تون ڪئن ٿو ڏَس ڏئين،
پيالو پريت جو، جي هٿئون هوت پئين،
ته جانڪو ڏينهن جئين، تان ڪوڪون ڪرين قاف ۾.

سوال :

قاف ڪَجاڙي ڪاڻ، ٿي ڪوڪون ڪرين قرب (٢) لئه.
جن پرين لئه پند ڪرين، سي تان توهي (٣) ساڻ،
موٽي وڃ "مراد" چئي، اوکي مٿئين آچاڻ،
پيهي انهارج پاڻ، آئيي دل ۾ ديرو دوست جو.

جواب :

جي دوس ٻنهنجي دل ۾، سڄڻ ڏنو جَن،
ويهي تِنن ڪي وهءُ ٿيو، نڪي سُڪ سهن،
موٽن ڪئن "مراد" مي، سڀ جِنن جي مَن،
هڪ ٿات نه آئيي تن، پيو آڪنڊين آڏو ورين.

سوال :

آڪنڊين آڏو ورين؟ سنئون ڏنوسون ڏَسُ،
محبتن "مراد" چئي، شل گهوري لڳي ۾ ڪَسُ،

---

(١) سڄڻان (ب). (٢) ڪوڪون ڪرين ڪاڻ لئه (ب). (٣) توهين (خ).

دلبر اُتي دل ۾، رڙهي تنهن کي رَسُ،
تہ ڄڱ پڻ ڇيڻي (١) جَسُ، هوت ۾ گڏجي هُتهين.

جواب:

جَسُ تنين کي ايڪيو، جي جودون جهد ڪن،
گهڙي لڏائون گهٽ ۾، منڌو ٻير ٻرينِ،
وَهُ ٻيا وحدت جي، ٻيون ڏنائون ٻن،
تن سک ۾ سالڪن، ويا هي-هي ڪندا حق ڏي.

سوال:

هي-هي هينئين ۾ ڪجي، تون ٻاهر ٻات م ٻَڪُ،
"الانسان سِرّي وَ آناسِرُّه"، ساري پڙهہ سبق،
"نحنَ آقرب اليہ مِن حبلِ الوَريد، ڦاري پس ورق،
تہ هاري! توکي حق، هوت ۾ گڏجي هُتهين.

جواب:

جي هُتهين هوت ٿيوم، تان ٻِي ڏاڍي ڪنهن ڏُک سڙي،
"الست بربڪم"، "قالوا" ڪن پيوم،
"ڪل شيءٍ قدير"، تنهي سک ويوم،
تهان پوءِ ٿيوم، پسڻ پارُ پرينءَ جو.

سوال:

جي پسين ٻار ٻرين جو، تان رڙهج متي راهَ،
دلبر آتي دل ۾، ڪاڏي ڪندينءَ ڪاهُ،
"ڪُلّ شيءٍ محيط" مڃ هيءَ صلاح،
ساجن شامل ساهُ، آتي محب "مراد" چئي.

جواب:

ساجن تؤن مؤ وار، سر صدقو ڪريان ساهَ سان،
تن ۾ اٿم تنهن جي، اٿي پهر پچار،

---

(١) رهيئي (ب).

جي ڀاڱ نہ ھلين ڀيرڻي، تہ وڃنديئن ھڏ م وار،
توڙي حيلا ڪرين ھزار، تان ڀي ڀير ڀوڳاھون نہ ڪٿان.

سوال:

پڌر ڪري م ڀير، ھل ھيئين سين ھوت ڏي،
تو ھي منجھ "مراد" چئي، سڀير يان جو سير،
سي سڀ سچڻ تنھنجا، جي ڏجھڻ ڀانئين ڏير،
وڃون لاھي ويرِ، ھل تہ پسين ھوت کي.

جواب:

جن ڀروڙيو ڀاڱ، ورِيو تن وصال،
ويا تنين ڪان وسري، ڪايا مايا ڪال،
محو ٿيا محبوب سان، ڪڇن قيل نہ قال،
سي ڪيڏا نينھن نھال، محبتي "مراد" چئي.

سوال:

وڃي وھائي، تو سمھندي صبح (١) ٿيو،
"موتوا قبل انتموتوا"، چاتئي نہ چائي،
ڀاڱ نہ ماريئہ ڀر لڳ، ٿي واتون واڪائي،
حيف وڃايئي ھوت ريءَ، جوڀن جوائي،
ھاڙھيائي ھائي، پرينءَ منجھ ڀروڙ ڪي.

جواب:

آءٌ چئي چونديس ڪيترو، ڳالھ مڙيائي ھڪ،
جنھن کي سچي سڪ، سا پسندي پرينءَ کي.

---

(١) صبوح (ب)

بيت ستين

(باب وصال)

(١)

وٺي ڪونہ ويوءِ، آهي هوت تنهنجيءَ هنج ۾،
چاڪي ڏورين ڏونگرين، سائي هوت سندوءِ،
تون محب "مراد" چئي، نڪي(١) ڪين لڪوءِ،
وسُ متان ڀرين ڀوءِ، آتي پاڻهون پرين اوڏڙو.

(٢)

هينئڙي هوت ٿيوءِ، تون ڪيچ ڪڄاڙي ڪي وڃين،
توسان محب "مراد" چئي، سڄڻ آهہ سندوءِ،
وندر ڪين ويوءِ، ڪٿي ورُ نهارج وٽ ۾.

(٣)

وندر سي وڃن، جنين ورَ وڃائيا،
منهنجا محب "مراد" چئي، مونهين وٽ وسن،
جي پل پل پرين پسن، سي ڇو ڏورن ڏونگرين.

(٤)

سڏ ڪيون ڇو سڏورَ، ڀڏائين ٻين ڪي،
اوڪي اورج ماڻ سان، محبتن مذڪور،
ماندي ٿي م "مراد" چئي، ڏيهہ نہ آٿي ڏور،
آهن(٢) هوت حضور، ڀر جي پيهي پاڻ نهارئين.

---

(١) لڪي (ب). (٢) آهي (خ).

بيت ستين

(تاڪيد طلب)

(١)

سرتيون سيڪي ساھ، پڻ عين آداسي آن ري،
ڀَسڻ خاطر پير جي، روز نهاريان راھ،
وٺي محب "مراد" چئي، ويا آرياڻي ارواح،
آئين شال الله، تہ ڏسيو لاھيان ڏکڙا.

(٢)

حجت حبيبن سان، ڪاڏياريون ڪئن ڪن،
جن حق نہ رکيو هوت جو، سي ڇو دعوا دم هڻن،
کهڙو منهن "مراد" چئي، وٺي ڪيچ وڃن،
شل آو ڪِڏهن ڪَنَ نہ ڪن، پوي پاڇھ پروچ کي.

(٣)

آئي سنبھ سسئي، پير پنهونءَ جو پَسُ،
تان کيي ڏورج ڏونگرين، جان کي لڳئي وَسُ،
موتيج ڪيم "مراد" چئي، چڙي گونگن (١) گَسُ،
مَن ڪو ڏيئي ڏَسُ، سُونهون انهيءَ سات جو.

(٤)

وَڻ وَڻ هيٺ نہ ويھ، مرندينءَ ڪين "مراد" چئي،
توڪل جا تنبو آڏي (٢) چڙلي ڇپر پيھ،
ڏونگر تنهنجو ڏيھ، لوچ تہ لهين پير کي.

---

(١) گنگين (ب). (٢) ڏي (ب).

سومل راڻو

(۱)

تون سوڍو آهين سو، نه تو جهڙا ٻيا جهان ۾،
ٻيا جي راڻا، راڄيا، تيرُ برابر تو نه،
تنهنجو سَتُ ”مراد“ چئي، آهه ڪامل ڪريان ڪونه،
سَرُڻ تيان ڪون سون، جي اچي پارس پاسو تون ڏئين.

(۲)

تون راڻو تون راڄيو، تون راوَن(۱) جو راهه،
ڪامل قرباني ڪريان، ڪٿي سوڍا سپ ستاهه،
تنهنجو سَتُ ”مراد“ چئي، آهه لهان ڪانڌ ڪيتاهه(۲)،
عاقل اڳن آهه، نه سرتين سڪائون ڏيان.

(۳)

سرتين سڪائون، تولش مجيون سيندرا،
آهه تان انهن کي ڏيون، ويتر واڏايون،
عاقل آرڏايون، اچي منهنجون ميٽ ”مراد“ چئي.

(۴)

جئن سو ساهه سرير ۾، تئن سوڍو ساماڻو،
ڏَٽ پَٽ وائي هڪڙي، سپ راڻو ني راڻو،
ٻر جي سون جئن چاڻو، نه پَسو محب ”مراد“ چئي.

---

(۱) رائن (خ) (۲) ڪوام (ب).

عمر مارئي

(١)

عمر ماڻهُو مَ ڪر، پسي دَور دَماڪ،
تو پليرا پونءِ ؛ خان ڪَني ٿيا خاڪ،
ڪندءِ موت متي ٿي(١)، هاجي سندي هاڪ،
پانئج ڪيم مذاق، ڪٿي باندي موڪ "مراد" چئي.

(٢)

عمر ڪر مَ ماڻهُو، پسي ڪوٽ ڪچهريون؛
هي سَڪَ مانگيي سومراءُ ڪين هلندءِ ساڻ،
هت وايون ويندءِ ورِي، جت پاڪ پچندءِ پاڻ،
نہ تا نيئي ميڙ اماڻ، مارو ئڙن "مراد" چئي.

(٣)

عمر ماڻهُو مَ ڪر، پسي ڪوٽ ڪچهريون،
هوندءِ ڪين هميشہ، هيءَ دنيا دولت در(٢)،
مٿانهين "مراد" چئي، ڪئج نيڪ نظر؛
"ڪُلُ يَوم بَشَر"، هي سچ قول ڪنن سين.

(٤)

هن منهنجي حال جي، سڌ نہ آهي سومري،
"وَنحن اقرب اليه"، واحد ڪيم وصال،
پسي نُور نسوهرو، ٿيڙا نيڻ نهال،
پلهي ڪيڙو پال، گڏيا محب "مراد" چئي.

---

(١) تو (ب). (٢) زر (غ).

بيت نُوريءَ جا

(١)

ڪيني ڪوجهي، ڪُوڙي نُوري نماڻي،
هٿون وٺي جنهن جي، ڪو پيئي نا پاڻي،
سا محلن منجهه "مراد" ڇڏي، ٿي مرڪي مهاڻي،
جيلهان سمي سياڻي، تيلهان سونهي منجهه سرتئين.

(٢)

ڪيني ڪوجهي، ڪوڙي، نُوري نماڻي،
ٿي آئي ڇپَ مڇيءَ جي، جنهن مُون ڪالهه ڪيڪي هاڻي،
اڄ سمي ڄام سهاڳ سان، ڪئي راڻين جي راڻي،
سا مر مرڪي مهاڻي، جنهن سڀ معافيءَ ۾ "مراد" ڇڏي.

(٣)

مر مرڪي محلاتن ۾، نُوري نُوراني،
جنهن جي جهوليءَ ڇنڊ جهلي پيو، سمو سلطاني،
تنهن معافيءَ ۾ "مراد" ڪيا، ٿيا سمي جا ثاني،
جي هئا ڏيهه سدا ڏاني، تن جو ڏيهه اڄ ڏاني ٿيو.

(٤)

نُوريءَ سان ليٽڻ، ڏيئي رمزون راهه ريجهائيو،
سمي حي سهاڳ سان، ٿي جهولي جهروڪن،
تنهن مٽڪي مهريءَ مصري، لاٿي ملاحن،
سڀ معافيءَ ۾ "مراد" ڪيا، ڪٿي ڄام تماچي تن،
سي مر ڪوڏ ڪينجهر ۾ ڪن، جن وُن لٿا حرف حساب جا.

(٥)

هو جي هئا ۾ ڪٽ، سي راڻي ڪئي ڪٽ چاڙهيا،
ريءَ پٽ پهرن ڪينڪي، پيو پير ڪ ڏين هٽ،
پيئن مٽ "مراد" شراب جا، جن ڪالهه مٽي هئا مٽ،
سي اڄ ويهي پاسي وٽ، وٺن وٽ سمي سلطان جي.

ليلا چنيسر

(١)

هيئن ليلان پانيو هو نہ، ته ڪو ڪُنرو مٿن پئي،
نہ ته هار مٿؤن هٿڙ هيڪڙي وار ڏئي تنهن تو نہ،
سا نماڻي "مراد" چئي، چاڪون پڇي چو نہ.
جنهن جو ڪامل توريءَ ڪونہ، تنهن کي دستون چڏ م، داسڙا!

(٢)

ويچاريءَ ويساهہ آيو ڪُنروءَ جي ڪئوڙن تي،
نہ ته مٽي ڪئن مٿڻي تي، محب پنهنجو ماهہ،
سا نماڻي "مراد" چئي، ڏئي کهڙي ڏاهہ(١)،
جنهن کي کنڌي ڪانہ ڪا، والي توريءَ واهہ،
تنهن کي لڳ الله، دستون چڏ م، داسڙا!

(٣)

جو تو هاري پانيو هار، سو تان مٿيو مٿور مڪر جو،
هن ڪُنرو ڏيتيون ڪيتريون، ليلان لک هزار،
موهي منصوبي سان، نرڙ وئي وئي نار،
انهيءَ مهل "مراد" چئي، ويلو آئي وار،
نہ ته موٽي چام (٢) چهار، دمت نہ اينڌءَ داسڙو.

---

(١) ڏيهي وڏائي واهہ (ب). (٢ چم (خ)؟ (م).

بيت گهاتو ڄا

(١)

ڪوڏيا ڪُئن ڪلاچ جا، عاشق جي اڳن،
سي عشق ـ ڪچُونءَ جي وات مان، موٽي ڪين وڃن،
جن کي موت مشاهدو، سي ڇو نہ "مراد" مرن،
آءٌ قرباني ٿيان تن، جن جيئري جيءُ نہ واريو۔

(٢)

عاشقَ ڪُئن ڪلاچ ۾، اڳي جي ٿيا،
سي عشق ـ ڪچُونءَ جي وات مؤن، موٽي ڪين ويا،
مشاهدا "مراد" ٿئي، تن مري منجهه ڪيا،
سي جانڪيئتا جيا، جن جيئري جيءُ نہ واريو۔

(٣)

عاشقَ ڪاهون ڪاهہ، ٿا اڃن ڪُئن ڪلاچ تي،
ڪاتُ ڪچُونءَ جي وات ۾، ٿو لاهي ڪنڌ ڪلاهہ،
ٻيٿي رت رڳن جي، مهنيو ڪانئي ماهہ،
سي هٿ سانگو ڪن نہ ساهہ، جن کي موت "مراد" مشاهدو۔

ٻيت ساموئڊي

(١)

جنين جي جهاز ڪي، ساڃا سڙهه سڪان،
ڏس ڏهاڙي ڏيهه جا، معلم ڏي مهندان،
سي ڪڏهن آيا خير سان، سفر صاب پيان،
سڄڙ ساويرا ڏڪيا، بندر ٻار سندان،
سڀي سڱنگ متان، ٽيڙا معاف "مراد" چئي ۔

(٢)

جنين جي جهاز ڪي، سدا لڳي سواءِ،
ڏس ڏهاڙي ڏيهه جا، ڏي معلم تن مهنداءِ،
سڄڙ ساويرا ڏڪيا، نيگيا نا ڪوڄاءِ،
تن جي مال متاءِ، ٿيا معافي سڱنگ "مراد" چئي ۔

بيت پرڀاتي

(١)

آءُ ڏَڏَ، ڏَڏان ئي ڏَڏَ، ڏڏ نه ڏڏن جيهڙو،
سڀئي آيس سڏ، ڏاترا تنهنجيءَ ذات جو.

(٢)

ڏاترا تنهنجيءَ ذات جو، نڪي آرُ نه پارُ،
جهڙ ڪونه جهان ۾، ٻيو ڏاتارين ڏاتار،
دان مڱان ديدار، ڪر سائل سرفراز تون.

(٣)

سائل سڀئي آئيو، سڀڙو سيرُ سندوءِ،
ڪڏهن ڪونه ٻڌوءِ، ته ڪو هتون موٽيو منگتو.

(٤)

سيو تنهنجي سيرَ ۾، نه ڪا آج نه ٻڪ،
اڄن جي آس ڪري، ڏور تنين تون ڏڪ،
لهن سدائي سڪ، هت مڱڻهار "مراد" جهڙي.

(٥)

نه مون ڪلهي ڪيترو، ڪيرت چاڻان ڪا نه،
تون آڇهو اڀوجهن جو، مهر ٿيئي مانَ،
مون، تي ڪر "مراد" جهڙي، عنايت احسان،
جو تون سدا سلطانَ، تو نالائق نوازين.

(٦)

مون جيهو ڏڏ ڏيهه ۾، تو جيهو ڏاتار،
چان چڪاسيم چوڏار، تان ٻيو ڪونهي مٺور "مراد" جهڙي.

(۷)

آءٌ اوگڻ گڻيان کيترا، جي بيحد کون بيان،
ٻر جانُ ٿا لو تو رحمان، تان ٻون کونهي وهم "مراد" چئي.

(۸)

آءٌ گڻي گڻيندس کيترا، عيبن آنت نه ڪوءِ،
ٻر صمد نانءُ سندوءِ، تان ٻون کونهي وهم "مراد" چئي.

(۹)

اوگڻ عيب آپار، ليکو ليکي ناهه ڪو،
ٻر جانُ سندوءِ نانءُ ستار، تان ٻون کونهي وهم "مراد" چئي.

بيت پورب جا

(۱)

نانڪا چڙهه نڪ، تو لائين رک لڳن کي،
توکي ڇُوهي ڇُوهڻ جي، رامَ نه لڳڙه رنگ،
مايا ماڻ "مراد" چئي، ڪُوڙو ڪيو(۱) ڪُسنگ،
ڏوئي ڏُوڙ نِسنگ، ويٺي اَچا نڪري.

(۲)

جوڳي تو نه جڳاءِ، جو تو ڪَنَ ڇيڙائين ڪاپڙي،
سامي سانت صبر جي، مَن ۾ منڊرا پاءِ،
سيڪ سگي ڪر سنجهاڻ، وڃ ويرِ وڃاءِ،
سيلهي سيل، پريت پتر، اندر الک جڳاءِ،
لڳين رک لقاءَ جي، لاهوتي تون لاءِ،
روح ۾ رام ريجهاءِ، چڙ پاهريان مکر "مراد" چئي.

(۳)

جيت نانڪا نينهن لائين، نيت "نانهن" ٿيان پيو نانهين ڪي،
ڪُوڙها ڳالهيون ڳُجهه جون، ڪاٿي نا ڳائين،
جي سُرجهڻ ڪان پري ٿيون، سي واتون نا وائين،
سي روح ۾ رام ريجهائين، جن جي مالها ماڻ "مراد" چئي.

(۴)

گيان گنگا، دل دوارڪا، ڪايا ڪاسي جن،
سي پورب ۾ پهم جا، چاڪون پنڌ پڇن،
ماري مَن "مراد" چئي، تا رَيءَ تَن تيرٿ ڪن،
سي نت نانڪا ناٿ پسن، جن کي گڏيو گُر گرنار ۾.

---

(۱) ڪيڙه (ب).

(٥)

تڙ ڪ ڏنائون تن ڪي، ماد ڪيائون من،
سي بابو بديهي ٿيا، ويٺا منجهه وطن،
لامڪان "مراد" چئي، ڪيا آسڻ آڏو تن،
سي نيت نانگا نات ۾ سن، جي واحد وحدت ۾ ٿيا.

(٦)

جي رنگ رتا رام جي، تن ڪالهه ڇڏي ڪاسي،
ويئي تن ڪون وسري، چيتون چوراسي،
لنگهي ٻيا لاهوت ڪون، اوڏو ابناسي،
تن جوڳين جانون ٻڌيون، جي هٿا ٻيءَ جا ٻاسي،
لامڪان "مراد" چئي، ٿيا وحدت جا واسي،
سي سنمک سناسي، وجي نانگا گڏيا نات ڪي.

(٧)

سڪ نه ڏئي سرتيون، ويراڳين ويراڳ،
لوچي لامڪان ۾، ملڪوتين ڪيو ماڳ،
جيڻي مرڻ "مراد" چئي، لاهوتين جو لاڳ،
ڏيئي ڏيل ڏهاڳ، وڃي سامي سهاڳي ٿيا.

(٨)

سڱن جو سرتيون، سامين ڇڪيو ساٿ،
هردم هلن هُو ۾، چيت جنين جي جاٿ،
منجهه ٿي منجهه "مراد" چئي، ڪيو لاهوتين لقاءُ،
تون ٻڌ تنين ڪاٿ، وڃي سيڪ ته سڪ ٻرائيين.

(٩)

سامي سي ڇنجن، جن ڪي سيڪ سرير ۾،
سي لاهوتي لال ٿيا، جي هُو ۾ هُو هلن،

ماري مَنُ ”مراد“ چئي، ته نانگا نات ڀَسن،
تون ڀڻ وڃُون تن، وڃي ميک ته مُڪ ڀرائيين.

(١٠)

جن لاٿا نيڙَ ننگ جا، تن ڪيهو ننگ نانگن،
لنگهي ڪيا لاهوت کون، آسڻ آدوتن،
روح رتائون رام سان، ٻيون وڌائون ٻَن،
منجهه ئي منجهه ”مراد“ چئي، ته جوڳي جاڻون ڪن،
تون ڀڻ وڃُون تن، وڃي ميک ته مُڪ ڀرائيين.

(١١)

نانگي ڪي ناسوت، ڪٽي ڀير ڀَسايو ڀيرَ جو،
تنهن ڪاهوڙي ڪرو ڀيو، ڏس منجهون ملڪوت،
سچا تائين سور ڪين، جاءِ وڃي جبروت،
لنگهيو جن لاهوت، تان ٿيو هنُو محوُ ”مراد“ چئي.

(١٢)

گهر چورن جي گهَلِ، ته ٻاهر سانگ ڪرين ساڌن جا،
مڪر جي ”مراد“ چئي، ڏوڙ مَ منهن ڪي مَلُ،
تَسيو ڏيئي تَنِ ڪي، جهيڙي جهَٽي جهَلُ،
ٻاڻ پنهنجو ٻَلُ، ته ٿئين منگت جوڳو سچڻين.

بيت متفرقہ

(١)

چاڪي چيتُ "مراد" ڪري، گهاٽو مٽنَ گهماءِ،
ساري سڳرت نِيرت جا، ڏينهڪ ڏاند وهاءِ،
تِنهه تاري ڪِي تَنَ موُن، سِرهه صاف پيڙاءِ،
تهان پوءِ تون لاءِ، لڳين تيل لقاءَ جو.

(٢)

ڪر ڪبوتر روح ڪي، دل پڃري پارينس،
سِرهه صاف سڳرت جي، چڳوٽي چيت وارينس،
پاٽي پاڪ پريت جو، بلبل پيارينس،
هئو ۾ محو "مراد" ڪري، پي واٽي وسارينس،
سا ڪا بازي سيکارينس، جنهن سان وڃي وحدت ۾ پوي.

(٣)

نِڪر "نانهن" ڪلهي ڪري، ورچا سپ وڃاءِ،
رياضت جا روح ۾، فڪر ڪر فناءِ،
حال هلي حيرت سين، تون منهن مهندا پاءِ،
عدم منجهان "مراد" چئي، ڪنهن کي رسي نہ ڪاءِ،
هت پيئي جي جڙي نہ جاءِ، تو پاڻ سڃاتي پاڻ کي.

(٤)

نِڪر "نانهن" ڪلهي ڪري، چڏ تعيّن تات،
هليو وڃ حيرت ۾، جتي ڏينهن نہ رات،
عدم منجهہ "مراد" چئي، جهت ڪانهي جهات،
نفي ڪو اثبات، تو پاڻ سڃاتي پاڻ کي.

(٥)

تنهن کي سڪ ۾ سور، جنهن کي سڌ نہ آهي سٽور جي،
جنهن کي گهاءُ نہ آهي گهٽ ۾، پڇ تنهن کان ڏور،
جي وهم ۾ ريان جي وڃ يا، رهج تن حضور،
هي؛ آئيي محبت سٽور، ”موتوا“ تي ”مراد“ چئي.

(٦)

هيتون لوڀي من! لڏي، وڃي ٻاڙي ويهہ ٻرين جي،
ڪا ڀڪن سامهون، اوڏا ويهہ اڏي،
موٽي چيڪ چڏي، توکي شال چڏيندا ڪينڪي.

(٧)

هين تن ۾ من! ۾ ويهہ، جو آهي چوڪس چلهہ چورن جي،
نگهيندءِ نگهيءِ سان، آئيي نگهہ نگهن جو ڏيهہ،
انهيءَ مهل ”مراد“ چئي، وڃي ڀکهي ڀر جي ڀيهہ،
سندءِ سو سائيهہ، جنهن ۾ وار ونگو ئي نہ ٿئي.

(٨)

رهزن نفس نفيءَ سان، توڻي ڪوڙين ڪارون ڪن،
توءِ ڪڻ ڏسي اوڪن ڪري، ڏئي ڏهاڙيون ڏک تن،
تنهن کي مار ”مراد“ چئي، جيئرو ڇڏ ۾ ڇڻ،
سا ڀيلهہ ڪٽي وجهہ ڀن، جنهن مون جيءَ جو کو ٿئي.

(٩)

توکي معلوم سيڪي، منهنجو حال حبيب،
چئي چونديس ڪيترا، اوکي آءٌ عجيب،
پنهنجو قرب ڪريج تون، مون سان ڪرم قريب،
جو تو ريءَ تن طبيب، ٻيو ڪونهي مور ”مراد“ چئي.

(١٠)

اڄيون مون گهر عيد ٿي، آيم اڄ عجيبَ،
ٿي سترهائي ساهه کي، لڌي ڪَرَ قريبَ،
پَسي حال حبيبَ، ڪيو مون تي مهت "مراد" چئي.

(١١)

اوڏي ٿيان نہ آرتِ، ڪاڻ ڪوريءَ جي نہ ڪيان،
هڪ پچن پچارن کي، ٻيو هر هر وچن هٿِ،
سنئينديون "مراد" چئي، ڪڏوٺِ جنهين جي گهٽِ،
وَرَ منهنجي وَٽِ، ڪمي ناهه ڪپڙَ جي.

(١١)

پهرين ماڻ جي پيٽ ۾، جڏهن هئڙين نطفو نير،
پاري تنهن پيدا ڪيئين، وجهيَ ساهه سرير،
توهون مهند "مراد" ڪيو، تنهن رَت رڳن مون ڪير،
جو اهڙي سڪ سڌير، سو ڪيئن ڇڏيندءِ قوت ري!

(١٢)

جانُ ڪر منهنجي جيءَ کي، لڳي عشق لپاتَ،
تان ڪر هڏ حرام ٿي، نيڻين ننڊ نپاتَ،
صبر سِڪ وڃائيو، ويئي پَسان واٽَ،
اکين آج آساٽَ، اڇيي وَٽيي ڏيج وصال جيي.

(١٣)

ويچارا وِرسيا، ويهي ڏيٺي وٽ،
مهندان مڙلڊر جي، پاڻ هٿن ٿا پٽ،
موٽيي مهاڏيوَ ڏي، ڪن سوالي سٽ،
سو گهڙي نہ پسن گهٽ، جنهن ۾ محب "مراد" چوي.

(١٤)

جتي سوٽيِ چاڻ، جنهن جي جويون ڏين شاهدي،
تنهن سٽ پَرڀي سورهيہ جي، ويهي ڪن واڪاڻ،
سائين جنهين ساڻ، تنهن کي مهت "مراد" چوي.

(۱٦)

جئن آڪ، ناڪيري نڪ ۾، ۽ جت ھٿ مھار،
آئي، ويھي ۽ ھلي، سر تي ڪٿي بار،
جو جيڏھن تاڻي تنھن کي، تڏھن ترت تيار،
تئن وس وجي پيو يار، منھنجو من ”مراد“ چوي.

(۱۷)

جيلھائي ھٿ ڪري ھاري، تيلھان ڪني تي ڪاري،
چر چرائيو چندڙو، سڀ عمر ساري،
ڏھاڙي ڏوين جي تيي، مار جھلين ماوي،
مري تيي ”مراد“ چئي، سکي قراري،
چو ڏاڪھ چڙھين ڏاري، پچ ته چتين پاھ ڪان.

(۱۸)

طوطا توکي کھڙو، اندر قيد قرار،
آھ آڏام ”مراد“ چئي، ھت مارينده منجھار،
ھيڪر ھندستان جا، جي پسين باغ بھار،
ته موٽي سڀ چمار، پير نه ڏئين پڃري.

(۱۹)

سو(۱) ساھ سڌايو سڄڻا! ڪو جو واڻون واھ،
ياري(۲) يارن ڪان وئي، ميٺي ميٺ نه ڪاھ،
پٽ نه وئي ھيءَ کي، پيو پائڻ چڏيو پاھ،
سڌوجھي سڪنھين جو، جان لڌوسين ترياھ،
ته ھڪ ڏئي! تو ڏاراھ، پي ڪانھي ماڙ ”مراد“ چئي.

(۲۰)

منھنجا ميٺا چيت وٽا، دل جا دغا باز،
جن کي عادت عداوت جي، پي ھڏ نه چاڙھ ھاج،

---

(۱) پسو (پ). (۲) سو ياري (ب).

پرهه گوز گلا جا، منهن ٿي ڪن ميناج،
جن جا اهڙا ڪوڙا ڪاج، تن کي متُّور نه هتن "مراد" چئي.

(۲۱)

هتن حلوا هالار جا، ور هتکن جي هٽ،
جي سجڻ هون سنگت، ته ڏکيا ڏينهن نه ساريان.

(۲۲)

ور هتسي پدمات جي، پن حلوا هالار،
جي هون هيڪاندا يار، ته ڏکيا ڏينهن نه ساريان.

(۲۳)

ويا هنجهه هلي، آيا ڪانءُ ڪنڀن تي،
مورن جي، "مراد" چئي، سرن جاء جهلي،
چيبن سان چلي، ٿي، مينا مقالون ڪري!

(۲۴)

باري پروردگار ڪيا، وڻ ڪامل ڪڪارين جا،
ٽاريون ٽالپرن جون، تيڙيون باغ بهار،
سي مرڪن شال "مراد" چئي، سنڌ صوبي سردار،
جن کي ڏنو ڏيه، ڏاتار، مر ڪائن خان خوشيءَ سان.

(۲۵)

ٽاريون ٽالپرن جون، پروڙ پوکايون،
دائم تنين دعا-جو، آمين پائي ٽا پايون،
سي سدائي ساون، جن جي مدد محمد "مراد" چئي.

سي حرفي

١

الف- الله العالمين، ساراهيان سبحان،
جنهن قادر "ڪُن فَيَڪُون" سان جوڙيو سڀ جهان،
خلافت خلق جي، ڪيائين آدم تي احسان،
تنهن ۾ وڌو روح رحمان، "مِن رُوحِي"، مراد چئي.

ب- بدعات ڇڏ تون، خودي خام خيال،
سڄو تي صاحب سان، آئي وقت وصال،
وَنءُ وَهي وحدت ۾، جتي جوت جمال،
"دَعِ نَفسَڪَ وَ تَعال"، ته پسين محب "مراد" چئي.

ت- توبهه ڪر تن کون، ڏينس ترڪ تمام،
پردو ڪلهه پرين کون، ننگ ناموس ۽ نام،
"مَن عَرفَ نَفسه"، پيو ڪُنجيءَ ڪين ڪلام،
جو آهي اسلام، محمدي "مراد" چئي.

ث- ثابت ڪر سچ کي، ڪوڙ نه ايندءِ ڪم،
ڪايا، مايا، مال ڌن، دام نه هوندءِ دم،
تيرُ نه نيندين تنهن مون، جو جوڙي ڪيڙءِ جم،
پوءِ غافل ڪائيندين غم، نه ته ساڃهه سمجهه "مراد" چئي.

ج- جدائي ڇڏ تون، وٺ پرين جو پير،
هٿ نه ايندءِ ايهڙي، پوءِ ورونهن وير،
صبح سين م سمهه تون، تي هيڪاندو هير،
مٺوي وڃ سوير، تو منجهه حضور "مراد" چئي.

ح- حياتيءَ ڏينهڙا تون پرينءَ گڏ گذار،
ماري من "مراد" چئي، وحدت ڏي وڪ وار،
دلبرُ آئي دل ۾، دائم ڪر ديدار،
ڪٿي لمن نهار، آهن سڀ جاءِ سهڻن.

ج۔ خمر موُن عشق جي، جنهن چکي چسَ،
ويا ميهي وسري، روح تنهن جي رس،
ميڙايا "مراد" چئي، محمودي مجلس،
عام لنگهيائون لس، محوُ ٿيا محبوب سان.

د۔ دلاسو دل کي، ڏنو پاڻ ورين،
وائي ساڻ وصال جي، جيءَ جياريو جن،
"نحنُ اقرَبُ اليہِ" آءٌ قرباني تن،
پيو سپ ڏيئي پن، آءٌ تان ڪريون "مراد" مشاهدو.

ذ۔ ذڪر ڪر ذات جو، ٿيا وهم سپ وسار،
راتو ڏينهان روح ۾، پرتئون ڪج پچار،
"فَاذْڪُرُونِي اَذْڪُرْڪُمْ"، سچڻ لهندو سار،
جي اهڙا سيڻ ستار، تن کي مور م ڇڏ "مراد" چئي.

ر۔ رياضت ربّ جي، آهي فرض فنا،
آئي موت مشاهدو، عاشق ٿئين تہ آ،
"موتوُا قبلَ انتموتوا"، آئج امر بجا،
پوءِ هردم ذوق بقا، ويئو ماڻ "مراد" چئي.

ز۔ زڪوات ڪيڄ تون، ڪري نفس نفي،
آئي وقت وصال جو، اچي عاشق ٿي،
سپ ڳڻ لائق سپرين، ڪندو توهہ تقي،
پوءِ جانڪي تون جيئي، ڪونهي موت "مراد" چئي.

س۔ سيني ۾ تنهنجي، دل بيت المعمور،
"کل شيءٍ محيط"، آهي نسورو نوُر،
ويئو پڙهہ ورت سان، هردم حج حضور،
تون ڏوڙ "مراد" م ڏور، آئي ساهئون اوڏا سپرين.

ش۔ شراب وٺيج تون، صاف هٿئون ساقي،
پي طهورا تڪ ڏئي، موُن من مشتاقي،
ٿئين عمر "مراد" چئي، بخشيندءَ باقي،
مرشد ملاقي، ڪندءَ پهرئين جام پرڻ سين.

ص- صبر جو رک تون، روزو اندر روح،
هوا، حرص، "مراد" چئي، کڍ ڪٿي وجھ کوھ،
آئي پھر پرينءَ مان، ويٺو ڪر وڙوھ،
پوءِ هردم سنجھ صبوح، عيدون ڪج عجيب سين.
ض- ضرور "مراد" ڪج، وحدت سين واپار،
منجھون حوض حضور جي، ويٺو وضو سار،
منھن محراب پرينءَ جو، نيت نماز گذار،
تھان پوءِ پيھار، توتي ڪونھي حرف حساب جو.
ط- طلب ڪر تڪيو، وحدت ۾ تي ويھ،
ريءَ حقيقت حق جي، ٻيا سڀ مڪر ميھ،
"لم يلد"، "مراد" چئي، پسج پنھنجو ڏيھ،
سنڌ سو سائيھ، جت ناهي ٻيو 'نانھن' ري.
ظ- ظاهر ٻيو ذات ريءَ، قطرو آهي ڪين،
سڀ حقيقت حق جي، ٻولي ٻولج ٻي نه،
"هو الاول، هو الاخر"، سچي ساک سندين،
سو دنيا سو دين، جي تون پرجھين مام "مراد" چئي.
ع- عدم مان سرير، جان واصل ٿيا وجود،
ته ملڪن آمر مڃيو، سيني ڪيو سجود،
پسي منھن "مراد" چئي، ماڻياڻون مقصود،
جي هئا ماڪ آنھيءَ موجود، وڏا طالم تن جا.
غ- غين نه ڄاڻج غير، هي عين آهوئي آھ،
نقطا جي نفيءَ جا، سي "لا" سوڌا ٿي لاھ،
ثابت ڪر اثبات کي، روح سڄاڻج راھ،
ڏس م ڏيا ٻاھ، هي سڀ سڃاڻي سچ جي.
ف- فنا في الله ٿي، پھرين ماڻج پاڻ،
پري پاڻءَ م پير کي، ساجن توهي ساڻ،
"فاينما تولوا"، "مراد" چئي، ثابت ڪر سڃاڻ،
منول مپڙين مھراڻ، نه ته لھرين ليکو ناھ ڪو.

ق- قلوب المومنين، آهي عرش الله،
مٿي تخت "مراد" چئي، پاڻ ويٺو پادشاهه،
وچي پهتو پير ڪي، روح سچائي راهه،
پر هي سانڊ برابر ساهه، ڳالهه وريان جي ڳجهه جي.

ڪ- ڪڙو هڻ قلب کي، لاهه ڪثافت ڪس،
اوجر ڏيئي آرسي، منهن پيريان جو پس،
"والظاهر والباطن"، پيو سڀ ڏورون ڏس،
هي عام "مراد" ۾ پس، جو پي ڪانهي ليڪ لطيف ري.

ل- لطف ڪيو سچڻ، پاجهون پاجهايا،
نماڻيءَ جي نجهري، اچي پرينءَ پير پايا،
سڄون ورهين جا ڏڪڙا، لحظي ۾ لاهيا،
سي شل موٽي ۾ آيا، جي ويا وچوڙي ڏينهڙا.

م- مڙوئي مورين، آءٌ ڪهڙو ڪريان بيان،
عقل اٽڪ اوڏو نه ٿئي، ذڪر ناهي زبان،
"الانسان سري"، سوئي سبحان،
جامع ڪل جهان، آهه حقيقت حق جي.

ن- نهايت ناٿهن ڪا، چوان ڪچاڙو آن،
اي نمود "مراد" چئي، جنهن جو جسم نه جان،
سو پرجهڻ ڪان پري ٿيو، لاسيهو لامڪان،
هت ماڳ نه آهي مان، ري هدايت حق جي.

و- وصال پرين جو، ڪوڙين مان ڪي ڪن،
وايون تن وساريون، واتون ڪين ڪڇن،
وچي وحدت ۾ پيا، محب جنين جي من،
سي سونهان ڪين سڃهن، جن جو مهدي محب "مراد" چئي.

ه- هدايت رب جي، ٿي رهبر سان رهبر،
پسي ڪين پرينءَ ري، "ما زاغ البصر"،
يار سڃاتو يار کي، ساڻ يقين نظر،
چئي سو شير شڪر، ٿئن پرين سيئا ٿيا پاڻ ۾.

لا- لقاءُ پرين جو، هلپل ۾ ٻيو ٻسُ،
جاڏي ڪاڏي سورين، خالي ڪونهي خسُ،
"عَرَفتُ رَبِّي رَبِّي"، راهہ تنهين کي رسُ،
تون پاڻ "مراد" ۾ پسُ، جو آهي نُور نسوهرو.

ع- "اَلستُ بِرَبِّڪُم"، جڏهن سجدو روح ڪيو،
سچاتائين سورين، وحدت منجهہ ويو،
تنا محب "مراد" چئي، ٻسي ڪين ٻيو،
وڃي تيتِ پيو، جت نُور نهايت ناهہ ڪا.

ي- يقين ڪريج تون، ٻيو ناهہ ذرو ريءَ ذات،
اڄ "مراد" مشاهدو، ڏاتر ڏني ذات،
آئيي ڏينهن الست جو، ويهي وڃاءِ نہ رات،
ڪلمو جنين وات، هوندا سي ايمان سين.

عشقيه

فقير صاحب "عشقيه" جي اندر درد، فڪر، ڦٽڪو، نفي ۽ اثبات جو ذڪر نهايت سادي نموني ۾ ڪيو آهي، پر اُن جي اندر معنيٰ وڏي آهي. طالب انهن منزلن تان گذرڻ کان پوءِ ئي وحدت جي ملڪ ۾ واسو ڪري ٿو. هن ننڍڙي رسالي کي "مراد" سائينءَ پنهنجن طالبن جي رهبريءَ لاءِ لکيو هو.

— بيراڳي

عشقيه

ذڪر ذاتي سان رهن جي، مٿوران کين مُنجهن،
آئي ٻهر اندر ۾ تا نينهن نظارو ڪن،
"فاذڪروني اذڪرڪم" آهي ريت چڱن،
دلبر جن جي من ۾، سي ٻاهر کين ڏسن،
ري مشاهدي محبوب جي، هردم موت مڱن،
جي ويا واديءَ وحدت جي، سي موتي کين لڀن،
وحدت جي واديءَ جي، ڏکي وات ڏسن،
سانگو ڇڏي سر جو، ٻڌن سر ڪفن،
ڏسي تاڪ تڪر ڪي، ڪڏهين کين ڪنبن،
سوريءَ ڏيندي سر ڪي، سالڪ تا وهسن.

پهرين منزل

(درد)

پهرين منزل تن جي، کهائي درد چون،
ٻانڪا بيپرواهه ٿي، وڏي هيج هلن،
جت حاجت نام هلڻ جي، سر پير آت رڙهن،
تنگ تاريڪي چاهه جي، ڏسي کين ٻلن،
ٻولي ٻولين ڪينڪي، ٿوڙي سُور سهن،
اندر اورن ٻاڻ سان، ٻاهر کين سلن،
سختيون ڏونگر جون ڏسي، طالب تا ترسن،
اکيون پريل آب سان، ڀر کوڙها کين چنبڙن،
همت سان "مراد" چوي، سي چاڙها سخت چڙهن،
سوجون محبت جون سي، ماٿيو تا ماڻن.

منزل ٻي

(ذڪر)

لنگهي منزل درد جي جڏهن طالب تيز ٿيا،
سامهون پنهنجي فڪر جا، تن رستا سڌ ڏٺا،
هلندي پنهنجي راهه تي، پتلا ڪين پٽليا،
سي صاحب سرت سمجهه جا، پنهنجي وات ويا،
جهاڻي آنهيءَ جهنگ کي، وحدت تي وڌيا،
ونگيون وائون عقل جون، اوڏانهن ڪين وريا،
”يتمشي في الطريق التصوف“، انهن وهم ڪيا،
پردا سمجهه صلاح جا، تن ڍاهي سڀ ڇڏيا،
دوئيءَ جي درياهه کان، پتڻ پار ٿيا،
ڪينو ڪين اندر مان، تن ڪوري سڀ ڪڍيا،
ڪڍي ڪام ڪروڌ کي، وڃن خوش ڪيا،
اولاد جي آجهرائين کان، ستي نينهن نيا،
اوجهڙ کان آجا تي، شرڪن مرد ميا،
”طالب الدنيا مخنث“، سي چالن حال هڪيا،
”طالب العقبيٰ مؤنث“، پرتي پنڌ پيا،
”طالب المولا مذڪر“، ڪڍڻ کان ڪٺيا،
فائق آهيءَ فڪر سان، روحي رمز رسيا؛
محبتي ”مراد“ چشي، سدا قلب ڪڙهن،
موجون محبت جون، سي ماڻيو ٿا ماڻن.

منزل ٽين

(فڪر)

ڇڏي منزل ذڪر جي، نوريءَ ڪئي نظر،
ڏٺو ڏاهن فڪر جو، سامهون پاڪ پڌر،
ڪنيو سامين سر تي، ڪيڏو سڄو سفر،
واڌوڙيا وائن تي، ڪن گينور ٿا گذر،

ڏنگ ٻلائون پاڻ سان، ليت سورن جو سر،
راتيون ڪاٽين رڃ ۾، ڀڏي پيٽ پٿر،
ڏکي انهيءَ حال ۾، ڪيا سي خوشتر،
نامرادي نجهرو، جن جو آنٺي پهر اکر،
هاري آب آکين ڪان، ڪن اندر کي اوجر،
راتيان ڏينهان سر تي، محبت جو مگر،
ظاهر نماڻا خلق ۾، ۽ باطن ۾ ٻحر،
ڪڙو لاهي قلب جو، تن آجو ڪيو اندر،
ڏسي ڪين ڏکن سي، آوارو اثر،
ڪڍي چڏيو ٻت سان، ڏاهن سڀ ڏمر،
راضي رياضت ۾ رهن، چاڙن ڪين هنر*،
وڙهي آماري نفس سان، ڪتن تا خيبر،
تن کي اوڏو ڪينڪي، آهي خوف خطر:
سي فائق فقر ڪان لنگهي، تا اڳتي پند پون،
موجون محبت جون سي، ماڻيو تا ماڻن.

منزل چوٿين

(نفي)

منزل ماڪ نفيءَ تي، وڃي ڪئي لاهوتين،
هني نعرو "لا" جو، سي پاڻون پاڻ وڃن،
نالو انهيءَ ملڪ جو، تا نيهي "نانهن" چون،
ڏاها انهيءَ ڏيهه جو، ڏاڍو ڏس ڏين،
جي ويا انهيءَ ڏيهه ڏي، سي موٽي ڪين ورن،
چڏي جار جسي جو، روحي رمز رسن،
"لا اله" جي لار سان، روز رهائيون ڪن،
وڃي پيا ڪئن ڪين جي ڪنا ڪين ڪڇن،

---

* هنر کان هت مطلب فريب ۽ ٺڳي آهي. (مرتب)

داتهه اڻ دريا هو ۾، راتو ڏينهن رتن،
تارون سي اڻ تار جا، رهيا موج متن،
"لا خوف عليهم" ڪي پڌي، انا پتو سندن،
آجها گي عشق ڪي، جهاگي چوٽ چڙهن،
اڻ ولايت واسا، جت نڪو سڌ سُڻن،
مُلڪ اهو آ مات جو، جنهن کي سڪو تيا سمجهن،
هوڏون هستيءَ جون پچي، پنهنجو پاڻ پسن؛
پولي پرم ۾ پيڊ جو، بت پڪو آڏو تين،
ڪيني، ڪام، ڪروڌ جي، رتي ناهه وتن،
جن نفي کيو پاڻ کي، پلا پاڪ سندن؛
محبتي "مراد" چوي، سي مري تا جين،
سوجون محبت جون سي، ساٿيو تا ساٿن.

منزل پنجين

(اثبات)

چڏي ملڪ نفيءَ جو، ويا طالب اثباتي،
هرجا ديرو دوست جو، تن جهاتي جان پاتي،
ساري آمتاري نفس کي، تيا ٻالا براتي،
"الا الله" جي اور سان، ڪيائون حاصل حياتي،
هرجا سوج محبت واري، لات لطيفي لاتي،
چوڏر ايڪا ايڪ نظر ۾، ونئي دوئي درجاتي،
منزل حق حقيقت واري، ڪوڙي صفت صفاتي،
ذات ملي وڃي ذات جي اندر، هرجا هوڪو ذاتي،
ظاهر حقيقت وارو، ڪنهن حقيقت جاتي،
مات جي اندر منزل تن جي، قرب جي ڪنڌ تي ڪاتي،
سڏ پڙاڏو وسريو تن کان، چيهه لڳو تن چاتي،
چولي اندر تن جي لاتي، هردم ٻريم جتواتي،

ساهہ جي اندر سالڪ، سالڪن سونهون ساٿي،
عروج نزول ڪان اڳتي آهي، عجب عشقاق اوقاتي،
ڪشف ڪرامت چاڻ ڪاٿي، مرد آهي مصلحاتي،
منون ۾ سي موجون ماڻن، چارئي پهر چڙهاتي؛
ليکيي الک اندر ۾، سدا تا وهسن،
موجون محبت جون سي، ماڻيو تا ماڻن.

منزل ڇهين

(وحدت)

مڪلڪ نفي اثبات کان اڳتي، وادي وحدت آئيي،
جت "همه" جو هوڪو هردم، ٻي نہ ٻڌجي وائي،
مذهب ملت اوري اُن کان، منزل جنهن هيءَ پائيي،
شاهد ۽ مشهود آتي هڪ، ٻي نہ ڪيرت ڪائيي،
صاحب واري رمزا ها سڀ، "روحل" مون سمجهائيي؛
موج "مراد" هي حاصل جن کي، مانجهي هو مترڪن،
موجون محبت جون سي، ماڻيو تا ماڻن.

(٥، ١٠)

سرائکی کلام

بيت

(١)

رندان روز الست کنون کرچایا نينهن ٺهنگان،
جوت جمال حسن دے وچ پوندے آهه پتنگان،
سے موت کنون کيون مرڻ، جنهان دے خاطر نال خدنگان،
پر جي منگين "مراد" مشاهدا، تان وڃي ميلين مست ملنگان.

(٢)

ميخاني شهه مستاني باجهون، سڌڙيا سهل نه آوے،
خراباتيان دي مجلس دے وچ، صوفي کيون سماوے،
جو سر رک تلي تے آوے، تنهن کون جام جڳاوے،
پر گوه ميدان اتاهين، جو کٽے سو کاوے.

(٣)

سر ڏيوڻ تان کهڙا سانگا، صرفي سوپ نه ٿيوے،
وچ ميدان محبت دے، نت "مٺوتوا" موت مريوے،
سر سرواهه سڄڻ تون صدقے، تن من گهول گهتيوے،
يار "مراد" مائيسي سو، جو جيندڙيان مرکر جيوے.

(٤)

جي لک کروڙ کرين قرباني، تان مويا مٺول نه جيوے،
پر رندي جام مغان دے هٿون، هکواري گهن پيوے(١)،
نه عزرائيل نه آويس نيڙے، نت جڳان جڳ جيوے،
"مراد" مغان دي مجلس دے وچ، کنين موت نه سڻيوے.

---

(١) پرجي رندان والا جام مغان دے هٿون، هکواري گهن پيوے (خ).
(٢) نه عزرائيل نه اس نيڙے آوے نت جڳان جڳ جيوے. (خ).

(۵)

ٿيا ايمان سلامت تان، جان زلف زنار ٻڌوسي،
لٿي قفل ڪفر دي سڀي، ڪنجي عشق ڪيتوسي،
دستون ساقي ٿيا عنايت، شوق شراب پيتوسي،
"مراد" مغان دي مجلس دي وچ، نوشه ڪول لڌوسي.

(٦)

پير مغان ميخاني دي وچ، رندي جام پلايا،
دستون ساقي ٿيا عنايت، رات ڪٺي ڏن پايا،
آب حيات ڪنون ده چندان، آهه سرس سوايا،
"مراد" مغان دي مجلس دي وچ، نوشه الله ملايا.

(۷)

ڇوڙ مسيت ڪٺيٿس ميخاني، توڙ زنار ڪفر دي،
رندي جام مغان پر ڏتا، ساقي حوض ڪوثر دي،
چني جند جواب سوالون، لٿي هول حشر دي،
ٿيا شفيع "مراد" محمد، ولي ورق هجر دي.

(۸)

جنهن ڏٺهن نور محمد ڪون، مين صدقون سجدا ڪيتا،
تنهن ڏٺهن غير سڀو چا ساڙيم، ڏي ڪر برهه هليتا،
نور خمارون ٿيا اکٺين، جنهان مست پيالا پيتا،
مين "مراد" تنهن ڏٺهن چا، دست دامن وچ سيتا.

(۹)

عشق شراب ڏتوسي ساقي، پي ڪر مست ٿيوسي،
دل ڪعبي وچ بت ڪفر دي، "لا" دي نال لڙيوسي،
ارڪت دين محمد دي وچ وحدت وچ پيوسي،
مالڪ رضوان دي محتاجي ڪنون "مراد" ڇٽوسي.

(۱۰)

جنهن ڏينهن پير مغان دي هٿون، شوق شراب پيتوسي،
تنهن ڏينهن يار يقين ٿيا، سڀ دل دا شڪ لٿوسي،
چوڏهن طبق ٿيوسي روشن، اڪبر حج ڪيتوسي،
ور ٿيا ديدار "مراد" جڏهانڪر هي سر عرض رکيوسي.

(۱۱)

ڀر ڪر قدح ڪلال ڏتوسي، روشن جام الستي،
پيون نال وصال ٿيوسي، چڙهي پئي دل دي خستي،
رهون هوشيار هميشه، توڙي مست ٿرون وچ مستي،
ڏي سر يار "مراد" گڏوسي، سودا دست بدستي.

(۱۲)

جي تو طلب ملڻ دي سڄڻا، تان سر ڪون نال نه چائين،
اول عقلون ڪرين جدائي، پير پڇي تون پائين،
چوڙي خام خيال خودي دي، "مٽن" ڪون مار مٽائين،
جو جينديان سندي جاء نهين، پن مويان "مراد" اٿائين.

(۱۳)

ڪيتي عين عنايت ساقي، ڏتس جام ڀراڻا،
پيون نال شراب طهورا، دل تون غم سڌاڻا،
لٿي هول حساب حشر دي، يار مليا من ڀاڻا،
سيج وڇائي "مراد" ستا سک، ڏي سر هيٺ وهاڻا.

(۱۴)

تن مڪا، من مدينا، دل ڪعبا ڪر ڄاڻيي،
رب رسول ڏونهين وچ پئي، نال يقين سڃاڻي،
"من عرف" نبي فرمايا، بيشڪ شڪ نه آئي،
جو حج حضور "مراد" اٿاهين، ٻي سڀ ڪوڙ ڪهاڻي.

(۱۵)

مسلمان مسجد ويندے، هندو پوچيندے پٿر پاڻي،
آوه مٿڪيا، آوه مٿرا ويندے، آيو ين عمر وهاڻي،
اے دل عظيم عرش الله دا، جنهن وچ جوت سمائي،
تن من نال ڪرين تيت سجدا، بيشڪ شرڪ نه آئي،
جو حج حضور "مراد" اتاهين، ٻي سڀ ڪوڙ ڪهاڻي.

(۱٦)

ڪيا مقصود سميت وڃڻ دا، جے تون نفس نه مارين،
من دي ميل نه ڌووين من تون، ول ول وضو سنوارين،
منهن ڪعبے ڏے، سرت سيلاني، سهج نماز گذارين،
لوڪ رياڻي ڪرے ڪمائي، عمر آجائي هارين،
پر سيي فرض "مراد" تيون، جے دليون دوست نه وسارين.

(۱۷)

جے مقصود ملڻ دا هووے، ڪر گهڻ ساجهر سعيا،
وچ ميدان محبت دے، نت رکين قدم سوايا،
اے سودا سر ڏيوڻ پاجهون، محض نه ملے پايا،
پر جيندے مرڻ "مراد" سڃاتا، پيچھے مرڻ آجايا.

(۱۸)

عاشق نام سڏاوڻ سوکا، پر عشق اٹالکا لاوڻ،
لاڪان لک مرينديے، پر هے مشڪل توڙ نياوڻ،
ڪم ڪنهان وريامان دا، سر رک تلي تے آوڻ،
پلپل يار پيارے هتون، ول ول آپ ڪهاوڻ،
ڪٺي مرغي وانگون در تے، رات ڏينهان تڙڦاوڻ،
هردم پاه برهه دي وچ، مکڻ شيخ سڃاوڻ،
دل اندر ديدار تنهان کون، پاهر پير نه پاوڻ،
ڪامل عشق "مراد" تنهان دا، ٻيا سڀ ڪوڙ ڪماوڻ.

(۱۹)

نيھي ليھي سڀڪو آکي، پر سيھل نہ نيھي ٿيوڻ،
ڀلي نينھن نشاٽي ايھا، جيئندياں مَر ڪر جيوڻ،
دستون ساقي آب حياتي، پلپل دے وچ پيوڻ،
تڏاں "مراد" مناسب تنھن کون، نيھي نام سڏيوڻ.

(۲۰)

جے نيھي وچ نينھن سجن دے، ھين رنگ رباني رَتے،
رندي جام مغاں دے ھٿون، پي متوالے متے،
بي پرواہ ھٿي تے شاڪر، ڪامل عشق ڪتے،
زلف زنجير "مراد" تنھاں کون، پيچ پيچاں وچ گھتے.

(۲۱)

نيھي دے دل اندر دونھاں، ڪتر کون دونھاں دُکاوے،
نيھي رنگ رباني رَتا، انگ پيوت نہ لاوے،
نيھي نيتر رضا وچ راضي، سھج ھٿي سر چاوے(۱)،
نيھي ھميشہ "مراد" سجن کون، ويک سڀو سک پاوے.

(۲۲)

اول فرض نماز جنازے، عاشق آدا ڪريندے،
ڏيندے ترڪ تعلق سڀ کون، مَرَ تکبير سريندے،
چشمے عشق حقيقي دے وچ، سر ڏے وضو سريندے،
سے مشتاق "مراد" پيچے وت، ڪيھي فرض پريندے.

(۲۳)

عاشق چشمے عشق وچون، سر ڏے وضو سنوارن،
ترڪ ڪرن تدبيراں سڀئي، مَر تکبيراں مارن،
دل بيت‌اللّٰہ دے وچ ھردم، نال نماز گذارن،
عشق امام "مراد" جنھاں دا، سے ڪيوين وقت وسارن.

---

(۱) سھج لہ پي سر چاوے (خ).

(۲۴)

مشڪ مهتاب سجن دا قبلا، زلف غلاف سنوارے،
هين ابرو محراب عجائب، چشمان نُور نظارے،
عشق امام، "مراد" جماعتي، نت نماز گذارے،
ميرے فرض قبول ٿياسے، ڏٺے يار پيارے.

(۲۵)

سهج مسيت، صبوري، منبر، سيل، سنتو ڪَ منارے،
مشڪ محراب، تے سنوات مصلا، سکمن وضو ميوارے،
مير مڪر منبر تے چڙهه ڪر، "انخد" بانگ پڪارے،
عشق امام، "مراد" جماعتي، نت نماز گذارے،
سجدے سهو نه هوے، ڪڏهان، لکو وقت وسارے،
ميرے فرض قبول ٿياسے، ڏٺے يار پيارے.

(۲۶)

زاهد زور رکے ظاهر تے، باطن کنون بيگانا،
پارسائين دے پردے جنهن کون، سمجهي نا نادانا،
ڏينهن دا اندا مقبول نه ڏيکے، دوست وسے همخانا،
پير مغان دے مجلس پاڇهون، هار ڪيا حيوانا،
"موتو" مور ک مقول نه ٿيوے، ڪٿان ڏونهين جهانا،
يار "مراد" ميليا ميخانے، شڪرانا صد شڪرانا.

(۲۷)

واعظ ڪري بيان نصيحت، ظاهر وچ زمانے،
محشر دے مذڪور کنون، ڪوئي هول پيا حيوانے،
~~"ضعطوا" فرقان نه سمجهي، غرق ٿيا غمخانے،~~
يار "مراد" مليا ميخانے، شڪرانے تے شڪرانے.

(٢٨)

سيڪوئي عاشق نوشه دا، ڪيا دانے ڪيا ديوانے،
هڪ بيٺے پڙهن مسيتيان وچ، ٻے مست رهن ميخانے،
ڪے ڪعبے ڪون ڏيون سجدے، ڪے وڃن بتخانے،
سوئي وستي دے وچ وسندا، سوئي وسے ويرانے،
جهرجهنگ يار "مراد" مليوسے، شڪرانے تي شڪرانے.

(٢٩)

جے ڪرين رياضت رب دي، تان تون صورت سمجهه صفاتي،
اول مال زڪوات ڏيوين، سر ڪر هٿ "لا" دي ڪاتي،
روزا رکين غير ڪنون، تان عين ٿيون اثباتي.
جو حج حضور شريف اٿاهين، دل وچ پائين جهاتي،
پڙهين نماز "مراد" مدامي، رهين ذڪر وچ ذاتي،
تان ملڪ الموت ڪنون جند ڇٽے، حاصل ٿيوے حياتي.

(٣٠)

شربت موت پيالا ساقي، سڀ ڪنهون ڪون ڏيسي،
شاه، گدا، سنيال ڏيسي سيڪون، هڪو ڪون، ڇتڙيسي،
پر جنهن ساه، سنيال سڄن ڪون ڏتا، تنهن ڪون ڪون مريسي،
يار "مراد" جنهان دي جهولي، پيا نت ذوق مٺيسي.

(٣١)

شربت موت، پيالا ساقي، ڏيسن سڀ ڪناهان،
شاه، گدا نه ڇٽسي ڪوئي، ڪرن تيوڙي لکب دانهان،
پر جيڪو جيينديان مر ڪر جيوے، مين قربان تناهان،
يار "مراد" پيو تنهن جهولي، ڏے پئي ڪل پانهان.

(٣٢)

شربت موت، پيالا عاشق، پيندي لت نمانے،
ساه، سنيال ڏتوسي تنهنڪون، جنهندے دست وڪانے،
هر دم نال وصال ڪريندے، ڀهلا لوڪ ڪيا جانے،
يار "مراد" جنهان دي جهولي، رب پي پيے ٿي پانے.

(۳۳)

گردش دور فلک دا هنر، ڪوئي علاج نہ چائي،
توڙي لک طبيب ميڙن، سڀ افلاطون سيائي،
تان بي شهہ سليمان، سڪندر جيهي، صاحب چوڙ سڏائي،
فلڪي مار فلک دے نيتے، ناسگے ڪئي نمائي،
ہر يار ”مراد“ ڏيوڻ جند جيندڀان، چوڙ نيڪيے مائي.

(۳۴)

همت ڏيک هيندو دے زن دي، ڪيها ڪم ڪريندي،
جو پولے سو پالے اپنا، پيچا پير نہ ڏيندي،
سيج وانگر چڙهہ پٿهے چيکيا آتے، مرڻ قبول ڪريندي،
سئر جهولي رک صدقے ٿيندي، جيندئين جان جلنيدي،
وچ ميدان محبت والے ”مراد“ ويندي گوهہ مريندي.

(۳۵)

لاف ماريندے لج نهين آوندي، عاشق نانهہ سڏيندا،
همت هندودي زن جيتي، تون ڪاهر نهين ڪريندا،
او مر ہوندي مُردے آتے، تون دل دلبر نهين ڏيندا،
ہر يار ”مراد“ مريسي سوئي، جو جيندئين مرڪر جيندا.

(۳۶)

جيے دل ويندي وحدت ڏے، عادت وچوں نہ ڏيندي،
بيچ هزار، هزاران خطري، رهزن راهہ مريندي،
غول بيابان وانگر ڪڙي، ڪيے سچے سڏيندي،
هادي حق ”مراد“ جنهين دا، سا دل وچ ديدار ڪريندي.

(۳۷)

يار يقين جنهان دا هويا، سے آنڪي رهن نہ عادت،
روح دي راهہ روان ٿي، وچ سالک ہوے وچ وحدت،
آنئے آپ ”انالحق“ هوئے، کنهن دي ڪرن عبادت،
محض ”مراد“ محقق ڪتون، هے ڏيوڻ مر سعادت.

(٣٨)

سِر ڏتي سِرّ حاصل هوئي، دل ڏتي دل جاني،
روح ڏتي دل روح ٿيوي، "سبحاني اعظم شاني"،
قطرا وڃ پيا وڃ قلزم دي، هويا بحر حقاني،
ٿيا محيط "مراد" وهم وڃ، رهندا لامڪاني.

(٣٩)

تين سوداگر، دلبر سودا، عشق دلال ڪيتوسي،
سِر سَرواه، سَيو وڃ سودي دي، تن من نال ڏتوسي،
مليا دوست، سيني دلگيري، سودا ساب پيوسي،
ربّ سبب "مراد" ڪيتا، جو ڪَـَـک ڏني لک کِدوسي.

(٤٠)

دل درياه، محبت پيڙا، کوهٔا توڪل ڪيتا،
پِنّد سُکان صبر دا محڪم، سِڙه همّت دا سيتا،
معلم وڃ وطن دي سونهان، ڪامل مرشد ڪيتا،
مال "مراد" يقين تنهين وڃ، صحيح سلامت نيتا.

(٤١)

چوراسي لک پڃري دي وڃ، هيڪو بولڻ هارا،
تنهن نرمل نُوري طوطي دا، نيڪو انت نه پارا،
پانئو پانت بولندا بولي، روپ ورن سڀ نيارا،
ڪاوي پيوي موجان مائي، ڪون "مراد" ويچارا.

(٤٢)

آپ ڪنون لڪ پيٺا آپي، ڪنهن نا آپ لکائي،
آپي پيٺا ويکي سيکجهه، اندر آپ آلائي،
دل دي تخت آتي چڙهه نوشهه، هردم حڪم هلائي،
هي اولّ آخر، ظاهر باطن، بي دي جاء نه ڪائي،
ڪيا وڃ "مراد" ويچاري دا، جو ناحاق ناه ڪِتائي.

(۴۳)

تن من دے وچ تونهين تون، ڦرتن من تو بن ناهي،
دل دے اندر ڈيرا تيڈا، ڪتين تحقيق آگاهين،
آپے کاوے آپے پيوے، سڀ رمز سنجهه صباحين،
منهن بوليندا، ڪنين سنيندا، نيڻين نال نگاهين،
"مراد" ڪنون هڻ ڪيون ڪر لڪسين، جولدڙا جاء بجائين.

(۴۴)

تن پي تنهين تون، من پي تنهين تون، سر پي کهول کهمائين،
هڪ پل پاسي مول نہ تيوين، نيت اکئين نال وڪائين،
سيج سئيان کل پانهن سيرانڊي، ماڻي سک سدائين،
دلبر دل ديان لاهين سڪان، سڀ "مراد" پجائين.

(۴۵)

دل دلبر بن رهندي ناهے، آپے عشق لتيوئي، درد چتيوئي،
وچ بند دام زلف دے وچ، قابو قيد پيوئي، سک گيوئي،
نت سربندے نازنينان دے، ڪيتا پيش آيوئي، جوڳ تيوئي،
پر غيب دے وچ مارغوطا، جڏي يار "مراد" مليوئي، بخت وليوئي.

(۴۶)

درد سهڻي دلبر دا مين تان سو سک سڀ کر چايا،
ميٽ گئي خام خيال خودي دے، جان دل اندر آيا،
شالا هووے هميشه نوان نيت روز بروز سوايا،
برکت نال "مراد" جنهين دے، نوشه الله ملايا.

(۴۷)

درد نهين کو دارون دل دا، جو پيوے سو جيوے،
جيے روز چکن رمز خماري، سرون هميش گيوے،
ميٽ وڃن سڀ مستي سر دے مستي حق لتيوے،
يار "مراد" وسے وچ ويڙهے، جو کو عاشق تيوے.

(۴۸)

درد دوائي محبوب جنهن کون، عشق طبيب کيوائي،
رتي روڳ نه رهي اندر وچ، غير گمان وڃائي،
"مئين" دا پڙدا ڦاڙ ڪرا هڻ، اکين "عين" وڪائي،
يار "مراد" وسي وچ ويڙهي، جو ڪو جهاتي پائي.

(۴۹)

"مئين" ڪون سمجھ تہ "مئين" ڪون پائين، جو "مئين" وچ "مئين"
"مئين" دي وچ ملين تون مئين ڪون، دوئي نہ سڄيان جائين،
"تون" وچ "مئن" تي "مئن" وچ "تون"، جا دل دا غير وڃائين،
"الانسان"، "مراد" سڃاتين، "مئن" وچ "مئن" سمائين.

(۵۰)

سڀڪو لوچي ساڏي ڪون، تي اسان چوري چائي،
رستي چوڙيا پيا سي جهنگل، سائين شيخ وسائي،
پيران پاجهون ننڊ ڪيتوسي، هٿان پاجهم ڪمائي،
سمجهين ملڪ "مراد" انولڪي، پاڪا پرايت تائين.

(۵۱)

ننڊڪ لوچن سنگي ڪون، تي نيهي ننڊيا چائي،
جنهن ملامت وچ سلامت، سا اوڪهي هلي پائي،
سڻ ڪر سمجھ جواب نہ ڏيندا، ويندا ڪنڊ ولائي،
ٻرچائي ڪوڙ "مراد" انولڪي، پاڪا پرايت پائين.

(۵۲)

جنهن دا ڏول سلامت هووي، ساڪت ڪارڻ ڪتي،
ڦيرني البيلي، راڄ کهيلي، چرخي تند نہ کتي،
ڏيهنون آکي ڦري، وکري رنگ برنگ رتي،
جنهن مهر "مراد" خضر دي، پاڪ تنهن دي متي.

(٥٣)

اهوين ماڻ ڪرين نا ڪوڙے، ڪتهن متول نه چوڙين،
ويک سهاڳ نه ڪيجے حجت، هوئنه کنون منهن موڙين،
چيتي نال ڦيرائين چرخلِ هيڪا تند نه توڙين،
هو حليم "مراد" هميشه، نال ادب هٿ جوڙين.

(٥٤)

نا مثين رنگ نه روپ نه صورت، نا مثين ڪيرت ڪائي،
نا مثين سُرخي سرما پايا، نا مثين مينديي لائي،
نا مثين ستگيا چکيون چندن، نا مثين ڏڙي ڳنڍائي،
نا مثين هار سينگار بنايا، نا مثين ڪران ڪمائي،
ڪل ڪنلڪين سيئي مثين وچ، ڪت ڪون ڪران وڏائي،
جنهن تي مهر "مراد" خضر دي، جڳ سهاڳن سائي.

(٥٥)

جيڪو چاتے مثين ڪئچ چاتا، چاڻ نسي ڪچ چاتا،
جنهن چاتے وچ چاڻ نه پايس، سو چاتا ٿيا نا چاتا،
پر چاتا چاڻ "مراد" تهين، جنهن اڻچاتا ڪر چاتا.

(٥٦)

وچ ميدان محبت ڏيے، جيے عاشق آهه وڪائے،
اندر عيش "مراد" تنهان کون، باهر ڦيرن ڪنومائے،
دردمندان دا دردمندان بن، ڪهڙا قدر سڃاڻے،
ڪپڙن چاڙے يا ڪڙ دي لذت، کُفر ڪاوے سو چاڻے.

(٥٧)

سنگي سو جو تن من سنگي، سڪ رهے يڪرنگي،
تنهن سنگي کون ڏيے نه سنگين، جيے سنگي سر منگي،
بين يڪرنگي ڪيها سنگي، بين سنگي بتهڙ سنگي،
مورک سنگ "مراد" نه ڪيجي، فرق رهے فرسنگي.

(٥٨)

بيوفائي ڪار زنان دي، مردان وفاداري،
جي لائين تان سر ڏئي چاهين، توڙ نباهين ياري،
ڪوڙے قول نہ ڪرين ڪڏاهان، پاس سخن سچاري،
سے وريام "مراد" بيان ڪر، ڪرن نہ جيند وساري.

(٥٩)

آيه رن نال جنهان دي ياري، سو ڪيونڪر رب پاوے.
روڪي راون ڪيتا رن سوگها، چمڙي تيے دل لاوے،
ڪوڏي بدلے لعل لکيڙان، نامعقول ستاوے،
سو زن مريد "مراد" اسان ڏے، مولا مڪهن نہ لاوے.

(٦٠)

دنيا دنيا سڀڪو آکے، دنيا نهين آے ڏتي،
آے رنڊ رن راهہ نہ وچين، ڪتليان ڪيے مٿي،
جنهان نال نڪاح پڙهيايس، تنهان سنگ نہ ستي،
گهتي وير وڙهائي ڪتي، ڪتي ماهہ دي ڪتي،
پر لاهہ "مراد" مڙهين سهن تيے، پيران دي جتي.

(٦١)

دل وچ درد نهين دلبر دا، عشق نہ چوچي لايا،
باهر ويس فقيري دا، تيے من وچ مقصد مايا،
چوڙ توڪل تڪيا رب دا، پے لچي لج وچايا،
جنهن دنيا ڪارڻ دوست وساريو، ساتا ڪوڏي ڪر نہ آيا،
يار "مراد" ڪتوري دا سنتر ڪر، چا ڪيئي ڪاري چايا.

(٦٢)

دل وچ درد نهين دلبر دا، عاشق نانءُ سڏايو،
چيتر وچ جڻوتيے، سر تي توپي ڪرڪے ڀيک وڪايو،
نانگا ٿي ڪر، ننگ نہ چوڙيو، الٽا ويس لجايو،
ساري عمر "مراد" مڪر ڪر، حارص هٺ ڪيا آيو.

(٦٣)

جو ڪُجھ ڪِتو واليان ڪيتا، سو مُون ڪَٿ نہ جاڻان،
ڪامل ڪانڌ ڪَڇين مُون ڪُون، هينڙڙي منہ هرساڻان،
ساڻ ''مراد'' ڪيها تنهن سيتي، جنهن هٿ جيءُ وڪاڻان.

(٦٤)

جي تون عاشق ٿيوين مُون تي، مُون معشوق ٿيوائين —
ڍولهہ ڀهائين،
جي تون معشوق ٿيوين، تان مُون تو سيتي دل لائين —
جيند ڀان تائين،
جي تون سيج آني چڙھہ آوين، تان مُون سهج ڪنون ڪِلي لائين —
سُتو سُک پائين،
وس ''مراد'' پيا وچ تيڏي، سُتو تان سچ آکائين —
سهڻا سائين!

بيت هير رانجهو

(۱)

مٺن تان ويسان جهوڪ رانجهن دي توڙي لوڪ ڪري لک حيلا،
مٺن مشتاق تيهان تنهن ڏينهن لاڪون، جڏان ڇوڙيم ڪُڙم قبيلا،
ڪامل عشق حقيقي ڪيتم، وچ وڪيل وسيلا،
جنهن مٺن ڪون آڻ "مراد" ملايا، سو رانجهن رنگ رنگيلا.

(۲)

جنهن ڏينهن روح ڪيتي رب پيدا، تي ڪاني قلم، مس سياهي،
لکيا انگ ازل دا ميان رانجهو نال تڏان، ڪيڙان خبر نه آهي،
روز ميثاق "مراد" آساڏي، روح ڳڏا سنگ ماهي،
ٻنهان ڪون ور ماڻ پي ڏتڙا، پر ميڪون آپ الاهي.

(۳)

درد جنهن دا تنهن در تون، ڇوڙ نه هرگز ويسان،
هڪ دل آهي، لٽ رانجهن نيتي، ڪيڙان ڪون ڪيا ڏيسان،
رنگپور شهر شيطاني ويڙها، تنهن ڪو ڇٽوچي لاه سڙيسان،
ذات ڪيڙان دي وچون مٺن، هيڪو ڪانه ڇڙيسان،
ڏي ڳل ٻانهن "مراد" ماهي ڪون، مٺن هردم ذوق سٽيسان.

(۴)

جيڪر وس لڳا پي ميڏا، ويري، ڪٺل سڙيسان،
ماڻ ماسي تي ٻيڻ ٻاچائي، رانجهن هٿ وچيسان،
وير ٻيرا تي ٻابل ڇوڇڪ ٻڌ ٻانهي ڪر ڏيسان،
ذات ڪيڙيان دي وچون مٺن هيڪو ڪانه ڇڙيسان،
ڏي ڳل ٻانهن "مراد" ماهي ڪرن، هردم ذوق سٽيسان،

(٥)

مين تان ويسان جهوڪ رانجهن دي، توڙے لوڪ گهتے لَڪ وِلّئے،
ڪَٻاسر چوچڪ چنڊا، هڪ جهيڙے ٻيا جهلّئے،
ماهه مراد ملالي وانگر، ول ول اکيون وِلّئے،
مين تان ويندي طرف رانجهن دے، "مراد" ميڏے سون سي سولّئے.

(٦)

تن من تخت هزارے دے وچ، هڪوئي رانجهن وَسي،
لُون لُون دے وچ ڪيتس ديرا، ڏے رمزان دل کَسي،
کيڙيان خالي ڏے نيڪالي، هڪ مٺي ٻي نَسي،
ڏے گل ٻاهن "مراد" ماهي ڪون، ماڻے سک سَهَسي.

سي حرفي

(جهولڻو)

الف- الله دل نال هميشه ياد ڪر،
جانِ جان دم جيوين، تان تون نت ذڪر:
لاابالي درگاهه نه چاهين خندگي،
تن من نال "مراد" ڪرين نيت بندگي.

ب- بديان سڀ گهٽ، چڱائي هٿ ڪر،
سودا سمجهه وهائين، ويسين ول نيٺ گهرا
ويک متان مورک وڃين، مول کوهه،
سنجڻ نال پارس، سون ڪرين وت لوهه.

ت- توبه تقصير ڪنون ڪر بار بار،
نفس نحس دے نال نه ٿيوين يار غار:
چوڙ صباح، سڀ آيه مايا، مال، زر،
ٻهتے موت "مراد" ڪرين، سو آج ڪر.

ث- ثابت ڪر چاڻ سڄاڻ حق تون،
سڀ گهٽ سرجڻهار، نه آڻين شڪ تون:
جيے دل ڏيکين کول ته نرمل نُور،
هٿين چوڏهن طبق "مراد" پريا پڙپور.

ج- جدا نهين هڪ دم، هے تٿين نال،
غفلت ستون وسار، جو هے وقت وصال:
هے يار جنهان دے نال، سے رهن سڪالڙے،
پريم پيالا پي ڦرن موجون متوالڙے.

ح- حياتي وچ هدايت چاڻ،
سنمک صاحب نال، سدا سک ماڻ:
ڪيها پروسا ڪيجئے، ڪوڙے دم دا،
جو نهين نيباهه نال، سو ڪيهے ڪم دا.

خ ـ خالق جملي جهان دا،
ڪيتس خوب خيال، زمين آسمان دا؛
اربع عناصر دے پتلا جوڙ گهڙ،
ڏيکين نت تماشا "مراد" رنگ ڪر.

د ـ دعوا دا دم نا مارين،
تي تون يار يگانا گهارين؛
چيتن نال هميشه چت لائين،
وحدت دے وچ "مراد" تدا سک پائين.

ذ ـ ذڪر ڪر ذاتي چوڙ صفات،
ڏينهن ڏٺا تي روشني، ڪٿي آنڌيري رات؛
حاصل ڪرين "مراد" هميشه حضور هال،
نت هي شراب طهورا، نرمل نور دا.

ر ـ رضامند رهنا وچ رضا دے،
سڀي هين سڌها سر تري خدا قضا دے؛
"ستونوا" تي وسيلا "مراد" ديدار دا؛
سرنا باجهون نا ملندا درسن يار دا.

ز ـ زودون ذڪر ڪر، روز ٿهين جو آونا،
من دا پرم تون ڙ دے، تهي راه رسجهاونا؛
تان تو ڏيکين، نت نظارے نور دے،
نور دے سرور دے، محبت دے مذڪور دے.

س ـ سعادتمند سوالي سچ دے،
مولا نا لاوے ايڙے ڪوڙے ڪچ دے؛
اندر باهر سڀو سچ ڪماوڻ،
سمجهه "مراد" زبانون سچ آلاوڻ.

ش ـ شهيد ڪرين تون نفس نفي ڪون،
وچون ڪيون وڇوڙا پاوين پي ڪون؛
باجهون هٿان يار دے، مر ڪر جيوڻا هے،
آب حيات "مراد" پيالا پيوڻا هے.

ص ـ صفا ڪر تون سينا،
ڳل مار ڪر ڪيل، ن ڇوڙين ڪينا:
رنگ ڪر سر پر رنگ وچ، ”مراد“ سڃاڻي پاپ کون،
جو اهڙي ٻاجهہ نہ ويکين، اکڻين ”مراد“ آپ ڪون.
ض ـ ضرور زڪوات زمان منگيسي:
آسي موت مهل تيرے، وهسي ني مَنگ منگيسي:
پر جيندے جُهد ڪرين، ليکا لاهين ساهہ تون،
چيت رکين چيتن، من ”مراد“ صلاح تون.
ط ـ طالب مطلوب تيڏا تو نال هے،
من دا محرم هر دم حاضر حال هے:
جے تو طالب ملن دي هے مطلوب کون،
تان چوڑ سر پر، ”مراد“ ملين محبوب کون.
ظ ـ ظلمات آتے هَن خضر دا خيال هے،
دل وچ آب حيات حاضر حال هے:
پتر جام جڏان پير مرشد مئنون ڏيوے،
پيون نال ”مراد“ وصال ڪرليوے.
ع ـ عجائب پيتي پريم پيالڙي،
رتي رنگ ديدار دي قرون متوالڙي:
عشق عيسیٰ دم رلمل روح جڳايا،
انترجامي عشق ”مراد“ ميلايا.
غ ـ غروري چوڙ، غريبي پاء،
نيڪي دا ثمر سر تے چاء:
سمجهہ صبوري نال، چيتن چيت لاوڻ،
ڏے دل دلبر يار ”مراد“ ريجهاوڻ.
ف ـ فنا ڪر فڪر ڪنون غم ڪاوڻا،
يار تيڏا تو نال وَسے، غم من پاوڻا:
جو وسے وستي وچ، پڇاڻے سچ ڪٿون،
تنهن موڙک ڪنون ”مراد“ نہ پڇاوين سچ ڪون.

ق ـ قلوب‌المومنين عرش الله دا،
لت ڪرين طواف تنهين کون سنجهہ صباح دا؛
لٹون لٹون دے وچ لاوين رنگ لقاءَ دا،
تون ماڻ "مراد" هميشہ ذوق بقاءَ دا۔
ڪ ـ ڪتان هين تون، پاڪ لطيف هے،
غافل غير نہ جاڻين، ذات شريف هے:
هٿون دين گنواء تے ڪيا ڪفر ڪماوڻا،
ساجهر سمجهہ "مراد" نهين ول آوڻا۔
ل ـ لطيف لڌوسے، دل وچ ڪول ڪر،
پهتي مراد، ڏٺوسے درسن دوست گهر:
سون سرير ٿيا، پٽ پارس پايا،
جنهن دا مول نہ تول، سو رتن آمولڪ آيا۔
م ـ مبارڪ ڏيون سڄڻ گهر آيا،
نال جنهيندے دل ديان ڳاليان، الله ميلايا،
چڙهي جندہ لٿا فڪر فراق دا،
مطلب سب هويا پورا، هڻ "مراد" مشتاق دا۔
ن ـ نونهال ٿيا سے، سڄڻ مليا اندر وچ،
سيهي سُک پيا سے، انتر مليا گهر وچ:
لڳا رنگ، ٿيان خوشحاليان،
لٿا فراق "مراد" متواليان۔
و ـ وحدت وچ ويساهہ ڪيتا،
وسرگئي سب تات، پريم رس پيتا:
دل بيت‌الله وچ، لقاءَ لطيف دا،
ڪرين "مراد" مشاهدا، ذات شريف دا۔
ه ـ هردم هردے اندر، دوست دي ڏونهڙي،
سيج آتے سک ستي ڏے ڳل پانهن سونهڙي؛
اکيان نال اکئين دي لاون ياريان،
مست رهن "مراد" هميشہ خوني خماريان۔

ع- الله دي ذات سچاتا ذات کون،
آپ هي داتا، آپ هي پاتس ڏات کون؛
ذات صفا "مراد" سمايا،
بيرنگي نتورين رنگ مين آيا.

لا- لڳي سڀ دل تون وهم وصال دے،
کل هنس کر ڳيل لايا محرم حال دے:
سر ڏے سچ ڳڌوسے جيوڻ پايا،
يار "مراد" مليوسے، ٿيا بخت سوايا.

ي- يقين ٿيا لايڻ لاپ تے،
حاصل حق ٿيوسے سچ هرتاپ تے:
جيت ويکان تان آو روپ آپار هے،
آپے يار "مراد"، آپے ديدار هے.

كافيون

(١)

وارو ڙي وارو، يار، هوت اچي ٿس حال مون.

١- آءٌ پيادي ڪين پڄان، موڙيچ سين ستار....

٢- آئي ويل وصال جي، وڃ نہ سهاڻ وار....

٣- صبح سندي آسري، ٿو تان ورسيون لک هزار....

٤- مون کي اڄ "مراد" چوي، ڏي دوست پنهون ديدار....

(٢)

سک نہ سهڻ سانڌ، ڏاڍي ڏير ڪري ويا،
آيل ماءِ!

١- پارڻ ڀاري ويا، اندر ارڙهہ جي ڀاه،
آيل ماءِ!

٢- عين اداسي ان ري، سرتيون سڪي ساهہ،
آيل ماءِ!

٣- ٻسڻ ڪارڻ پرِ جي، روز نهاريان راهہ،
آيل ماءِ!

٤- "مراد" سڪي توجن لئہ، تن کي آڻي من الله،
آيل ماءِ!

(٣)

آ ويڙهي وچ آلا، سائين، ميڏا رانجهن سائين،

١- چولي اندر ٻيٺا ٻولي، ٻهون لڳا مٺن نون ميٺا...

٢- ڪنان دے نال سنيندا هر، اکيان دے نال مين ڏٺا...

٣- هر پر حسن ديان فوجان چڙهيان، ٻين ڪاتي ذي نال ڪٺا...

٤- آک "مراد" مليوسے ماهي، فضل ڪريسي مرشد ميٺا...

(٤)

رانجھا ميڏے گھر آيا، سنئيان؟

١- وفي آنفسڪم ڏيک توڙهين تون،
سو دل اندر ھايا...
٢- جنھن ڪيتي مشن ڏونڍيندي رھندي،
سو شہ الله ملايا...
٣- جنھن دي حقيقت "مراد" ڪريندا،
تنھن ڪول آکے ڳل لايا...

(٥)

ھڻ ميں پئي ھي سانگ فقيري،
ھے فقيري دا ڪال.

١- ڪاپي ڪر سپ پيٽ ڀريندے،
سھہ کے ساري رات گنويندے:
ساري عمر دا ايھو حال.
٢- فقير ھوڪے ڀيک مگيندے،
مايا کو پرھم ڪرکے پوڇيندے:
من وچ سيڑ مقصد مال.
٣- گيان ڌيان سے دور پھيندے،
ڀيک بتا ڪر لوک رجھيندے:
رات ڏينھان ھے اے خيال.
٤- ڪيا مئن ڪيتا، ڪيا ھڻ چايان،
پاند ڪچي ڳل تئن ڪون ھايان:
ڪر "مراد" تے پلا پال.

(٦)

سودا عجب سامان ھے، مئن گھر آيا ڍول.

١- پير مرواھ سپ سودے دے وچ،
تن من ڌ تم تول...

۲- سڈرت نیرت سب گنواکے آکان،
وِسن ھمیش کول...
۳- گھر گھروندا سیکجھ ڈ تڑم،
ساھ سجن تان گھول...
۴- سفت "مراد" کیتوسے سودا،
جنھن دا تول نہ مول.

(۷)

چاک سڈیندے گھول گھتان، نینھن لگا رانجھو نال.
۱- نا مُن کنھن دي مکّ مگیندي، نا مُن ھیر سیال...
۲- رانجھن میڈے سِر دا سائین، جنھندي نینھن نھال...
۳- یار "مراد" ملیسي ماھي، کریسي رب اپنا پال...

(۸)

آویسن سجن وَلّے ھوئي اے درماندي دل.
۱- کنھن نون آکان حال اندر دا،
ڈے پانھین کِل...
۲- تو باجھون کُجھ نا باوے،
فالان پاوان پل پل...
۳- یار "مراد" او ڈینھن آوے،
ھوواں نال رانجھن رل مل...

(۹)

یاران دے نال بسنت ھمیش،
گھر آپڑے وچ رنگ رلیسان.
۱- رُت بسنت تا آوے جاوے،
نال نہ غیران ویسان...
۲- باغ اساڈا باغ بھاران،
نال سجن سُک پشیسان...
۳- بي حجاب ملیسم دل جاني،
ڈے گل بانھن "مراد" ھنجیسان.

(١٠)

تن من وسندا رانجهن سائين،
سر صدقي توتان گهول گهتائين.

١- قادر اندر قلوب گذاري،
رهندا زلف دي تخت هزاري،
روح رتا رنگ يار پياري،
هردم ويکين تي سک پائين.

٢- جيوين جيوين تيڏا درسن ويکان،
تيوين تيوين متولدي نيت متن جيوان،
پريم پيالا تيڏي دستون پيوان،
لائق لطفون دير نه لائين.

٣- ”مراد“ اندر وچ دلبر ديرا،
کيهر فقير دي ڪر وچ فيرا،
دنيا هڻي يه زين هسينرا،
بڪڙا کول تي پاجهون آلائين.

(١١)

بيخبر يار، دم غنيمت جاڻ!

١- اهو دم آوي، اهو دم جاوي-
دم هي سڀڪ سڃاڻ.

٢- اهو دم عاشق، اهو دم معشوق-
دم کون اِخالي نه اماڻ.

٣- اهو دم اوّل، اهو دم آخر-
دم ليون ”مراد“ سڃاڻ.

(١٢)

اڄ ڏولڻ آمي ميڏي گهر، سيڪا آکي هلو هلو!

١- ”ونحن اقرب“ نيڙي لذوبي،
نپال سڄڻ دي ميلو ميلو.

٢- دوست مليا، مَن ٿريا مِڙئي،
سڀڪا آ ڪي ڪيلو ڪيلو.
٣- ڪاوڙ آوڙ زلمل ميڱيان،
گيت سڄڻ ڏي آلو آلو.
٤- نيت بسنت مبارڪ ميڪون،
ڳاڪي "مراد" ڀلو ڀلو.

(١٣)

چرخي چيت لاءِ ڙي، چرخي چيت لاءِ.
١- آتڻ سئيان سڏ ڪريندي،
سَتي ڪيهڙا ساهُ...
٢- جنهان ڪيتا اوجاڳا، تنهان ڪتيا،
ٻئيان ڍول مناءُ...
٣- جي تون ٺال صراف ڏي ريجهين،
تند پريتون پاءِ...
٤- يار "مراد" سائيسي آهي،
جا جيندي مر ڪر چاءِ...

(١٤)

سُتھن پَهر آرام نہ آوي،
تو ٻاجهون ڪنچ مُول نہ ڀاوي.
١- پلپل ڏي وچ قالان ٻاوان،
ٿلا ڀوهي روز پڇاوان،
ڪاڪ قدم دي نيڻين لاوان،
تاري ڳڻيندي رات وهاوي.
٢- جو ڪُنچ ڪيتا تيڏي وڇوڙي،
قسمت ساري ٻيئي لوڙي،
هتن تان اين جيندسُول نہ چوڙي،
جي گهر آوين تان سک پاوي.

٣- عشق تُساڏي پرهہ پچايا،
سيڪ تُساڏي سانوڻ لايا،
آوڻ دا ڪرگهن ساجهر سعيا،
"مراد" ماڻ ڏي ٺا ويرم لاوي.

(١٥)

دوست جنهين دا دل وچ هووي، سا ڪيون ڪِليان ڪولي.
١- لوُن لوُن دي وچ جهوڪ جنهيندي،
ساسيتُول نہ ٿوپي اولي...
٢- اونچي سڌ ڪريندي ڪيئي،
آو ليت وسندا ڪولي...
٣- ميل "مراد" نہ وچڙيا ڪوئي،
آپ ڪيون ڪهتيندي پولي...

(١٦)

ڪيتي يار دي نال جو وعيد، ميان،
درد والي رکي ديد، ميان.

١- وحدت دي وڻجاري هو ڪي ڏيندي،
در در "هل مِن مزيد"، ميان.
٢- سير دي سود بي سورهيہ ڪريندي،
سُولي چڙهہ ٿيون شهيد، ميان.
٣- ماري مدد ڪو مِلي ڪر دور ڪرو،
چوڙ وجي يهوُدي يزيد، ميان.
٤- حب الوطن ايمان اساڏا،
"مراد" ڪرين ايهہ عيد، ميان!

(بياض "نيراڪي")

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻَڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَڻَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَڻَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سپني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جٿن جٿن جاڙ وڏي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا:

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ بنهي ۾ فَرقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽجاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)